سامي
ڪليات - آڏواڻي

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوبار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

سامي

مصنف

ڪليان بي. آڏواڻي
ايم. اي.
پروفيسر، جئه هند ڪاليج،
بمبئي.

چاپو پهريون] قيمت ٢-٠٠-٠ [آڪٽوبر ١٩٥٣ع
(ٻه روپيه)

SOORIH SINDHI ADAB

ڇپائيندڙ
چيتن ليکراج ماڙيوالا،
پروفيسر، جئه هند ڪاليج،
چرچگيٽ، بمبئي-١.

فهرست

صفحو	مضمون
١	١- سامي صاحب جو جيون چرتر
١٦	٢- سامي صاحب جي صورت ۽ سيرت
٣٢	٣- سامي ۽ شاهه
۴٦	۴- ساميءَ جو عاشقانو شعر
٥٣	٥- ويدانت ۽ سامي
٦٨	٦- ساميءَ جون تشبيهون
٨١	٧- ساميءَ جو ناصحانو شعر
٩٧	٨- انسان جو من ۽ آپو
١٠٧	٩- پورن ستگرو ۽ آدرشي جگياسو
١١٩	١٠- انهد شبد ۽ ديس ملار
١٣١	١١- ساميءَ جي ٻولي ۽ عبارت
١۴٠	١٢- ساميءَ جو نظم

SOORIH SINDHI ADAB

حق واسطا محفوظ

مصنف ۽ ڇپائيندڙ جي اجازت بنا، ڪو به شخص، هي ڪتاب يا انجو ڪو به حصو ڇپائي نه ٿو سگهي.

ديباچہ

هرڪنهن قوم جي سڀيتا جو سماءُ، اُنجي علم اَدب مان ٿو پوي. اُنجي ترقيءَ جو مدار بہ اُنجي اَدبي فهم، اَحساس ۽ شناس تي آهي. جا قوم پنهنجي ساهتڪ ذخيري کي سانڍڻ ۽ وڌائڻ جو اُدم نہ ٿي ڪري، سا جهٽ زبون ۽ اُجڙ ٿيو وڃي.

اَفسوس جو اَسين وطن کان وڇڙڻ بعد وڃون ٿا پنهنجي ادبي اقبال ۽ اوج کان روز بروز وڌيڪ غافل ٿيندا. اسانکي پنهنجي شاعرن وٽان هڪ بي بها روحاني خزانو ورثي ۾ مليو آهي. اسانجو فرض آهي اُنجي دل وجان سان حفاظت ڪرڻ، نہ تہ اسين پنهنجي هستي هرگز قايم رکي نہ سگهنداسين.

سامي صاحب هڪ اعليٰ سنت شاعر آهي، جنهنجي باڻيءَ ۾ هڪ عجيب آتمڪ آنند سمايل آهي. سندس سنديش اَسانجي بيحال دلين کي هڪ نئين شڪتي ٿو بخشي ۽ اسانجي ڀٽڪندڙ ۽ مايوس من کي سمارڳ ڏانهن ڪشش ڪري وٺي ٿو وڃي. هي عين وقت آهي جڏهين اَسين سندس اَمولڪ اَيڊيشن مان پورو فيض پراپت ڪري ٿا سگهون.

هن کان اڳ ۾، ”سامي ءَ جا سلوڪ“ انتخابن جي صورت ۾ ظاهر ٿي چڪا آهن ۽ سامي صاحب جو ذڪر ڪن مختصر مهاڳن ۽ مضمونن تائين محدود ٿي رهيو آهي. منهنجي دوست ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو ڪتاب، سامي صاحب جي جيون ۽ ڪوتا جو، سنڌي ساهت ۾ پهريون ئي دفعو، وسيع پيماني تي وستار ٿو ڪري. مونکي خاطري آهي ته اَدبي شايق اُنجو پورو قدر ڪندا ۽ اُنجا سنڌي پاڙهو اُنمان پورو فيض ۽ حظ حاصل ڪندا.

اِها منهنجي خوشقسمتي چئجي، جو منهنجي دوست ڪلياڻ، ”شاهه“ وانگر، ”سامي ءَ“ کي به شايع ڪرڻ جو شرف، مونکي عطا ڪيو آهي. اِها سندس لائقي آهي، جو مونکي ادبي خدمت ڪرڻ جو هي ٻيو موقعو ڏنو اٿس. هتي مان حيدرآباد سنڌ جي ڪلاڪار شري ناڪرداس ڪوڪل جا به شڪرانا ٿو مڃان، جنهن منهنجي ڪلپنا مان سامي صاحب جو چٽر چٽي، هن پستڪ کي هڪ سهڻو جامو ڏنو آهي.

بمبئي،

٢ آڪٽوبر ١٩٥٣ع.

چيتن ماڙيوالا

مهاڳ

"سنڌن ڪڍيو هٿ، هيرن ۽ لعلن جو"

روحاني شاعرن کي پيغمبريءَ جو پد عطا ٿيل آهي. سنڌ، حقيقي شاعرن جو آشيانو ٿي رهي آهي. هر هڪ سنڌي شاعر جي ڪلام کي پنهنجو جلوو، حسن ۽ زيب آهي. سامي صاحب جي ڪوتا کي به، پنهنجي نموني جي نزاڪت ۽ اهميت حاصل آهي.

تصوف جو اوج، شاه صاحب جي ڪلام ۾، شمس مثل، ظاهر آهي. سندس وفات کانپوءِ، سنڌ کي، سامي صاحب جهڙي نج ويدانتي ڪويءَ جي عين درڪار هئي. شاه ۽ ساميءَ جي ڪلام مان پڌرو آهي ته سنڌي شعر ۾، تصوف (عشق حقيقي) ۽ ويدانت (عقل حقيقي)، ٻئي ڪماليت تي وڃي رسيا آهن. سنڌ جي شاعرانه ادب ۾ اهو هڪ حيرت انگيز معجزو آهي.

"عشق ۽ عقل، ٻئي ساڌن سم جا."

سامي صاحب جي سلوڪن ۾ ايڪ گرنٿن ۽ شاسترن جو سار سمايل آهي. جن سندس سلوڪن جو ابياس ڪيو، تن جڻ مڙيئي آدي ويد ۽ اپنشد پڙهي پورا ڪيا. اهڙي پورن پرک جي گيان مان ڪيڏو نه آتمڪ فيض پراپت ڪري ٿو سگهجي!

"شاهه" جي شايع ٿيڻ ڪانپوءِ دل ۾ ازخود اُٿي هڪ غيبي جذبش جاڳي ته سامي صاحب جي شاين لاءِ به ڪو تحفو تيار ڪري، سندن خدمت ۾ پيش رکجي، ۽ ساڳئي وقت، پنهنجي قلب کي معطر ۽ اکين کي پوتر ڪجي. هي خسيس ورق، منهنجي اُنهيءَ عقيدتمنديءَ جو هڪ عاجزانه اظهار آهن.

"شاهه" جيان، "ساميءَ" کي روشنيءَ ۾ آڻڻ جو شرف به، منهنجي زنده دل دوست چيتن ماڙيوالا کي آهي. هُن صاحب جي سنڌي ادب سان ڪا ازلي محبت ٿي ڏسجي، جو هيڏي نازڪ سمي ۾ به، ادبي شغلن تي زر صرف ڪرڻ کان ڪوبه عار نه ٿو ڪري. اِها نيڪ روش، سندس دلي صداقت ۽ دوستاڻي حب جو هڪ سهڻو عڪس آهي.

هي ناچيز ڪتاب، ڪمال ادب ۽ نياز سان، سامي صاحب جي پوتر چرنن ۾ پيش رکان ٿو.

"اُها آد جڳاد، وات ٻٽي ويساهه جي."

بمبئي،
٢ آڪٽوبر ١٩٥٣ع.

ڪلياڻ آڏواڻي

سامِي صاحب جو جيون چرتر

”جو مري نہ ماڻهن جان، جانڪي تائين جيئرو،
مُنهنجي تنهين سان، آهي آر اندر ۾.“

جنم ۽ اصل نسل:

ڀائي چئنراء صاحب (سامِيءَ) جو جنم ١٧٤٣ع ۾، شڪارپور شهر ۾، هڪ ناميار ي ڏنوان سيٺ ڀائي ٻچومل لنڊ جي گهر ۾ ٿيو. سيٺ صاحب (سامِيءَ جي پتا) جو پيو نالو مرليڌر به چيو وڃي ٿو. ممڪن آهي ته سندس اصلوڪو نالو مرليڌر هجي، ۽ پوءِ سندس مائٽن، پيار وچان يا آسيس جي لحاظ کان، مٿس ٻچومل نالو رکيو هجي.

سيٺ ٻچومل جو واپار ڏيساورن سان هلندڙ هو. ايشور کيس هر قسم جو سک عطا ڪيو هو؛ ۽ سندس سڪيلڌو پٽ چئنراء، سندس سڀني پدارٿن ۾ مول پدارٿ هو. جيتوڻيڪ سيٺ صاحب سهڻي سڀاءَ ۽ ٻاجهاري طبيعت جو مالڪ هو، ۽ ڏنوان هوندي به، نهايت نهٺو

ٿي ورندو هو. انهن ۾ ٿو ٻڌجي ته سيٺ صاحب کي، پنجاهه ورهين جي اوسٿا ۾، آتمڪ رنگ لڳي ويو، ۽ هو صاحب آخر چڱي ڪمائي ڪري، پرم ڌام پڌاريو.

وديا ۽ ڪوتا:

اهو سماءُ نه ٿو پوي ته سامي صاحب ڪهڙن وديا گهرن ۾ تعليم ورتي. هو صاحب، شاهه صاحب وانگر اُمي نه هو. سندس وڏي پٽ ڀائي مينگهراج جي تصديق موجب، هو صاحب پنهنجا سلوڪ گرمکي لپيءَ ۾ ڪاغذ جي چٺڪين تي لکي، هڪ مٽ ۾ داخل ڪري ڇڏيندو هو. هن صاحب پنهنجي جيوت سنساري وهنوار ۾ گذاري؛ ۽ گرو به هڪ مها ودوان پنڊت ڪيائين. انهيءَ مان پرسنڌ آهي ته وديا جو وٽس وڏو ملهه هو.

سامي صاحب جي سلوڪن مان پڌرو آهي ته هن صاحب کي سنسڪرت سان گڏ، پارسي ۽ عربيءَ جو به گهڻو اڀياس هو. انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته جيسين قلب نه کليو هوس، تيسين علم جي چڱي تحصيل ڪئي هوائين. پروفيسر جيٺمل پرسرام ٿو چوي ته ”ساميءَ گرنٿن جو اڀياس به ڪيو ۽ پڻ راڳ، رهاڻ مان ڪجهه حاصل ڪيو.“ سامي صاحب پاڻ به اهڙو اشارو فرمائي ٿو: اُنمان ظاهر آهي ته گرنٿن جي اڀياس کان پوءِ ئي گروءَ جو سنگ مليو هوس.

پڙها سڀ پڙهي، حرف نه لڌوسين هيڪڙو،
ڪامل جي ڪرم سان، پڳي پرم گهڙي،
واڙو چمڪ وري، نور محل جي نيوَ لي.

ٻڌجي ٿو ته سامي صاحب جي وديا پرائڻ واري وقت ۾، شڪارپور ۾ هاٿي در وٽ، قاضي علي نواز نالي، سنڌ جو هڪ ٻرک عالم رهندو هو. چئي نه ٿو سگهجي ته سامي صاحب به هنجي علميت مان ڪو فائدو ورتو يا نه، پر زماني جي حالتن مطابق، ننڍي هوندي سنسڪرت سان گڏ، پارسي ۽ عربيءَ جو به اڀياس ڪيو هجيس ته شڪ ناهي. ڪي صاحب ته ائين به ٿا فرمائين ته سامي صاحب، پنهنجي همعصر شاعرن سچل، دلپت ۽ بيدل وانگر، پارسي (بلڪ عربي) ڪلام به چيو. ٻڌجي ٿو ته سامي صاحب عربيءَ ۾ هڪ گرنٿ رچيو هو، جنهن ۾ پنهنجي گروءَ جي اُستتي لکي هوائين!

سامي صاحب جي پارسيءَ جي ڄاڻ بابت، پروفيسر چيتنمل هڪ نئين ڳالهه ٿو ڪري: ”چوڻ ۾ اچي ٿو ته راولپنڊي شهر ۾، هڪ اعليٰ دل ۽ خيال وارو پٺاڻ، ڀائي چندراءِ جو وڏو سيٺ رهندو هو، جنهنجي سنگت ۾ ضرور ڪجهه پارسيءَ جو مايو پرايو هوندائين.“ جنهن صورت ۾، سامي صاحب پاڻ ئي هڪ خانداني سيٺ هو، تنهن صورت ۾ ائين سمجهبو ته مذڪور ”پٺاڻ“ سان، صرف ڪو واپاري ناتو ٿيو هوندس.

ڀائي مولچند گياني لکي ويو آهي ته ساميءَ، سلوڪن

کانسواءِ، ڪافيون ۽ شبد بہ چيا. گياني صاحب جي وچن کي وزن آهي، ڇو تہ نہ رڳو هن سٺ ورش جي حياتيءَ جو ٻہ حصو، سامي صاحب جي جيون سان ملي ٿو اچي، پر هن صاحب جي صحبت، سائين دلپت صاحب سان بہ ٿي هئي. ڀائي مولچند صاحب ۱۷۹۹ع ۾ جنم ورتو ۽ ۱۸۷۰ع ۾ چولو ڇڏيو. انهيءَ ڪري، هن صاحب جو رايو وڏي اهميت رکي ٿو.

سامي صاحب جو پارسي توڙي عربي ڪلام، ڪافيون ۽ شبد هميشہ عدم جي صندوق ۾ سمايل آهن. هن صاحب جي ڪماليت انهيءَ ۾ آهي، جو سنڌ جي صوفياني فضا ۾ رهندي بہ، هو صاحب پنهنجي سلوڪن ۾، ويدانت جو نج سار ڏيئي ويو آهي. قدرت وٽان هن صاحب کي ويدن جي خزاني جي ڪا ڪنجي عطا ٿيل هئي ۽ جڻ سنڌ جي صوفي درويشن جي وچ ۾، ڀارت جي هڪ پراچين رشيءَ، ٽئين سر اچي جنم ورتو هو. سامي صاحب جا مشتاق، ساميءَ بابت اهوئي ٿا فرمائين، جيڪي ملٽن بابت ورڊسورٿ فرمايو آهي:

*"Thy soul was like a star, and dwelt apart."

---

* پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ: ”مان ساميءَ کي سنڌ جو ملٽن ڪري سمجهندو آهيان...... پر ڌرمي ۽ اخلاقي هوندي بہ، ساميءَ جي سلوڪن ۾ ڀاونا جي اهڙي نہ سچائي سمايل آهي ۽ تشبيهون اهڙيون نہ رنگين آهن، جو هن کي ڪويءَ جي پدوي پراپت ٿي سگهي ٿي.“

همعصر شاعر:

سامي صاحب جي همعصر شاعرن ۾، سچل (۱۷۳۹ع-۱۸۲۹ع)، دلپت (۱۷۴۹ع-۱۸۳۲ع)، بيدل (۱۸۱۴ع-۱۸۷۲ع) ۽ گل (۱۸۱۰ع-۱۸۵۷ع) اچي ٿا وڃن، پر پهريان ٻه ڪامل ٿي سندس همسن چئبا. شاه صاحب ۱۷۵۲ع ۾ وفات ڪئي، جڏهين ساميءَ جي عمر فقط نوَ ورهيه هئي. انهيءَ حقيقت کي به وڏي اهميت آهي.

اسان جي درويش شاعرن، ڪٿي به پنهنجي ڪلام ۾، پنهنجي زماني جي سياسي اٿل پٿل ڏانهن، ڪو به اشارو نه فرمايو آهي. هنن، سنسار جي ساري پساري کي برهم جي ليلا ڪري مڃيو آهي. انهيءَ نسبت ۾ سارلي صاحب، شاه صاحب کي، مشهور جرمن فيلسوف ڪانٽ سان ڀيٽيو آهي، جنهن صاحب به، پنهنجن گرنٿن ۾ ڪٿي به، پنهنجي زماني جي سياسي انقلابن ڏانهن ڪو به اشارو نه فرمايو آهي.

صحبتون:

سامي صاحب جي واڻيءَ مان به ڪل نه ٿي پوي ته سندس زماني ۾، سنڌ ۾ ڪهڙا سياسي انقلاب ٿيا ۽ نه اها ٿي پروڙ پوي ته هن صاحب، پنهنجي ستگروءَ ڪانسواءِ، ٻين ڪهڙن روحاني بزرگن سان صحبتون ۽ خلوتون ڪيون. شايد انهن سان سندس ملاقاتون، جسماني نه، پر روحاني ٿيون هجن. البت، سامي صاحب هڪ هنڌ ڪاملن جي مجلس ڏانهن هڪ دلپذير اشارو فرمايو

آهي، جنهن مان پڌرو آهي ته هو صاحب، محبتين جي محفلن جو بيحد مشتاق هو، ۽ آتمڪ ڪچهرين جي پرتاب سان ئي ته روحي پد کي پهتو هو.

محبتين مڙي، مجلس ڪئي پاڻ ۾؛
پيئڻ پيارين رام رس، واڪن سان وڙهي؛
ستن پيو **ساميءَ** چئي، چيتن چنڊ ڪڙي؛
رهت وارن رڙهي، تنهين ۾ تـد روپ ٿيو.

ڪير ڄاڻي ته سنت جي همعصر عارفن، هڪ ٻئي جي صحبت ۾، ڪيتري قدر ”شوق جي شراب“ جا جام پيتا! معلوم فقط ايترو ٿو ٿئي ته انهن ڪاملن، هڪ ئي ڪوثر مان سرڪيون پي، هڪ ئي محبوب حقيقيءَ جي اُستت ۾، ”الهام“ جي ٻلٽ ڪئي آهي.

ساميءَ جي ستگروءَ بابت ٻه روايتون:

سامي صاحب جي ستگروءَ (سوامي ميگهراج صاحب) جي باري ۾، ٻه روايتون آيل آهن. ڪن صاحبن، هن مهاپرک کي، هڪ ڪشميري پنڊت ڪري ورنن ڪيو آهي ته ڪن وري ڪيس هڪ بهاولپوري برهمڻ ڪري ڄاڻايو آهي.

ڪشميري مت:

ڪشميري مت وارن صاحبن جو چوڻ آهي ته سوامي ميگهراج جو پتا، ڪشمير جي راج دربار ۾ هڪ وڏيءَ

ٻڌويءَ ٽي هو. هن صاحب کي ٽي پٽ ۽ ٻه ڌياڻيون هيون ۽ اُنهن سڀني ۾ ننڍو سوامي ميگهراج هو. سوامي ميگهراج، پنهنجي پتا کان گُر ودـيا ورتي، امر پد پراپت ڪيو. سندس پتا جي ديهانت ڪانپوءِ، ڪيس ڪشمير جي راڄ دربار ۾ ساڳي پدوي آڇي وئي، پر هن صاحب اُها سويڪار نه ڪئي.

”ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهين نه مال“ (شاه)

فرمايائين ته ”مان دنيوي پدارٿن کي ڇا ڪندس! ايشور مونکي پنهنجي جوت ڦهلائڻ لاءِ ٿي رچيو آهي.“ هن صاحب ٨٥ ورهين جي اوستا ۾ سرير تياڳيو. ڪل نه آهي ته جڏهين ساميءَ جو ساڻس اوائلي ميلاپ ٿيو، تڏهين سندس اوڌ ڪيڏي هئي؛ پر ايترو سماءُ آهي ته اُن وقت ساميءَ جي عمر صرف ٢٣ ورهيه هئي.

متئين روايت موجب، سامي صاحب، جوانيءَ جي وقت کان وٺي، پنهنجي گروءَ جي صحبت ۾ آيو؛ جيسين سوامي ميگهراج صاحب حيات هو، تيسين سندس سنگ جي رنگ ۾ رتو رهيو. جي ڪشميري مت ۾ صداقت آهي ته چئبو ته سامي صاحب، پنهنجي ٻاليءَ جو چڱو حصو، ڪشمير جي فضا ۾ چيو هوندو. ڪشميري فضا جا اُهڃاڻ سندس واڻيءَ مان ٻه ملن ٿا:

”پريت وڏائي پنهنجي، ماڻـــن درسن دور،
جڻن مڇن مـــور، ٻڌي گرج گگن جي.“

"وسي مينهن مـلار، اُٺـي ڀـر آڪاس ۾،
ڏرلـي سـب ڌُـري ٿي، کليو گـل گلزار."
"ونـڙا ڪرم ڀڳي، ڏسي پريم ڀـر ڀـاڳ ڪي،
ٻـڌي گاج ساردول جي، جڻ مرگهن جوءِ لڳي،
ٽـٽـڙا چـور لڳي، **ساڌي** راڄ درٻـار ۾."
"ٻـگلو ڍيس ڪري، هنس سان حساب رهي،
هو نرمل ڪون ڀـري، هو ڪپٽ ڌيان ڌري،
هو موتـي ڪاڻي مانسر، هو مڇيءَ ڪاڻ مـري،
ساڌي ساک ڀري، مـرم ويچاري من موُن."
"سهج سمير چڙهيو، شيوڪ سا ٻرس جو......"

ڪشمير مت وارا صاحب ائين ٿا فرمائين ته سامي صاحب، پنهنجي ستگروءَ جي هڪ سنڌر سماڌي، سوامي مينگهراج صاحب جي ڪشمير واري گهر جي باغيچي ۾ جوڙائي هئي! اِهي صاحب ائين ٿا فرمائين ته سامي صاحب جي سماڌي ۾ اُنجي ڀـرَ ۾ آهي! ايشور ڄاڻي ته سچ ڇا آهي.

"آڌيسي آئي وڻـا، ڀيٽي اَڌامي رڪـ." (شاه)

ٻهاولپوري مت:

ٻي روايت آهي ته سوامي مينگهراج صاحب، ٻهاولپور رياست جي احمدپـور ڳوٺ جو وينل هو. هن صاحب هڪ لـڳا ڦـڻا سان اچي، شڪارپور شهر ۾ هاٿـي در

وٽ، مهراج هيمنداس جي مڙهيءَ ۾ ٽڪاڻو ڪيو. ور ڏاتا جي آنگ، سامي صاحب کي اُنهيءَ مڙهيءَ ۾ آڻي، ڪيس هن مهايوگيءَ سان صحبت ڪرائي. پروفيسر ٿيرواڻيءَ ٽوڙي ديوان ڪوڙومل ساڳي ڳالهه ڪئي آهي.

عالمن جا رايا:

ديوان ڪوڙومل لکي ٿو: ”اُنهن ڏينهن ۾، مينگهراج برهمڻ، جو اصل بهاولپور علائقي ۾، احمدپور شهر جو وينل هو، سو شڪارپور ۾، هاٿي در وٽ، هيمنداس برهمڻ جي مڙهيءَ ۾ رهندو هو. ڪي ماڻهو هنکي منگترام به ڪري سڏيندا هئا، پر سندس پڌرو نالو مينگهراج آهي. هيءُ سنسڪرت پڙهيل ۽ ڏاڍو بڌوان هو ۽ ڪاو ۾ به پختو هو. نارائڻداس بيراڳي، جنهنجو ٽڪاڻو شهر ۾ اڄ تائين آهي، سو هنجو سنگتي هو. ياٽي چنڊراءِ جو به اچي اُنهن سان پرچو ٿيو؛ پر سندس گرو، مينگهراج هو ۽ اُنهيءَ کان وديا پڙهندو رهيو. اُن ڏهن ورهين تائين وديا پڙهندي، ۽ اُنجي سنگت ڪندي، هنکي ويراڳ اچي ويو، تنهنڪري پنهنجيءَ استريءَ سميت، امرتسر هليو ويو. اُتي سندس ابياس وڌندو ويو. پوءِ چاليهارِي ورهين جي عمر ۾، ويراڳ ورتي ڌاري، هي سلوڪ چوڻ لڳو.“

پروفيسر ٿيرواڻي، شانتي شهاڻيءَ جي “Song of the Spirit” (ساميءَ جي سلوڪن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو) جي ديباچي ۾ لکي ٿو: ”سوامي مينگهراج بهاولپور رياست

جي احمدپور ڳوٺ جو ويٺل هو. قضا سان هي مهاتما اچي شڪارپور ۾ نڪتو ۽ هاٿي در وٽ مهراج هيمنداس جي مڙهيءَ ۾ اچي رهيو.*

ستگروءَ جو اوائلي درشن:

ساميءَ اوائل ۾ پنهنجي گروءَ جو درشن ڪئن پراپت ڪيو، تنهن بابت به هڪ اچرج جهڙي وارتا آهي. هڪ رات ياٿي چندراءِ خواب ۾ پنهنجي سنمک هڪ مهاپرڪاشي پورن پرک ڏٺو، جنهنجي مکارونِد مان هي وچن نڪتا: "ستل لال! اُٿي پاڻ سڃاڻ. مونسان پريت رکي، آدرشي رهت ڌار ۽ ايشور جي سرن وٺي، پنهنجو اوديا ڀرم نوار."

ڪن جاڳندي ڏٺهن، ڪن ڪي پلڪ ۾ پرچو ٿيو. ياٿي چندراءِ، پره ڦٽيءَ جو سڄاڳ ٿيڻ سان ئي، خواب ۾ ڏٺل مهاپرک جي درشن لاءِ تڙپڻ لڳو. سارو ڏينهن، هرڻ ۽ هما وانگر، پرينءَ جي پسڻ ڪاڻ سرگردان رهيو، پر جالب جي جوءِ ڪٿي به نظر نه آيس.

---

*"Swami Menghraj hailed from the village of Ahmedpur in the Bahawalpur State. This Mahatma happened to come to Shikarpur and put up in the cloister of Maharaj Hemandas near Hathi Gate."

هو صاحب هڪ هنڌ ايترو به ٿو ڄاڻائي ته "چار هزار چار سؤ سلوڪ گرمکيءَ ۾ آهن، جنمان ايڪيهه سو سلوڪ، ديوان ڪوڙيمل عربي لپيءَ ۾ ڇپايا".

ڇڻڪ پيئي ڇولي، عجائب عشق جي،
ده دس پيئس دوس کي، فڪر سان ڦولي.

ليمڻ سنڌيا مهل، اُوراس تي گهر واپس آيو ۽ سندس سيني ۾، محبوب جي ديدار لاءِ اهائي ئي عدد سڪ هئي.

هڪ ڏينهن، هو صاحب پنهنجي دڪان لي، ڪپڙي جي وڪري ۾ لڳو پيو هو ته اوچتو پنهنجي سامهون، اُهو ساڳيو خواب ۾ ڏٺل مهاپرک بيٺل ڏٺائين.

اوچتو اچي، سڄڻ بيٺو سامهون،
ساهي سڏ ڪيو ڇوي، ڪورڳڻ منجهه رچي،
سمجهي ڪنهن سچي، اها ڳالهه اگم جي.

پائي ڇنڊاءِ پنهنجي ڪرت ڇڏي، اُمالڪ پنل اکين سان وڃي، سوامي مينگهراج صاحب جي چرڻن ۾ ڪريو. ستگروءَ کيس ڪوڏ مان پانهن کان وٺي، پنهنجي هردي سان لڳايو.

پنٿ ڪئي پاون، ساهي کيو ستگروءَ،
پرچي ڏنائين پانهنجو، نج نرمل درشن،
ٽٽڙو من امن، اوديا ڪلپنا نه رهي.

انڪان پوءِ، سوامي مينگهراج صاحب، پنهنجي پياري شش جي گهر ۾، چاليهه ڏينهن رهڻ قبوليو. انهن چاليهن ڏينهن ۾:

”پاڙهي کيو پرڪ، مرشد خام مريد کي.“

سامي صاحب، پنهنجي گروءَ جي مهر سان، هڪ مها پرش ٿي پيو:

جنهن ڪن ڏني، پد ۽ گيان گروءَ جو،
پڙهي تنهن پورا ڪيا، شاستر سڀيئي.

چون ٿا ته سوامي مينگهراج جو، پاڻي چنڊراءِ تي ايترو ته پيار هو، جو هو هميشه ڪيس پاڻ سان گڏ، پنهنجي ڪٽ تي وهاري، انيڪ واڪيه پڙهائيندو هو. پڄي ٿو ته انهيءَ ساڳيءَ ڪٽ تي ئي، ساميءَ پنهنجي ستگروءَ جي ديهانت ڪانپوءِ، آتمڪ ڪمائي ڪئي. سوامي مينگهراج ڪهڙي هنڌ ۽ ڪڏهين چولو ڇڏيو، تنهنجي ڄاڻ پئجي نٿي سگهي.

امرتسر وسائڻ:

ديوان ڪوڙيمل ڄاڻايو آهي ته ساميءَ پنهنجي گروءَ کان اٽڪل ڏهه ورهيه وديا وٺي، ويراڳ ورتي ڌاري، وڃي امرتسر وسائي. سمجهجي ٿو ته گروءَ جي چالاڻي کانپوءِ ئي، امرتسر وسائي هوندائين. سامي صاحب، پويان ڏينهن، شڪارپور ۾ انهيءَ آستان تي گذاريا، جنهنکي هينئر ”ساميءَ جو ڪوهه“ ڪري ٿا سڏين.

ديهانت:

سامي صاحب جي چولي ڇڏڻ جي تاريخ بابت به ڪو پڪو رايو نه ٿو ڏسجي. ڪي صاحب سندس اوستا ٩٢ ورهيه ٿا ڄاڻائين، ته ڪي ١٠٧ ۽ ڪي وري ائين

ٿا فرمائين ته هن صاحب جي آورجا، سنت ڪبير کان ٻه وڌي ٿي يعني ١١٠ ورهيه. پر گهڻن صاحبن جو رايو آهي ته هن صاحب ١٨٥٠ع ۾ سرير تياڳيو يعني انگريزن جي سنڌ ۾ آئي کان، ست ورهيه پوءِ.* ديوان ڪوڙومل ١٨٨٥ع ۾ لکي ٿو: "ڪي ماڻهو چونٿا ته هنجي (ساميءَ جي) عمر ٻهڇهت ورهين جي هئي؛ پر اها ڳالهه وسهڻ جهڙي نه آهي. گهڻن ماڻهن جو چوڻ آهي ته جڏهين هن چولو ڇڏيو، تڏهين هنجي ڏاڍي وڏ اوستا هئي. سندس چالاڻي کي ٻهڇٽيهه کن ورهيه ٿيندا. سندس پٽ گهنشامداس، جنهنکي مئي ٻه ٽي ورهيه ٿيا، سو ٻهڇونجاه ورهين جو هو. چونٿا ته اهو پٽ سٺر اَسي ورهين جي عمر ۾ ڄائو هوس، تنهنڪري ڀائنجي ٿو ته ڀائي ڇهتراه جي عمر سؤ ورهين کان مٿي هئي. ڏسجي ٿو ته سنبت ١٨٠٠ ڌاري هنجو جنم ٿيو ۽ هنجو چالاڻو ١٩٠٧ ڌاري ٿيو."

شاعر مسرور ٻه ساميءَ تي جوڙيل نظم ۾ لکي ٿو:

"سن عيسوي ارڙهين صدي، ٻهڄاه جو پرچار هو،
سؤ ست ورهيه جيوت پڄاڻا، پار هن هسوار هو."
(سنڌو)

---

* پروفيسر ڦيرواڻي لکي ٿو:

"Swami, the saintly poet, lived upto a hundred and seven years and died in 1850, seven years after the British occupation of Sind,"

گروءَ ۾ فنا:

سامي صاحب، پنهنجي هستي پنهنجي گروءَ ۾ ائين گم ڪري ڇڏي، جئن مولانا جلال الدين روميءَ، پنهنجي ڪامل مرشد شمس تبريز ۾. ٻنهي ڪاملن پاڻ کي پنهنجن گرن جي نالن سان پرسڌ ڪيو آهي.

"پرينءَ ڏريو پانهنجو، نماڻيءَ ني نانءُ."

ساميءَ ڪٿي پاڻ کي "ميگهو" ته ڪٿي "ٻانڀڻ" ٻه ڄاڻايو آهي. ٻورن گروءَ ۽ "شڌ شيوڪ" جي وچ ۾ رتيءَ جو ٻه ويڇو نه رهيو:

ٻانڀڻ جڏهن ٻڌا، انيڪ واڪ عشق جا،
پرچي ڪٿي تڏهن پانهنجي، مڪتيءَ مدعا،
جانيءَ ڪون جدا، ڪڏهين ٿئي ڪينڪي.

سلوڪن واريون چٺڪيون:

سامي صاحب، پنهنجي واڻي، آتمڪ خمار ۾ چوندو هو. سلوڪ، گرمکي لپيءَ ۾، * ڪاغذ جي چٺڪين تي لکي، ويندو هو هڪ مٽ ۾ داخل ڪندو. حافظ شيرازيءَ بابت ٻه ساڳي روايت ٿا ڪن. چوندا ته حافظ جو ڪلام، سندس دوست گل اندام گڏ ڪيو. سامي صاحب جي واڻيءَ کي ڪٺي ڪرڻ جو شرف، سندس ڀٽ ڀائي گهنشامداس کي مليو. پروفيسر ڦيرواڻيءَ ڄاڻايو آهي ته سامي صاحب جي وڏي ڀٽ ڀائي ميگهراج جو چوڻ هو

* هيمٿر ديوان لالچند امرڏنومل، ساميءَ جي سلوڪن کي، ديوناگري لپيءَ ۾ تيار ٻيو ڪري.

ته سامي صاحب پنهنجا سلوڪ، چنڪين يا ٽڪرين تي
لکي، هڪ مٽڪي ۾ وجهي ڇڏيندو هو. ڪن صاحبن
جو چوڻ آهي ته ڪويءَ جي چالاڪي ڪانپوءِ، اهي
چٽڪيون ڪجهه عرصو الوپ هيون؛ آخر هڪ ساڌ انهن کي
هٿ ڪري، آڻي ڳڙهياسين جي هڪ ٽڪاڻي ۾، امانت
ڪري ڏنيو.

”عاشق ڪين لکن، سورج جان سنسار ۾.“

واڻيءَ جو پرتاب:

سامي صاحب جي جيوت بابت بي ڪا به وڌيڪ
ڄاڻ پئجي نٿي سگهي. سنت سڄاڻ پنهنجي واڻيءَ ۾
اُنين وياپڪ آهن، جئن پشپن ۾ سڳنڌ.

جئن گلابي گل، ڏئي خوشبوءِ خوشيءَ جي،
تئن اوڌوت انيڪي، ڪن اپديش اصل.

سامي صاحب جي واڻي، هڪ بي بها آتمڪ خزانو
آهي. اهڙين واڻين جي وسيلي ئي، منش، سنسار جو
ڀوساگر تري سگهي ٿو.

واڻيءَ ڏني هٿڙا، ساگر لنگهايو،
سمجهي سمجهايو، لنگهين سکي ٿيو سامي چئي.*

---

* ديوان ڪوڙومل لکي ٿو: ”هي سلوڪ، نه رڳو ڪاويه
جي سنڌ رتنا ۽ ميناج ڪري، پر انهن ۾ جو ڳوڙهو آتمڪ
ويچارن جو ڀنڊار آهي، تنهن ڪري سنڌواسين کي الهي
ڀريه آهن. اهوئي سنڌي ڪاويه جو پستڪ آهي، جو
ساڌو ۽ ڀڳت جن، ٽڪاڻن ۽ گهرن ۾ پريم سان پڙهندا
آهن.“

ساميءَ صاحب جي صورت ۽ سيرت

"جو پرينءَ ڏيکاريو پير، آءٌ انهيءَ تي آهيان."

شڪل شبيه:

ساميءَ صاحب جي ڪٿي به ڪا تصوير نظر نٿي اچي. چوندا ته هو صاحب هڪ نهايت روپونت ساپرس هو. قد جو به ڏاڍو ٺاهوڪو هو. سندس سندر مکڙي جي مرڪ تي هر ڪو موهجي ويندو هو. چهرو هميشه چنڊ رما جيان ٻهڪندو پيو هوس.

"رندن سندي روءِ، چمڪي چوڏس چنڊ جيان."
(بيدل)

رهڻي ڪهڻي:

ساميءَ صاحب، زبان جو به نهايت مٺو هو؛ ڳالهائيندو هميشه پاٻوهه پيرائي ۽ شيرين نموني ۾ هو، جنهنڪري هرڪنهن جي هردي کي، پريم جي ڏوريءَ ۾ ٻڌي ڇڏيندو هو. هن صاحب، پنهنجي حياتيءَ ۾، ڪنهنکي به نه رنجايو يا ڏکويو. سندس رهڻي ڪهڻيءَ جو اُصول، شيخ سعدي شيرازيءَ جي اصول جهڙو هو:

"شنيدم ڪه مردان راهه خدا،
دل دشمنان هم نڪرداند تنگ."

"پڌم ته رباني راهه تي هلندڙ پرشن، ڪڏهين شترن جي دل ڪي به نه ڏکويو."

سامي صاحب جي رهت آدرشي هئي. هو صاحب، ويس توڙي ڪاڏي پيٽي ۾، نهايت سادو هوندو هو. ڪپڙا صاف ۽ اوجل پهريندو هو؛ ڏيک ويک ڪان اڻتري قدر پري هو، جو ڏوتي به بنا رنگين ڪنار جي پهريندو هو. پهراڻ هميشه سفيد سوٽي ڪپڙي جو هوندو هوس. مسڪينيءَ جو مشتاق ۽ اهنڪار جو ورودي هو. سلوڪن ۾ ور ور ڏيٺي هت هارڻ ۽ غريبي ڌارڻ جو منتر اُچاريو اٿس:

گريبي گلزار، اٿي موچاري ميٺکهو چوي؛
ساڙڻ ڪارڻ جڳ ۾، اٿي ابر اهنڪار؛
اسان پيٺي پول پڌائيا، توهين ڪي تڪرار؛
اڳتي اوهان جو اختيار، اسان چيو حرف حساب جو.

سندت، پڌهنجي رهڻيءَ ۽ ڪهڻيءَ جي وچ ۾ تر جو به فرق نه رکندا آهن. سامي صاحب جي باڻي، سندس آدرشي چرتر جي آرسي آهي. سندس سلوڪن ۾ گهڻو زور، "رهت،" "مرم" ۽ "ادب" تي آهي.

"ادب ري اجهاڳ، ڪن سينگار سرير جو."
"سو جوڳيسر جاڻ، مندرا جنهن مرم جون."

واپاري ۽ گرهستي:

سامي، سنسار جي ورلي ۾ هليو هو صاحب، ظاهري طرح، هڪ واپاري ۽ گرهستي ٿي رهيو پر اندر ۾ سوداگري سچ جي ڪمايائين، وڻج، ڪميا ۽ نيزاري جي وکر سان ڪيائين. هو صاحب، اهو "ورلو واپاري" هو، جنهنجو چٽو پاڻ چيو اٿس:

ورلو واپاري، ڪو سودو ڪري سچ جو؛
پوري کيت ڪميا جي، ڀڳت جي ڀاري؛
سامي لوڪ پرلوڪ جي، سڌ رکي ساري؛
ڪري نيزاري، سنمک ٿئي شاهه سان.

گرهست ۾ هن رشيءَ لاءِ "آئيني جهڙو" هو، جنهن پاڻ اشارو فرمايو اٿس:

"گياني ڪي گرهست، آهي آئيني جهڙو."

سامي صاحب ور ور ڏني "ساپرس سوداگرن" جي اُستتي ڪئي آهي. سنسار پوساگر جي ڪنڌي مان، سچن سوداگرن جي ٻيڙي، پريم جي پرتاب ۽ گر گيان جي پرڪاش سان، سلامتيءَ سان اُڪري، وڃيو ابدي امن جي ڪناري تي رسي ۽ پرڪوڙا آخر وڃيو عميق جي اونهاهه ۾ ڪرن.

ٻيڙي سنهر چڙهي، سوداگر ساپرسن جي؛
سودي سار اپار سان، پورن پريم پري؛
ڪن، ڪپڙ، لڙ، لهر، **سامي** ڪين اڙي؛
ٻنا گهاٽ گهڙي، گڏڪاري گر گيان سان.

پاکنڊ جو وروڌي:

سامي صاحب جي ٻاڻيءَ مان پرسڌ آهي ته هن صاحب کي پاکنڊ لاءِ سخت نفرت هئي. ڪپٽي پنڊتن ۽ فريبي ملن کي، سچل وانگر، بي خوف ٿي ڇليو اٿس. ور ور ڏيئي، ويدن جي وادين جي ڪوڙي روش کان، اسان کي آگاهه ڪيو اٿس:

ويدن جا وادي، اسين آهيون ڪينڪي؛
نڪي جاڻون ڇت ۾، ڪا اڪل اُستادي.

سچل به ملن ۽ قاضين کي ساڳئي نموني ۾ شرمسار ڪيو آهي:

”نڪي قاضي، نڪي ملا، معلم پير ٻٽيا سين،
نڪي ناهه نگيءَ جا ناهي، رنگ وساءِ رکيا سين.“

سامي صاحب به قاضين ۽ ملن جي ڪوڙي علم ۽ ڪج روش ڏانهن اشارو ڪيو آهي:

”پڙهن مڪجهه پٿهي، تو حرف نه لڌو هڪڙو؛
توکي ڪل ڪيهي، قاضي ڪتابن جي؟“

”ملان! منهي ماءِ، پڙهي پرجهه ڪينڪي؛
وهاڻي ويندا، ورق سڀ وسري.“

پڙهيل پنڊتن کي به ساڳئي رنگ ۾ چٿيو اٿس. پوٿين جو سار، سمجهن ڪاڻ نه ڪين، پر رڳو ڏيکاءَ لاءِ وٿن ٻين کي پرپوڙ ۾ اپديش ڏيندا.

سو سخن نه سڃاڻن، واچن ورق وري وري؛
پنا پوٿيءَ جا پڙهي، پنڊتائن پڻ؛
سي ڪاغذ ڪوه ڪين، جنکي سوجهي ناه سرير جي.

سامي، پنڊتن ۽ ملن تي، وڏائيءَ وچان خنده نه ٿو ڪري. هو صاحب ڪين رمز سان سڌارڻ جي ٿو ڪري. اهڙو نه نمرتا جو صاحب آهي، جو پاڻ کي اَمالڪ اِنهيءَ رانزنيءَ کان روڪي، پنهنجي من کي ٿو سمجهائي ڏئي:

سامي ٿون سمجهاءِ، گرگم پانهنجي پاڻ کي؛
پائي سک سروپ جو، در در ڪيم پنڊاءِ؛
مٿان من جي پاءِ، وهي وڃن وه ۾.

پر سندس دل کي اِنهيءَ ڳالهه تان ڏي صدمو رسيل آهي، جو ويدن جا وادي، پاڻ کي مت ڏيڻ جي بدران، ولـن ٻين جي مٿان گيان وارتائون پلٽيندا! ساميءَ جي نظر ۾ اِهو اُپراڌ اهڙو آهي، جهڙو پنهنجي گلي ۾، پنهنجي هٿن سان ڦاهي وجهي آپگهات ڪرڻ. سامي صاحب کي، اهڙن ودوانن جي نسوري چرپائيءَ تان، بيحد دک آهي.

چرپا سي چئجن، جي پاڻ سڃاڻن ڪينڪي؛
ڳالهيون ويدن جو پنڊي، مرم نه رکن من؛
پنهنجي ڳچيءَ ڦاهي، جوڙي سيل وجهن؛
سامي ڪين ڏسن، جهالي پائي گهر ۾.

سامي صاحب "رهس" جو اوتار هو. هن صاحب، مندرن ۾ مڙهين ۾ رکيل ٺاڪرن جي سکڻي پوڄا ۾ ميون، کنڊن ۽ کيرن جي ڀوڳ کان، "آدم ديو" جي شيوا کي اُتم ڪري ڄاڻايو آهي. "ورلو ڪو ڪري، پوڄا آدم ديو جي." اِها ڳهڙي نه ٻي درد روش ڇٽي، جو هيڏانهن ٻرهم جو روپ منش، ٻکن ۾ بيحال ٿيو، هن پرٿويءَ تي پيو ڀٽڪي، ته هوڏانهن مندرن ۾ روزانو مليدن ۾ مڻن جو زيان پيو ٿئي!

ديوي ۽ ديوا، مورک پوڄن مت ري؛
لائن ڀوڳ ڀرانت جو، کير کنڊون ميوا؛
ورلو ساڌ ڪري، **سامي** سنت سيوا؛
الک اڀيوا، پورن ڏسي ٻرهم سان.

هيڏانهن پوڄارين جا اِهي افعال، ته هوڏانهن مورک پنڊتن جا هي حال، جو ٻين کي ويدن جا منتر ٻڌائيندي، پاڻ وڃن مايا جي وهه ۾ سيڙهي کان ٽڪرا وهندا!

مورک واد ڪئي، پنڊت ڇڏي پاڻ کي؛
ٻڌايائين سڀ کي، چاريئي ويد ڇڻي؛
سامي سار سروپ کي، ڪيائين ڪين سڃي؛
وتڙو پاڻ وهي، ڏيئي هٿ ٻين کي.

اهڙن پنڊتن جي گيتا ۾ به نندا آهي. ساميءَ جي واڻيءَ ۾ گيتا جي سلوڪن جو سار اچي ٿو وڃي. سري ڪرشن ڀڳوان، ارجن کي ٿو چوي: "جڏهي ٻڌ مونسان

ڪاٺي، اُنهنجي ڳالهه ٻڌ! اُنهنجي ٻڌي گهٽي ۽ هميشه ٻيڻي پئي ٿي. جڏهن ۾ خيال ڪن، ان ۾ برابر نه لڳين. وري ڪهڙا آهن، جنجو لڇو مولسان ڪونهي. منهنجي پاڻيءَ سان ماڻهن کي ۽ ديوتائن کي پوڄين ۽ ماڻهن کي اُپديش ڪن. اهڙا انڌا مورک پاڻ کي پنڊت سڏائيندا. هي ارجن! ويد جي وچن ڪري پاڻ به موهيا پيا آهن ۽ لوڪن کي به پيا موهين." *

هڪ سچي "رهتوان" جي حيثيت ۾، ساميءَ کي بيڪدارين جي هلت تان بيزار آهي. گيڙو پهريندڙ بيراڳي ۽ مٿو ۽ ڏاڙهي مڏائيندڙ مهنت به عجيب مورتون آهن! هردي جي شڌيءَ کي ڇڏي، وڃيو وارن جي صفائيءَ کي لڳن! منجهن ڪو ورلو ايشور جي درشن جو پياسي آهي، ٻيا مڙيئي هر هر پنهنجوئي درشن ڪري، پرسن ۽ ڪرتارٿ پيا ٿين.

جوڳي، سنياسي، بيراڳي، ٻانيڻ گهڻا؛
نانا ڀيک جڳت ۾، سڀوڙا اُداسي؛
تنهين ۾ ڪو هڪڙو، درسن جو پياسي؛
جنهنجو ڦند ڦاسي، سامي ڪٽيو ستگروءَ.

---

* هي وچن، منهنجي سرڳواسي دوست پروفيسر ارجن ميلواڻيءَ جي ياد ۾، شري دليپسنگ جي ڇپايل گيتا مان آهي. اهڙيءَ طرح کي ٻيا وچن ڀي، ساڳئي ڪتاب مان، ڪن هنڌ آندا ويا آهن. سرڳواسي نهايت اُتم خيالن وارو نوجوان هو.

مٿين سلوڪن مان پرسڌ آهي ته سامي صاحب ڀيڪ ۽ پاکنڊ جو وروڌي هو. انگريزي شاعر ملٽن به سامي ءَ وانگر هڪ سڌ شاعر هو. هن صاحب، 'Paradise Lost' ۾، ڌرم جي کيتر ۾ پاکنڊ ڪندڙن کي، ٻگهڙن ۽ چورن سان ڀيٽيو آهي. "جئن ٻگهڙ شڪار لاءِ، لوڙهو لتاڙي، ڌڻ ۾ ڪاهي پوندو آهي، ۽ چور، درين کان شاهوڪار جي گهر ۾ ٽپي پوندو آهي، تئن پاکنڊي به، ڌرمي آستانن ۾ اچيو ڪاهي پون." اپنشدن ۾ به ڀيکدارين جي هلت تي ڪرڙي ٽيڪا آهي. *

سنتن جو پياسي:

سامي ءَ جي سلوڪن مان ظاهر آهي ته ڪوي، سچن سنتن جو پياسي هو. سچ جي تلاش ۾، نه رڳو ويدن ۽ شاسترن جو ڳوڙهو گيان گرهڻ ڪيو اٿس، پر جتي به ڪنهن ساپرس جو ڪو سهڻو وچن ڏٺو يا ٻڌو اٿس، ته اتان انکي کڻي، پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چاڙهيو اٿس. انهيءَ واکين کي، انهيءَ واکين سان سينگاريو اٿس. سندس هردي ۾، سچن درويشن جا سخن، هردم اڪريا پيا هوا. سامي صاحب نه رڳو شاهه صاحب ۽ ٻين ڪن معروف عارفن جا قول، پنهنجن سلوڪن ۾ آندا آهن، پر ڪيترن

* "And moreover, there are others, who wear their hair in a twisted knot...... who falsely wear the red robe, ear rings and skulls. With these one should not associate."
(Maitri Upanis had – Prof. Hume's translation)

اڪل هندو ۽ـوڙي مسلمان فقيرن جي وچن ڪي ٻـ،
پنهنجي باڻيءَ ۾ درج ڪيو اٿس.

جنڪي جائي ياد، آءُ ياد ڪريان نت تنڪي.

سندس باڻيءَ ۾ ڪيترن ئي اڪل سنت پرشن جا وچن ۽ نالا اچي ٿا وڃن. مثلاً پتو، ساجن، امين، مگڻ، بادل، لکو، سکو، بالو ۽ فريد وغيره * از آنسواء، مشهور درويشن ۽ ”گرسنتن“ جي وچن ۽ نالن جي به کمي ڪانهي: جهڙوڪ شاه، شاه عنايت، روحل، روداس، ڪبير، نامديو وغيره. پروفيسر جيٺمل پرسرام لکي ٿو: ”سامي، اڪريءَ مذهبن به واقف آهي. ڪانئس اڳي، جيڪي سنڌ ۾ شاعر ۽ تصوف جا صاحب ٿيا، جيڪي هندستان ۾ پراڻا اپنشدي ويدڪ ڄاڻو ۽ پوءِ شاعر هوا، تن سان گڏ فارسي شاعرن جو به واقف آهي. ايراني ۽ آرياڻي، پارسي ۽ سنسڪرت، پراڪرت ٻولين، ساهتن ۽ سپيتائن مان، جو صوفي ملاءُ ٿيو آهي، تنهنجو پورو ڄاڻو هو......... سلوڪن مان سندس علميت، روحانيت ۽ شخصيت جون شاهديون ڪوجهڻ جڳائي.“

---

* ڪي صاحب شايد ائين ٿا فرمائين تـه ٻين سنتن جا وچن، ساميءَ جي واڻيءَ ۾ ڪنهن غلطيءَ وچان اچي ويا آهن. پر سچ ۽ ڪوڙ جي پرک خود سلوڪن مان ئـي پئجي سگهي ٿي. سامي صاحب جـي عبارت پريان ئي پڌري آهي.

سنتن جي وچنن جو ڪاٿڪي:

شاهه ۽ ساميءَ جي باري ۾، هڪ الڳ مضمون ڏنل آهي. هتي مثال طور، ڪي فقيراڻا وچن ڏجن ٿا، جن کي سامي صاحب، پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ آندو آهي. اهي وچن، سنڌي سلوڪن ۾، سهاويڪ نموني ۾ اچي ويا آهن.

شاهه عنايت: سڪ مڃائون سڪ، ٿا نهن ته پس سڪند پين؛
اوڏو شاهه عنايت شاهه چئي، پورن جان مريڪ.

روحل: پري نهارڻ پرينءَ کي، هي ٻيءَ جتن سنڌ وڃاڻ؛
سائين توهي ساڻ، رانيون ڏينهن روحل چوي.

امين: گهڙو ڀڳو تان گهوريو، ڀڄي تان نه گهڙي؛
عشق جي امين چوي، وڃهه ڪا درياهه دڙي.

پتو: پورن جپ پتو چوي، جو لالن جو لال؛
جنين ميڙيو مال، سي ٻچن ري ڀري ويا.

آسر: ڪاڏو مار ڪرن ڪي، وت ڪميا جو ڪيڙو،
تڏهين تنهي ميڙو، آسر عجيبن سان.

مگڻ: صبر ۾ ٿي ويهه، چپ ٻوٽي تون چپ ڪر؛
ڀرائي گليءَ نڪري، پانهنجي گليءَ پيهه؛
سڄڻ جو سنيهه، من مڃهي مگڻ چئي.

لڪو: ناراڻ جي نام سان، فرصت ڪر ڦٽي؛
لڙج ڪين لڪو چئي، اها اٽي ڳالهه مٽي.

سڪو: ڪوڙي ڪم ڪٽين،
لڌيجي ڪٽيءَ ٻه ڪين ٽٽي؛
سارو ڏينهن سڪو چئي، ڪير جان مَ لڏوين.

بانو: لوڪان لڪائي، ڳجهو ڳولج ڳجهه ۾؛
ٻڌج م ٻالو چئي، اندر ٽو ڳائي.

بادل: لڳي جن لڳن، پيالي مڌجهون ٻر جي؛
سي باقي ڪنهن سان ڪينڪي،
سنڌي سڪ سڪن؛
بادل چوي بحال ٿيا، محڪم اندر من؛
لوڙي مست گهمن، ٽان ٻي مشتاقي محبوب جا.

فريد: ڪُڪين ڪوه چري،
ٿه ڪو لڪو ناه لڪن ۾؟
ڦٽي ڪر فريد چئي، اِها ڀرم ڀري.

ساجن: سودو ڦي ساجن چئي، وٽج لــ وهائين؛
ٽا هٿين هارائين، ڪڍين گڏي ڪوڙ سان.

سامي صاحب جي هيٺين سلوڪ مان، سندس همعصر شاعر سچل، ۽ فارسي شاعرن جي ڪلام جي سڳند پيئي اچي.

اِها هوندي بازي، بازيگر بحال ڪئي؛
ڪاٿي پير فقير امير ٿيو، ڪاٿي شيخ ملان قاضي...*

---

* هي سلوڪ، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي 'سنڌ جي سوکڙي' ۾ به درج ٿيل آهي. هو صاحب لکي ٿو: "ساميءَ جا سلوڪ مشهور آهن، پر هيءُ هڪ سلوڪ، ڪافيءَ جي رنگ ۾ ڳائبو آهي." ڏسو "ساميءَ جو نظم."

سچل صاحب جون انهيءَ رمز تي لکيل ڪافيون مشهور آهي.

مثلاً: ”پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو، صورت جو سلطان.
ڪاٿي امير وزير سڏائي، ڪاٿي سڏائي دربان...“

پارسي شعر ۾، انهيءَ خيال جو گهڻو ورجاءُ آهي. مثلاً روميءَ جو هيٺيون بيت مشهور آهي.

گه صدر تاج زر ڪند گه خاڪ رو بر سر ڪند
گه خويش را قيصر ڪند گه دلق پوشد چوگدا.

(ديوان شمس تبريز)

”ڪڏهين سونو شهنشاهي چٽ تو پهري، ڪڏهين پنهنجو مٿو، مٽيءَ سان تو مليو. ڪڏهين پاٽڪي سلطان تو بڻائي، ڪڏهين فقيرن وانگر گودڙي تو اوڍي.“ ممڪن آهي ته سامي، پارسي شاعرن جو اڀياس ڪري، انهن جي فيلسوفيءَ مان واقف ٿيو هجي، ڇو ته پاڻ هڪ هنڌ فرمائي ٿو: ”فارسيءَ هندي، سنت چون ٿا ڳالهه هڪ.“ پاڻ انهيءَ کي پنهنجي باڻيءَ ۾ ثابت ڪيو اٿس.

مهاپرکن جو سيڪڙو:

سامي صاحب، سنڌ جي فقيرن کانسواءِ، هند جي گرن ۽ سنتن جا نالا ۽ حوالا به ٿو ڏئي. مهاپرکن جي وچن ۾، سنڌس پوري پرتيت هئي. سامي صاحب نه رڳو ايشور جو ڀڳت هو، پر ايشور جي ڀڳتن جو به ڀڳت هو:

وچن ساپرسن جو، جاڳي هردي ڌر؛
تہ حاضر ڏسين هر، **سامي** چئني سڀ ۾.

سامي ور ور ڏيئي چوي ٿو تہ:

سڀئي مارگ مت، ڳالهہ چون ٿا هڪڙي؛
ڏني ساک سپت سان، گورک نارد دت.

سامي صاحب اسانکي اهو بہ اپديش ٿو ڏئي تہ جي روحاني ترقيءَ جا قائل آهيون تہ جڳائي تہ سنتن جي وچن سان پريم ۽ منجهن پرتيت رکون. انهيءَ طريقي ئي منش سڌري ٿو.

جنڪ سنڪ سکديو دت، **سامي** داس ٻڌيا؛
جنکي واک وڻيا، سي سڀئي سڌريا.

پرماتما جي پريمي سامي ءَ کي، پرماتما جي پريمين جي ئي سار آهي.

پريم بنا پرڪاش، ڪڏهن کي ٿيو ڪينڪي،
ائين چوي ٿو ناميو، ڪبير ۽ روداس. *

مطلب تہ سامي صاحب طرحين ڀڳتن جا مثال وٺي، پڪ سان چالو تہ:

---

* ڏسجي ٿو تہ سامي صاحب جي، ڌن گرن ۽ سري گرو گرنٿ صاحب ۾، پوري پرتيت هئي. سنسڪرت ۾ ماهر هوندي بہ پنهنجا سلوڪ گرمکي لپيءَ ۾ لکيا ئين.

ٻيا ڀڳت ڀڳوان، ڳالهيون سڀ ڪوڙيون اٿي؛
ويد پراڻ سڀ ديوتا، پڇي ڏس گر سنت.

سامي صاحب کي، ويدن، شاسترن ۽ سالڪن جي وچن جو پڪو ۽ ڳوڙهو ابياس هو. هيٺئين سلوڪ اُچارڻ مهل کيس شايد سڌ نه ۽ ڏني ڀڳت جهڙا سنت ويچار ۾ هوا.

وڏي وڏائي، **سامي** چاڙ ڀڳت جي؛
نيچ اوچ ٿيا ڪيترا، ڪري ڪمائي؛
ڍيڍ چمار جولاها، بيچارا نائي؛
جني لڌو لائي، سي سڀئي سڌ ٿيا.

ويدن ۾ پرتيت رکندڙ:

اُپنشدن ۾ آيل آهي ته ”ويدن جو ابياس ڪري، ٻڌوان پرک، گيان ۽ وگيان پراپت ڪري ٿو، ۽ پوءِ برهم پائي، گرنٿن کي ترڪ ڪيو ڇڏي، جئن سارين مان چانور ڪڍي، پلال کي ڇڏي ٿو ڏجي.“ * ٽئگور وانگر سامي ءَ به، ويدن ۾ ئي پنهنجو ڌارمڪ ۽ آتمڪ آدرش ڳولي لڌو.

ويد لائن تا وات، آتم پد اپار جي.

سامي، ويدن مان آتمڪ وات لڌي، پوءِ سنتگروءَ جي مهر ۽ پنهنجي ڪمائيءَ سان، امر پد کي رسيو. ويدن کيس ”آدي گهر“ جو ڏس ڏنو ۽ اُنکي ڳولي، ”پاڙ“ پروڙيائين.

---

* هي وچن هڪ سنڌي گرنٿ مان ورتل آهي.

ويدن جي پريم مان ئي سندس عرشي عشق اڪتو، جو ته ڀڳتي، سماڌي، جوڳ ۽ ويراڳ جو سمورو خزانو، ويدن ۾ئي سمايل ڏنائين. ويدن مان "سروپ جي واد" سٽي، پنهنجو سروپ سڃاتائين.

ويدن ڪئي واد، جيون ڪاڻ سروپ جي؛
ڏنائون جيون ڪي، اوديا جي اپاند؛
ڏسيائون ساهي ڇڏي، ڀڳت ويراڳ سماڌ؛
ڏنائون گهر ياد، جو پورب پانهنجو هئو.

مهدجنن جي اوٽ وٺندڙ:

ويدن ۽ شاسترن جي اڀياس ڪانپوءِ، ساهي صاحب گهڻا درپيٽيا تا ڏسڻ، ڇو ته اڀياس ڪانپوءِ، مهدجنن جي صحبت جي درڪار آهي. جيئين ستگرو سوامي مينگهراج صاحب نه مليو هوس، تيسين آتمڪ جوت جي پراپتيءَ لاءِ، عمرخيام وانگر، گهڻا هنڌ گهميو ٿو ڏسجي.

ٽڪي ٻيٺس اڙ، ڪٿهن پار لنگهايم ڪيڏڪي؛ *
ٻيک گرهستي لوڪ سڀ، ساهي سور سگهڙ؛
نه ڪي ساڌ سنگت جي، لنؤ سان وڌيم لڙ؛
سهجي اوديا اڙ، منٽي وئي من مون.

---

* "Myself when young did eagerly frequent
Doctor and Saint, and heard great Argument
About it and about; but ever more
Came out by the same door as in I went."
(Omar Khayyam's Rubai XXVII–
Fitz Gerald's Translation)

مڙيئي سمت، ظاهري طرح، پنهنجي ڌرم ڪرم لئي پورا پئي رهيا آهن؛* پر حقيقت ۾، هو ڌن ۽ پٽن جي ٻڌڻ ڪان، الڪ جيان، مڪت ۽ مٿي آهن. سامي صاحب جو درجو به ائين هو. سڀني گيانن، ڌيانن ۽ مون ورتن کان مٿي آهي، پورن پرکن جي صحبت. سامي صاحب پاڻ به اهڙوئي پورن پرک هو.

نڪي ڪٿ گيان، نڪي ڌارج مون ڪي؛
نڪي گهم گهرن ۾، نڪي ڌر ڌيان؛
سمجهه ري سامي چئي، اتي سڀ ايمان؛
پاءِ پد نربان، تون ملي مهاجن سان.

---

* سري ڪرشن ڀڳوان گيتا ۾ ارجن کي چوي ٿو: ”سنسار جي موکهه لاءِ چڱا ڪم ڪرڻ گهرجن. جيڪي ڪرم گيانوان ڪن ٿا، اُنهن کي ڏسي، من پيا ماڻهو به ڪن. هي ارجن! مونکي ڏس، جو مان ٽنهي لوڪن جو مالڪ آهيان! مونکي ڪنهن به ڪرم جو مطلب نہ آهي، تہ به مان ماڻهن جي فائدي لاءِ اشنان، گائتري، سنڌيا ڪريان ٿو ۽ برهمڻن، گائين ۽ ماءُ جي شيوا ڪريان ٿو. فقط ماڻهن کي سمت ڪرم سيکارڻ ڪري ڪريان ٿو.“

ساهي ۽ شاهه

”فارسي ۽ هندي، سنڌ چون ٿا ڳالهه هڪ.“

سنڌي شاعرن جي فيلسوفي:

سنڌ جي ويدانتي توڙي صوفي شاعرن، هڪ ئي برهم يا حق جي جستجو ۾، پاڻ فنا ڪيو آهي. گهڻيئي حسن جون هاڪون ۽ عشق جون صدائون ڪيون اٿن، پر ”سونهن جو سر“ نيٺ وڃي هڪ ئي ڳولي لڌو اٿن. صوفي شاعر اڪثر، مجاز مان حقيقت ڏي اُڏاڻا آهن.

حقيقت مجاز، ايڪائي ۾ ايڪ ٿيا. (بيدل)

اِنهيءَ ڪري، حق يا برهم کي هڪ نهايت من موهڻو جامو پهرائي، سندس نازن ۽ ڪرشمن، خط ۽ خال، حسن ۽ سينگار تي جادو بياني ڪئي اٿن.

ڪيلي اروپ عشق جي بازي،
لڪيو ڇپيو دل ڪسي،
يار صورت جي سامان ۾! (بيدل)

پروفيسر جيٺمل پرسرام لکي ٿو: ”سنڌ جي شاعرن جي موج عجيب آهي. الدرئين تصوف جا هو صاحب

آهن، سوکم سمجھ، جا مڙيئي ته پروڙيا آهن، پر انهيءَ اندرين اونهائيءَ کي جڏهن هو پڌرو ٿا ڪن، تڏهين هو حسن جي صورت ۾ اچي، امر آواز اُپٽندي ٿا ڪڙو ڪن...... شاعريءَ جو مٿاڇرو ته، صورت وارو آهي، جنهن ۾ لب لال، زلف ڪال واري راند هلي ٿي. ان مجازي نموني کي به پنهنجي جاءِ آهي. پر شاعريءَ جو اندريون تـه، حسن سان گڏ حق وارو، اکرن ۾ اچڻ وارو ڪين آهي، پر جڏهن به ڪو اشارو اچي ٿو، تڏهن شعر بي بهاءِ ڪمال آهي."

شاهه ۽ ساميءَ جي شعر ۾ عشق ۽ عقل جو درجو:

سامي صاحب اندرين ته کي ورتو آهي ۽ هو صاحب هميشه مجازي ٿيڙن جي پهچ کان پري، ازل جيان، آڪاسي سن ۾ پرواز پيو ڪري. هو ڪڏهين پاڻ به، انهيءَ "آتمڪ سرت" کي هٿان نٿو ڇڏي، جا ويدانتي فيلسوفن جو خاص ورثو آهي. ساميءَ جي واٽيءَ ۾، "انيڪي ايڪ" جو وستار آهي، جنهنکي شيلي، "White Radiance of Eternity" ٿو سڏي. * سامي، پنهنجي سڀرينءَ سان، "انيڪي ايڪ" جي وسيلي،

---

* "The One remains, the many change and pass,
Heaven's light forever shines, Earth's Shadows fly,
Life, like a dome of many - coloured glass,
Stains the white radiance of Eternity,
Until Death tramples it to fragments,

(Shelley - "ADONAIS.")

"انڌي عشق" ٿو اڏائي. ظاهري طرح هو، صوفي شاعرن
وانگر (جنهنجو سرتاج شاه آهي)، "عقل جي ڳيري" کي،
"عشق جي باز" جو شڪار نه ٿو ٻڌائي. هو عشق ۽ عقل
کي، آتما جا "ٻه سر پر" کري ٿو سمجهي.

عشق عقل آهين، ٻئي پر پکيءَ جا.*

شاه جي هرهڪ "سر" ۾، محبت ۽ مجاز جي بوءِ
ڀيڻي اچي ٿي ان سان گڏ، اُنهن حقيقت جو تيز جلوو نمايان
آهي. شاه صاحب ٻه وڏي "سرت" جو صاحب هو،
جنهنجي وسيلي، هن صاحب پنهنجي هردي ۾، "ساجن،
سونهن، سرت" جو درشن ماڻيو. هن صاحب عشق
جي اڳيءَ ۾، جهاني عقل کي، آهوتي کري اُڇلايو آهي:

عقل، مت، شرم، ٽيئي نيه نهوڙيا. (سر سهڻي)

شاه وانگر، جتي ٻه صوفي شاعرن، عقل جو ذڪر
ڇيڙيو آهي، لتي اُنکي دنيوي يا دماغي لحاظ کان
ورتو اٿن. سامي، عقل کي "آتمڪ سرت" جي معنيٰ
۾ ورتو ڪري. فرق رڳو اهو آهي؛ نه ته عقل
حقيقيءَ جا مڙني وت خزانا هوا.

---

* هتي ساميءَ جو اشارو جهاني عقل ڏانهن نه آهي، جنهن
کي انگريزيءَ ۾ 'Intellect' ٿو چئجي، پر انهيءَ سوجهيءَ
ڏانهن، جنهنکي 'Intelligence' ٿو سڏجي. شاه اُنکي
"سرت" سڏيو آهي.

ساميءَ جو شاهه جي شعر سان عشق:

شاهه، هڪ عجيب سوز، گداز، جدت ۽ گوناگونيءَ جو مالڪ آهي. سندس ڪلام مان، هڪ "سيڪڙن ماهه ٻڪل" عاشق جي جگر ۽ ٻڪين جي بوءِ پيئي اچي. ساميءَ کن جهڙوي هنڌن تي، عاشقاڻي آهه و زاري ڪئي آهي. سڪپت جي سيج تي چڙهڻ کان اڳي، هو به ڪنهن ڪاڙهي ۾ ڪڙهيو آهي. پوءِ جڏهين کان سيج تي براجمان ٿيو آهي، تڏهن کان پٽ پائي، پريم ڪٽوريون پيئڻ ۾ لڳي ويو آهي، ۽ ساڳئي وقت، مڌر وچنن جي ورکا به ڪندو هليو آهي. انهيءَ هوندي به، شاهه جي ڪلام سان، ڪا خاص اُلفت رکندي ٿي ڏسجيس، جو ڪيترن هنڌ رسالي جون مصراعون، پنهنجي سلوڪن ۾، تضمين (Quotation) طور آنديون اٿس. ڪي سلوڪ، ڇنڊي ڪڍي، ته شاهه جي بيتن جي جواب ۾ چيا اٿس.

شاهه جي وفات وقت، ساميءَ جي عمر فقط نو ورهيه هئي. شايد جوانيءَ ۾، شاهه جو ڪلام، ماڻهن کي ڳائيندو ٻڌي، انتي موهت ٿي پيو آهي ۽ پوءِ اُنجو اڀياس ڪيو اٿس. هيٺيان مثال اهڙي شاهدي ڏين ٿا.

سامي: وٽ اِهائي واٽ، پاسو ڪر نه ڪاڏهين؛
لوڏي هيٺ لپاٽ، مٿان لڳي شاهه لطيف ڇئي.*
(سلوڪ ٢٠٨٤)

*هر هڪ سلوڪ جو ڏنل عدد، ديوان ڪوڙيمل جي جلدن مان آهي.

شاه: وٺُو وڃج وات، ڪنهن م ڦيرج ڪنڌ هيئن؛
لوڏي ڦيرو لپاٽ، لڳندي لطيف چئي.
(سر مومل راڻو)

سامي: گهڙي گهڙو هٿ ڪري، جان ٻوڙ پائين پاڻهون؛
ويچاريءَ وڏيون ڪيون، درياه منجهه داڻهون؛
اڇج اوراهون، نه ته دوست تي دم ڏيان.
(سلوڪ ٢٠٨٩)

شاه: گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻوڙ پائين پاڻهون؛
ويچاري وڏيون ڪيون، وچ دريا داهون؛
موت، محب! پاهون، تاڪن تڪي آهيان.
(سر سهڻي)

سامي: منڌ! نه مُنهن ويهه، هل هنئين سان هوت ڏي؛
توجي سيڻ سڃر ڪيا، اتي ڏور تنهن جو ڏيهه؛
پاڙي پاڙي پيهه، وت پڇندي خبران.
(سلوڪ ٦٢٤)

شاه: منڌ! م مُنهه ويهه، آئي اوسر اس ۾؛
تو سيڻئي سيڻ ڪيا، ڏور جنين جو ڏيهه؛
پاڙي پاڙي پيهه، وت پڇندي پريَ کي.
(سر سسئي آبري)

سامي: ناڻن ڪين لدايو، ناٿ نوايو نيڻهن؛
اصل اوڏن کي، مڙهيَ اُنا ميڻهن؛
ڪن جاڳندي ڏينهن، ڪن کي پلڪ ۾ پرچو ٿيو.
(سلوڪ ٢٣)

شاهه: ناٿن ڪين نمايو، ناٿ نمايو نينهن؛
مڙهن اُتا مينهن، جوڳيا سندي ذات کي.

(سر رامڪلي)

سامي: لنگ ڪيو پائون لانگ، موٽي جن مستڪ ۾؛
جڏهن ڏٺي ڏوهه ويا، سا پڌائون ٻانگ؛
سامي ڇڏي سانگ، وڃي نظر چڙهيا ناٿ جي.

(سلوڪ ۷۵۲)

شاهه: لنگ ڪيو پائون لانگ، موٽي ڪن نه مستڪ؛
جا اسلاما اڳي هئي، سا سڻائون ٻانگ؛
سامي ڇڏي سانگ، گڏئا گورکناٿ کي.

(سر رامڪلي)

سامي: اچا تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾؛
تن تا ڏوهه چڙهن، جن ورائن ورقن کي.

(سلوڪ ۹۰۱)

شاهه: پڙهندو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾؛
تن تا ڏوهه چڙهن، جي ورق ورائن وترا.

(سر يمن ڪلياڻ)

سامي: عاشقن آرام، ڪڏهين ويهي نه ڪيو؛
درسن پسي دوس جو، طلب نه رکن طعام؛
حبيباڻي هڪڙي، طعالي ڪيا تمام؛
تنکي نيٺين الله حرام، جنکي پيو پرلاءُ پرين جو.

(سلوڪ ۲۰۱۴)

شاهه: عاشقن آرام، ڪڏهه نان ڪولـــ ڪئو؛
طعامـــي ڪئا طعام، حبيباڻي هيڪڙي.
(سر يمن ڪلياڻ)

سامي: جني حبيب هڻن، ناوڪ ڙي نيڻهن جي؛
وني لڙهن چوٽيءَ ڪون، سامي متي ڪٽن؛
گهٽيون ليڪي ڪون پري، لڙ لڙ چاڪ چڪن؛
تائي طبيبن، ڦڪيون سڀ ڦٽيون ڪيون.
(سلوڪ ١١٦٨)

شاهه: جت حبيب هڻن، ناوڪ پري نيهه جي؛
تتي طبيبن، وڃـا وڃـي وسري.
(سر يمن ڪلياڻ)

مثال پيا به آهن، پر هتي مٿي ڏنل مثالن تي ڪفايت ڪئي ٿي وڃي.

شاهه ۽ ساميءَ جي همخيالي:

سنسڪرت ڪوين جو چوڻ آهي ته جل جي وئرات روپ سمنڊر ۽ سيتلتا ۽ سندرتا جي سروپ چندرما جي اندر به هڪ گجهي اگني سانڊيل آهي. شاعرن جي دل ۾ به ڪا غيبي آتش آهي. ساميءَ جي ڪوتا ۾ به ڪٿي ڪٿي اها اگني ڀڙڪيو ٻاهر ٿي نڪري ۽ شعلا ٿي ڏيکاري. هتي ڪي مثال پيش ٿا ڪجن، جن مان ظاهر آهي ته شاهه ۽ ساميءَ کي ساڳئي وڻ ويڙهيو هو ۽ ساڳئي جلڻ جلايو هو.

عاشق، پاڻ کي محبت جي مچ ۾ پتنگ مثل ٿا جلائين:

سامي: پتنگ جئن پاڻ کي، ڏسي مچ مچي؛
سامي رنگ رچي، سڌ سڀر ان جي.

شاهه: پتنگن پڌ ڪيو، مڙئي ماڻي مچ؛
پسي لهس نه ليئا، سڙئا ماڻي سچ.
(سر يمن ڪلياڻ)

سچو سورهه اهو آهي، جو هر وقت رڻ جو طالب آهي.

سامي: سورا سي چئجن، جي جهونجهن ٿا ميدان ۾.
شاهه: سورهه سو چائي، جو رڳوئي رڻ گهري.
(سر ڪيڏارو)

عاشق جو علاج، دوست جي ديدار ۾ آهي. لک ويڄ مڙن، ته به هو پرين جي درشن ڌاران، "چڱو" ڀيٽو نه آهي.

سامي: هلي اچ حبيب، دارون ڏس درد جو؛
توڙي مڙن لک طبيب، تان پي توري چڱو نه ٿيان.

شاهه: دارون ڪارون، جان کي ڪئا ويڄ مون!
ٻکي ڏيندا ٻاجهه جي، نهاڙي ناڙون؛
جنجون سيڻ لهن سارون، تن تان ڏکندو ڏور ٿيي.
(سر يمن ڪلياڻ)

جن عاشقن پنهنجون اکيون، معشوقن جي چشمن ۾ جوڙي رکيون آهن، تن کي هن پڻ ساگر جي پيڙ لوڏي نه ٿي سگهي:

سامي: جنھنجو منھن محبوب ڏي، سي اورا نہ پار؛
تني تن جو لکيو، جتي ٻيڙي نہ ٻار؛
لڱ لوھيون لک تار، ھنکي اندر نہ آيون ايندھن ري.

شاه: اکيون منھن مھار ڏي، رکيون جن جوڙي؛
ري سنڌ، سيد چئي، لار گھڙن لوڙي؛
تنين کي ٻوڙي، سائر سگھي ڪين ڪي.

ايشور جو عاشق اھڙو مھاپرتاپي ٿو ٿئي، جو ھر ڪو پاڻمرادو اچيو سندس اڳيان سجدو ڪري. ھنکي آگو اھڙو نہ "بي بھا بالم" ٿو ڪري، جو ڪوڙين اچيو سندس خدمت ۾ سلامي ٿين.

سامي: جپيو جنھن ھرنام، گرمک ٻوري مک ري،
پاتو تنھن پرتيت سان، انيڪ ڏيس انعام،
چڙھي وينو تخت تي، ڪري ايند آرام،
سيڪو ڪري سلام، سامي چئي شيوڪ ٿي.

شاه: ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
انجي عبداللّطيف چئي، مٽي لدو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، آڳہ اچيو انجي.
(سر سريراڳ)

اروپ ايشور، انيڪ روپ ڌاري، ھن جڳہ ۾ پرگھٽ ٿيو آھي. سامي‌ء جي ٻولي‌ء ۾، ھو ڏسجندڙ بہ پاڻ آھي، ڏسندڙ بہ پاڻ آھي ۽ نرآڪار، ھن جڳہ ۾ سھسين آڪار وٺي، پنھنجو ديدار پاڻ پيو ڪري. شاه جي ٻولي‌ء ۾،

ايشور پاڻئي حسن جو خلقيندڙ آهي؛ ۽ وري پنهنجي حسن تي پاڻئي حيران آهي. هو پاڻئي پاڻ تي عاشق آهي ۽ پنهنجو معشوق پاڻ آهي.

سامي: سامي سڀ ديدار، اتيئي عجيبن جو،
ڏسي ٻنڌي پاڻ تــو، ٻولي ٻولڻهار،
نــرآڪار آڪار، ڌاري آيــو جڳ ۾.

شاهه: پاڻهه پسي پاڻ کي، پاڻــهه ئي محبوب،
پاڻــهه خلقي خوب، پاڻــهه طالب تن جو.

(سر ڪلياڻ)

ٻئي شاعر، انهيءَ غيبي ولايت جو ذڪر ٿا ڪن، جتي ڪو به "رنگ روپ" ناهي، جو "اگم اگوچر" ۽ "من ٻڌ واڻيءَ کون پري" آهي. شاهه جي ٻوليءَ ۾، انهيءَ ولايت ۾ آهي ئي حقيقي محبوب جو حضور؛ اُتي نه آهي رات جي ڪاراڻ، نه ڏينهن جو نور. پرينءَ جي ديس وارو نور ۽ رنگ، هر رنگ ۽ نور کان نيارو آهي، بلڪ اُتي نه آهي ڪو رنگ، نه روپ. سامي انهي ڏيهه کي بيگم پور (بي غم پور) ٿو سڏي. انهيءَ آڪاسي ديس ۾ ڪو به واڪ نه ٿو چلي، ۽ نه ڪا ٻولي آهي، جا انجو ورنن ڪري سگهي.

سامي: بيگم پــور جو شهر، اتــي عين آڪاس ۾،
من بـــڌ واڻيءَ کون پــري، اگم اگوچر.

شاهه: کاري راس، اچو ڏيهه، اڃ صفتا اور،
جتي پرين حضور، لٿي رنگ نه روپ ڪو.
(سر رپ)

پڻهي عارفن، انهيءَ "نينگهه" يا "ماڻڊيءَ" جي معرفت کي سمجهيو آهي، جنهن هي سارو جڳتر روپي مانـڊاڻ منڊي، جيون کي پنهنجي طلسم سان پلايو آهي.

سامي: سهي ڪيائين نينگهه کي، جنهن پهريو نانا پوش.

شاهه کي ارمان ۽ حيرت آهي، جو ڪو به جيو، انهيءَ ماڻڊيءَ جي منڊ يا جادوءَ کي پروڙڻ جي نه تو ڪري.

آهيس اڃ نه جاڻ، ماڻڊيءَ منڊ پکيڙئو. (سر ڪلياڻ)

پر پڻهي درويش، مات کي واجب ڄاڻو آهي.

سامي: ڪري ويو خاموش، ڳالهه نه ڪري ڳجهه جي.
شاهه: جنهن ڏٺي سمت، تنهن ڪچيو ڪين ڪي.

شاهه ۽ ساميءَ جون پروليون:

شاهه ۽ ساميءَ ڪٿي ڳوڙهين پروليون ۾ به ڳالهايو آهي. اهڙيون پروليون، سنڌي شعر جو هڪ مٺيو آهن. هتي هڪ مثال ڪافي آهي:

سامي: اکي ڪنڌ نه پاءُ، اکي ڪاڻ نه ٻڪ مر،
اکي سمهه نه جاڳ ڪي، اکي چپ ڳالهاءِ.
شاهه: سڏ م ڪر سڏن ري، هلڻ ري م هل،
جلڻ ري م جل، رنڻ ري مٿان رئين.
(سر سسئي آبري)

تصوف ۽ ويدانت جو ميلاپ:

سامي هڪ نج ويدانتي شاعر آهي، ۽ شاه، سنڌ جي صوفي شاعرن جو سرتاج؛ پر جنهن صورت ۾، ٻئي شاعر ساڳيءَ فضا ۾ نپنا، تنهن صورت ۾، اهو شاه ڪٿي پاڻکي ويدانتي ٻوليءَ کان پلي سگهيو آهي، نه سامي پاڻکي صوفيانه اصطلاحن کان. ڪن هنڌ، ساميءَ صوفي شاعرن وانگر "شراب،" "ميخاني" ۽ "عشق جي ذات" جو ذڪر ڇيڙيو آهي: شايد اهو به مٿس شاه جي شعر جو اثر هجي. *

سامي: "عشق الاهي ذات، تي ذات سڃاڻي ذات کي."
"جنهنکي شوق شراب، سامي ڏنو ستگروءَ..."
"محبتي مستان، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو،"
"ڪيائين سر قربان، ميخاني جي موج تون."

شاه وري "همه اوست" وارو سر يا راز، ويدانتي ٻوليءَ ۾ ته سمجهائي.

---

* پروفيسر ڄيٺمل پرسرام لکي ٿو: "البت، شاه لطيف، شاعريءَ جي تشبيهه ۽ تصور ۾ اعليٰ آهي؛ پر نبي ۽ ويچار ۾، سامي کانئس گهٽ ڪين آهي. سامي شاعر آهي، پر اول فيلسوف آهي. ڪٿي ڪٿي ته ساميءَ جا بيت، ويچارن سميت، براؤننگ وانگر پيا ڀاسن."

"If Shah Latif sings the Song of Islam,
Sami sings the Wisdom of the Vedanta".

(Sadhu T. L. Vaswani)

شاهه: ڪوڙين ڪاپائون ٿيهنجيون، لکن لک هزار،
جي سڀڪنهن جي سيئن، درسن ڏارون ڏار،
پريم تهجا پار، ڪهڙا ڇڻي ڪي ڇڻان.
(سر ڪلياڻ)

شاهه ۽ ساميءَ جي سچن سالڪن لاءِ قوله:

ٻنهي مهاپرکن، پنهنجي پنهنجي زماني ۾، سچن طالبن لاءِ بيحد قوله وڏي تي ڏسجي. ڪن هنڌ، عام کي، "جنتي جام" پڻ جي دعوت به ڏني اٿن. پر ٻنهي کي سچن طالبن جي نسوري سڃ نظر آئي. شاهه، اِنهيءَ تان گهڻو افسوس ظاهر ڪيو آهي.

ڪينهه طالب تات جا، نه ته آهي تات تيار،
ڏوريان پڻو ڏڪار، گهوريندڙ ڪٿي وئا.
(سر حسيني)

شاهه صاحب وٽ "تات" تيار هئي، پر ڪيس "تات جو طالب" هٿ نه آيو. ساميءَ صاحب به هڪ هنڌ اُمنگ ۾ اچي، سچي سِڪ رکندڙن کي امرت جي آڇ ڪئي آهي. ڏسجي ٿو ته هن صاحب جي آڇ به آجي رهجي وئي، ڇو ته ڪٿي به جاڻايل نه آهي ته ڪيس ڪو سچو طالب هٿ آيو.

جيڪو هــن ويلي، اچي سِڪ سچيءَ سان؛
تنهنکي ڏيان تتڪال ۾، مــن موهن ميلي،
ڪل ڪل ري ڪيلي، پيو سامي چئي سنسار ۾.

ٻئي شاعر، اسان لاءِ "هڪ خاص خزانو" ڇڏي ويا آهن، جو نه رڳو سنڌي دلين کي، پر سنڌي ادب کي به زنده رکندو ٿو اچي.*

---

* ديوان ڀيرومل مهرچند لکي ٿو: "اڄ جيڪڏهن سنڌي ساهت مان سمورو صوفيانو ڪلام ۽ ويدانتي وائي ڪڍي ڇڏجي، ته سنڌ جو علم ادب بلڪل مڙدي مثل ٿي پوي." ("سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ")

سامِيءَ جو عاشقانو شعر

پل پل ڪن پڪار، ڪيترا درد فراق جا؛
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، روئن زارو زار؛
سامي چئي سرير جي، رکن ڪانه سنڀار؛
آءُ مل جاني يار، ته نه ڏيون تا دم درد ۾.

سامي، هڪ حقيقي عاشق:

شيڪسپيئر، شاعرن، عاشقن ۽ ديوانن کي هڪ ئي صف ۾ شمار ڪيو آهي. دنيا ۾ ڪو به اهڙو شاعر پيدا نه ٿيو آهي، جنهن جي دل کي، ڪا مجازي يا حقيقي عشق جي چڻنگ نه لڳي آهي. هرڪو شاعر عاشق آهي، مجازي يا حقيقي؛ ۽ جنهن صورت ۾ عشق هڪ عجيب جنون آهي، تنهن صورت ۾، هرڪو شاعر، مجنون آهي.

سامي، انهن عاشقن مان آهي، جنهن کي "عجيبن جي عجيب" سان لنءُ لڳل آهي. سڪ پريت جي سيج ماڻڻ کان اڳ، پاڻکي بيحد جلايو ۽ پچايو اٿس. وصل لاءِ لڇيو آهي ۽ سيني ۾ سڪ جا اونها سل سٺا اٿس.

جنهن کي لڳا تير، اڻيالا عشق جا؛
سي پسڻ ڪارڻ پرين جي، ڦٿڪيا ڦرن فقير.

سامي؛ جو وڇوڙي ۾ لڇڻ:

اوائل ۾، محبوب (سنگرو) کيس فراق جي آڙاهه ۾ ڪاڙهيو ٿو ڏسجي، پوءِ جڏهين هجي پڪو ٿيو آهي، تڏهين معشوق وٽان ابدي مرهم مليو ٿو ڏسجيس. وڇوڙي جي حال ۾، سامي اُٺ ڪي پهر، جسي ڪي جفا ڏيندڙ اوجاڳن ۽ فنا ڪندڙ فاقن مان لنگهيو آهي.

محبت جي ميدان ۾، پهتا جن پيغام؛
سي جاڳڻ ڪي آڪرا، ننڊ جن نيڻين حرام؛
انگ نه اوين ڪپڙا، طلب نه رکن طعام؛
جهڙا منجهه ماتام، تهڙا عاشق عيد ۾.

ڪنن جي محفلن کان ڏهڪي ڏور نه رهيو آهي؛ بلڪ هر هميشه پنهنجي سڪ ۽ سوز کي وڌائي، ذوق ۽ حال ۾، اُن مٺن جي مجلسن ۾، شمع وانگر جيئري پاڻ جلايو اٿس.

پير پرجهي پاء، محبت جي ميدان ۾؛
ڪنا پيا ٿي ڪيترا، جائي لڳن تنهن جاء؛
ڏسي ڏهڪين ڪيڏڪي، سامي سڪ وڌاء؛
جيئندي پاڻ جلاء، نه پسڻ ٿئي پرين جو.

عاشقن جي حال جو نقش:

عاشقن جي تصوير سامي اهڙي دل ڪاندار پيندڙ ٿو چٽي، جهڙي شاه، "وايون ڙن" جي چٽي آهي. عاشق

وِڇارا، راس ڏينهن، محبوب جي ديدار لاءِ، ايٽن مان نير پيا وهائين ۽ نيڻهن جي پُر ۾ اهڙا تہ ڳاٽ قدم آهن، جو دل جي ويڻ کان لڇندي ٿي، ڪڏهين پلئي پلائي، پنهنجي اندر جي آزار جي ڀڙڪ ٻاهر ٿي ٽاڪين ۽ ”ميري منهن“ سان، من ۾ اُهائي آس رکندا اچن تہ شل ”عجيب،“ ڪنهن ڏينهن اوچتو اچي، پنهنجي نرمل هٿن سان، سندن چهرو ڌوئي صاف ڪري.

رانيون ڏينهن رئن، عاشق ڪاڻ عجيب جي؛
ڳالهہ نہ سلن ڪنهن کي، پانهنجو پاڻ ڪهن؛
ڏاريو سڪ سچيءَ سان، اهڙو حال مٺن؛
اچي ماڻ ڏئن، **ساهي** چئي منهن سپرين.

عاشقن جي حال تان، پنهنجي حال تي ٿو اچي. ورہ، جيءَ کي اهڙو تہ ويڙهي ويو اٿس، جو بنهہ بي حال ٿي پيو آهي، پر اهڙو ڪو راز محرم نٿو سجهيس، جنهن سان ڪٿي پنهنجي دل جو حال ونڊي.

اچي ٿيو معمور، عشق اڱانگو جيءَ کي؛
ٿنهن سڪت سڀ ڪسي ڪري، ڪيو چڪنا چور؛
ڪنهن کي سلان سور، **ساهي** سپرين جو.

ڦوڙائي جا قتيل عاشق، سڪ سچيءَ جا ڦٽ اندر ۾ سانديي، وصل لاءِ پيا ڦٿڪن، ۽ هر ڪنهن کان وڻن درسن جي دعا پنندا. ساهي بہ انهيءَ حالت مان گذريو آهي.

عاشق اڌ مئا، سدا لُڙڪن لـن ۾،
جنکي سڪ سهڻيءَ جا، اهڙا ڦٽ هڻا،
درسن جي دعا، ساهي گهرن سڀ ڪان.

عاشق جي سڪ ۽ پرينءَ جي بيپرواهي:

جدائيءَ جو درد، مشتاقن لاءِ اسوري سڪرات آهي؛ ويچارو "اڌ مئل" ساهي، پرينءَ جي بي پرواهي ڏسي، ائين ٿو سمجهي، ته هو سندس موت ڪانپوءِ، لاچار ڪو سندس جنازي تي پير پري ته پري، باقي سندس جيئري ته منجهائس ڪنهن به سوجهري جي اميد نه ٿي ڏسجي.

آءُ منهنجا سپرين، ويـهه نه وساري؛
مئن کي ماري، ميلو ڪندين ڪن سان.

عاشق جي فنا ٿي وڃڻ ڪانپوءِ، معشوق جي تشريف مان ڇو سود!

لائي وبر وڏي، سڄڻ سڪ سوڙهو ڪيو؛
اچـي اڌ مئن تـي، ڪندين مهر ڪڏي؛
ٽڙقي ٽڙقي تـن موئن، ويندو ساهه جڏي؛
ساهي ڇڏي لڏي، ميلو ڪندين ڪن سان.

جي عاشق جي سڪ بي عدد آهي، ته معشوق جي بي پرواهيءَ جي به حد ناهي. "هت سڪڻ بي عدد، هت پرينءَ پرواهه ناهه ڪا." (شاه.) عاشق، سر صدقي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو اچي؛ سنگدل معشوق، ڪاسائي ٿي،

SOORIH SINDHI ADAB

ڪيس ڇوڙي ڇوڙي، ڦٽو ٿو ڪري. محبتي ويچارا ڪسندي به، پنهنجو درد ڪنهن سان نه ٿا سلين، سيني اندر ۾، آزار جو اهڙو ڪو عميق سمايل آهي، جو ٽوري ٻڙڪ ٻاهر ٿا ڪڍن، نه ڇوه ڪري، ڇول اُٿل ٿي ڪانئي ۽ ٻوڏ ڪري ٿي وڃي.

پرين بي پرواهه، ڦيٿون ڪن ڪنن کي،
ساهي سر صدقي ڪري، عاشق ڪڍن نه آهه،
پل پل پٽن پريئن پرس، اندر ۾ اسگاهه،
سلطان ناهه صلاح، متان ڇلي ڇول ڇلا ڪري.

عاشقيءَ جو آدرش:

ساهي، عاشقيءَ جو هي اعليٰ آدرش ٿو پيش ڪري: سچو عاشق اُهو آهي، جو هر دم سوريءَ جي سواريءَ لاءِ تيار آهي؛ هو شهادت جو اهڙو ڪوڏيو آهي، جو پنهنجي ڪل پنهنجي هٿن سان لاهي، محبوب اڳيان پيش ٿو ڌري.

عاشق سي چئجن، جي سوري سهن سر ٿي،
پنهنجي هٿين پنهنجي، لاهي ڪل ڏين.

سچو محبتي، اسور و پتنگ بنجي، جانب روپي شمع متان، پنهنجي جند ۽ جان فدا ڪيو ڇڏي. هو ويچارو جدائيءَ جي درد ۾ گهري ڏاڍا ٿيو وڃي، نه ته سواءِ ٻره جي پيو ڪي ڪين ٿو ڇري.

SOORIH SINDHI ADAB

محبت جي ميدان ۾، عاشق رنگ رچن،
پون پروانن جان، اڳيئون عجيبن،
سانگ نہ وارن سر جو، لوڙي مچ مڇن،
ماسو ماس نہ تن، ٻره جنين جي ٻگري.

اهڙي عاشق صادق مٿان، نيٺ معشوق ٻہ فدا ٿيو پوي. ساميءَ جو آدرش، هينئين پارسي شعر وارو ٿو ڏسجي:

هرکہ او در عشق صادق آمده است،
بر سرش معشوق عاشق آمده است.

”جو عاشق، محبت ۾ سچو ٿو رهي، تنهنتي خود معشوق عاشق ٿيو پوي.“

عاشق سي چئجن، جن ٿي عاشق ٻاڻ ٿيو،
اهڙي رنگ رچن، سي عاشق معشوق ٿيا.

پوءِ ميخ هٿڏڙ سپرين، ٻاڻ ٿي ميخ اُکيڙيندڙ ٿو ٿئي.
عاشق جو درد، جو هزارين علاجن سان بہ دفع نہ ٿي ٿيو، سو ڪن ۾ ڪافور ٿيو وڃي. مطلب تہ عاشق کي هزارين نيش سهي، وصل جو نوش ماڻڻو آهي.

لڳي ميخ لــ اُکڙي، هڏڙي جا هولن،
سوين سونارا مڙيا، لکين لوهارن،
انبورن سان اُکري ڪري، ڪس نہ ڪڍي تن،
شابس تن پرين، جن چٽر سان چوري ڪڍي.

سامي ءَ جي عاشقاڻي شعر جو محدود انداز:

ٻين سنڌي شاعرن جي ڀيٽ ۾، سامي ءَ عاشقاڻو شعر نهايت ٿوري انداز ۾ چيو آهي. عاشقاڻي نموني جا سلوڪ، عشق جي اوائلي جذبي هيٺ چيا ٿا ڏسجن. ڀڳوءَ گروءَ جي درشنيءَ ۽ پنهنجي لائقيءَ سان، ابدي وصل حاصل ڪري، نينهن جي مچ کي، نهائينءَ جيان، اندر ۾ جهٻي ويو آهي.

"چري ڪوهه چئين ٿي، در در حال حبيب جو؟"

سامي صاحب پنهنجي پريم اگنيءَ کي، گيان ساگر ۾ ٻوڙي، پنهنجو مقصد نباهي ويو آهي.

هر هر هٿ م پاءِ، عشق جي اسرار ۾؛
سياڻپ جي سامي چئي، ٿئي ڪا نهي جاءِ؛
جي توکي پياس پسڻ جي، ته مڪڙ سيڄ پڄاءِ؛
پيد ٻڌا لنؤ لاءِ، ته سهج ملئي سپرين.

ويدانت ۽ سامي

ويدانتين وڪاڻ، سته ڪيو سروپ جو،
سمجهي ڪو سامي چئي، گرگمک سڄاڻ،
جڳن ڏسجي سج چنڊ ر، ليج تنهنجي ساڃ،
تن پنهنجو پاڻ، الٽي ڏسي اپيد تي.

ويدن ۽ اُپنشدن جو سار:

ويدن ۾ سمايل فيلسوفي، جنهنجي اُپٽار اُپنشدن ۾ آهي، تنهنکي ويدانت ٿو چئجي. سامي صاحب ويدانت کي سنڌي ويس پهرايو آهي.

ويدن جو ويچار، سو سنڌيءَ ۾ سٽايم. *

ويدانت ۾ ٻرهم، ٻرهمانڊ ۽ ٻرهم جي روپ مدش جي ٻاري ۾، سوکيم ويچار آيل آهن. ويدانت موجب، مدش، ٻرهم ۽ ٻرهمانڊ جي وچ ۾ ڪوبه فرق ڪونهي،

---

* ويد، اُپنشد، سوتر، ڀاڳوت، شنڪر، پاتنجلي ۽ ٻيا ايڪ شاستر سنڌس من ۾ سمايل آهن.

(پروفيسر چيتمل پرسرام)

چو ته، جيڪو "اڄ سار" هر هنڌ وياپڪ آهي، سوئي منش جي سروپ ۾ پيو وسي.

ساهي سڀ سنسار، سماڻو سروپ ۾.

آدي يا پرم شڪتي هڪ ئي آهي، جنهن مان هي سارو برهمانڊ اپڄيو آهي. ساري وشو ۾ هڪ ئي "سرو وياپڪ ستيه" پيو وسي. جنهن صورت ۾ منش، "آدي ستيه" جو سروپ آهي، تنهن صورت ۾ سندس پنڊ ۾ سارو برهمانڊ سمايل آهي.

جيڪي پسي پاڻ ۾، سوئي منجهه جهان. (بيدل)

ويدانت توڙي تصوف جا صاحب ائين ئي ٿا فرمائين، پر

ڪنهن جوڳي جتا رت، سمجهي ڳالهه سروپ جي.

سري ڪرشن، گيتا ۾، ارجن کي مٿيون راز هيئن ٿو سمجهائي:

"اي ارجن! مان اروپ آهيان، سوڪيم ۾ سوڪيم آهيان؛ ساري وشو ۾ وياپڪ آهيان. سڀ وستون ۾ ائين پوئل آهن، جئن موتي ڌاڳي ۾. سورج ۽ چندرما جو تيج مان آهيان. وايوءَ ۾ واڪيه، پرٿويءَ ۾ سرهاڻ، بلڪ ساري رچنا جو سار مان آهيان. سورج جي پرڪاش جيان، مان آدي برهم، سڀني وستن کي هڪ ئي وقت پرڪاشت ڪيو بيٺو آهيان؛ وري انهن کي لپيٽڻ وارو به مان آهيان. هي ارجن! ساري سرشٽيءَ جو مول، اڳ، وچ ۽ پڇاڙي تون مون کي ڄاڻ."

چاندوگيه اپنشد ۾ آيل آهي: ”هي ساس جو اسين کڻون ٿا ۽ هو سورج جو اسين ڏسون ٿا، سي ٻئي ساڳيا آهن. ٺيڪ جهڙي هِن ۾، تهڙي هُن ۾. جو ”پرش“ سورج ۾ ٿو وسي، سوئي منش جي روپ ۾ وياپڪ آهي. جو اگنيءَ ۾ ٿو وسي، سوئي اسان ۾ وياپڪ آهي. جو آڪاس، منش جي ٻاهران پيو وسي، سوئي سندس گهٽ ۾ وياپڪ آهي.“

جنءَ گهٽن ۾ آڪاس، تنءَ سڀ ۾ ساکي ڀوت.

فيضيءَ، گيتا جي پارسي ترجمي ۾، اهو خيال هينئن پيش ڪيو آهي:

چو در گنبد چرخ نيلي هواست،
چنان در من اين کائنات خداست.

مطلب ته اهو ساڳيو ساکي، پربت ۾ به آهي ته پشپ ۾ به. سامي جهڙن گيانين کي، ٻوند ۾ سمنڊ ۽ ڪڻي ۾ سمير ٿو نظر اچي:

پربت منجهه رائي رهي، رائيءَ منجهه سمير.

ابناسي ايشور:

منش جي درشٽيءَ تي اهڙو ڪو مها پربل پردو چڙهيل آهي، جو هو سرو وياپڪ برهم کي لهي نه ٿو سگهي. مشهور سنسڪرت ودوان مئڪس ملر لکي ٿو: ”جنءَ ڌرتيءَ ۾ ڪڏهن ٻوريل پدارٿ مٿان، ماڻهو بي خبريءَ

۾ لڳي ويندا آهن، ۽ سمڪ نه رهندي اٿن، نه سندن پيرن هيٺان کھڙو به ٻيو ڪو خزانو پيل آهي، تنهن هوندي سرووياپڪ برهم کان غافل رهجي ويا آهن، جو نه اُست ڪين پلايو ڇڏي.“

اِها هڪ وڏي ڳجھارت آهي، جو هر بدن کان مڪت ابناسي ايشور، سنسار جي ناسونت وستن ۽ ديھن ۾ اچي، پاڻکي جڪڙي وينو آهي! جنهن صورت ۾ پاڻ ابناسي آهي، تنهن صورت ۾ ناسونت وستن ۾ ڪيئن اچي واسو ڪيو اٿس! اها ڳجھارت ”اڻن اپياس“ مان ئي پروڙي سگھبي. اسانجو دماغي عقل اُنکي سمجھي نه ٿو سگھي. حافظ ٿو چوي: ”عنقا (يعني ايشور) ڪنهن جو به شڪار ٿيڻو ناهي يعني ڪنهن به بدن ۾ اچڻ وارو ناهي.“ جيڪي ناس ٿئي ٿو، سو ٻاهريون قالب؛ اندريون سوکيم تت، آدي ۽ ابناسي آهي. انيڪ برهمنڊ، برهم مان نڪتا آهن ۽ پاڻ منجھن وياپڪ آهي، نه به پاڻ پورن جو پورن آهي. نڪي هو گھٽجي ٿو، نه وڌي ٿو. جئن ڪرشن، ڀڳوان گيتا ۾ ارجن کي ٿو چوي: ”پرپور سمنڊ مان هڪڙي بوند نڪري، اها بوند ڪنهن داڻي تي وڃي پوي ۽ سڀ داڻي کي ڀسائي ڇڏي: سمنڊ اهڙي جو اهڙو پرپور آهي. اهڙيءَ ريت، گھڻا برهمنڊ مان نڪتا آهن ۽ مان پورن جو پورن آهيان.“ سامي ٿو فرمائي:

ابياسيءَ جو واس، ڪوڙ ٻڌوسين ڪاٿهين؛
ٻڌڪ جي ڄاريءَ ۾، ڪڏهن اچي آڪاس؛
سمجهي ڏس **ساميءَ** چئي، ڪري اڻ ابياس؛
ڦري منجهه ڦاس، ٻئي ڏئي ٻاهر ڪي.

آتم گيان:

آتم گيان جي وسيلي ئي، برهم، برهمانڊ ۽ آتما جا راز سمجهي سگهجن ٿا؛ پر آتم گيان يا آتم وديا جي پراپتي ڪا سستي چيز ناهي. نارد سوامي، جنهن کي سڀ وديائون ڀيٽ ۾ هيون، سو به انهيءَ وديا جي پراپتيءَ لاءِ، پرجاپتي (برهما) جي چرڻن ۾، هڪ سؤ ورهيه وديارٿي ٿي رهيو؛ پوءِ ئي هو ايشور جو پيارو ٿي سگهيو. سامي، ناردمنيءَ کي ڀڳوان کان مليل اپديش ڏانهن، هيٺين تو اشارو ڪري:

جاڳج ست سروپ، نارد نج ڀڳتن کي؛
تارڻ ڪارڻ سنسار جي، ڌاريم اهو روپ؛
سامي وچن انوپ، ست چوان تو صفت سان.

سنسار جا ساپرس، برهم جو روپ آهن؛ اُنهن مان ئي سچو گيان پڙهي سگهي ٿو، نه ويدن پڙهڻ يا ساڌن ساڌڻ سان.

ٻيا آتم گيان، مهت نه منئي من جي؛
توڙي سڀ ساڌن ڪرين، پڙهين ويد پران؛
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي ائين چيو.

سنتن ٿي انهيءَ "سار" کي سوگهو جهليو آهي؛ پر هيءَ هڪ اهڙي ڳجهارت آهي، جو مهاپرک ٻه اُنجو ورنن، ٻوليءَ ۾ نه ڪري سگهيا آهن. "جنهنجو انت نه آد، سو ڪٿن اچي ڪٿ ۾؟"

جنهنجو آد نه انت ڪو، نڪو پارا وار؛
من ٻڌواڻيءَ کون پري، ڪير ڪري ٽڪرار؛
ساميءَ سمجهي سار، سنتن هڪ سوگهو ڪيو.

مايا جو طلسم:

بي انت ايشور کي، سرشٽيءَ رچڻ جو ويچار ڇو آيو، سو ٻه هڪ ڳوڙهو سوال آهي. ساميءَ، سرشٽيءَ کي "خياليءَ جو خيال" تو سڏي؛ اهو خيال، برهم مان "اچاري" اُپڻ ٿيو آهي.

اچاري اسرار، ٿيو خياليءَ جي خيال ۾.

صوفي ٿا چون ته "حق يا ايشور هڪ لڪل خزانو هو؛ خواهش ٿيس ته ظاهر ٿيان؛ انهيءَ ڪري ڪائنات کي وجود ۾ آندائين ته پَل اُها آئيني مثل سندس عڪس پسائي." تصوف توڙي ويدانت موجب، هيءَ ساري رچنا، برهم جو هڪ "خيال" يا "عڪس" آهي. سڄل سنسار کي "طلسمات" تو سڏي ۽ ايشور کي "بازيگر"؛ ساميءَ پيار وچان برهم کي "نٽ" ۽ "ناگرنٽ" سڏيو آهي. شاه صاحب کيس "مانڊي" تو ڪوٺي. سندس "ول ڇل" کي، ڪاملن ٿي سمجهيو آهي.

ساميءَ لڳو لڌو، جنهن لڳو لڳيو سڀ کي ؛
محڪم مَن آتمي سان، ٻوڙيو دام ٻڌو ؛
ول ڇڄل ڇڏي ٻالهپڻو، ليڙو لڳو لڌو ؛
سهجي ساڳو رڌو، سو ڪائي امت خوشيءَ سان.

ويچارن رواجي جيون کي هن مايا اندو ڪري، رلائي خراب ڪيو آهي. ايشور جهڙو ٻاڻ مهاپربل آهي، تهڙي مهاپربل سندس مايا آهي، جنهن وڏا وڏا جوڳيسر ڀلائي ڇڏيا آهن.

مها چل پربل، مايا محبوبن جي ؛
وڏو جنهن جهان کي، نانا ياءِ خلل.

سنسار هڪ وهم، ڀرم يا سپنو:

ويدانت موجب، هي سنسار هڪ وهم، ڀرم يا سپنو آهي. سامي انکي ٻين ٻه گهڻن نالن سان تو سڏي: جهڙوڪ "درخت جي ڇايا،" "اڻ هوند پولو،" "اڻ هوندو درياه،" "اڻ هوندو اسرار،" "اڻ هوندي حرڪت" ۽ "مرگهه ترشنا جو جل" وغيره.*

اڻ هوندي اگيان، رچي راند رنگ ٻري.

اسان، "اڻ هوندي اگيان" سبب، هن اسٽ سنسار

* Now one should know that Nature is illusion,
And that the Mighty Lord is the illusion-maker."
(Svetasvatara Upanished from Prof. R. E. Hume's
"THE THIRTEEN PRINCIPAL UPANISHADS.")

کي، ائين سمت مهڙي وينو آهي، جهڙي بعضي اونده ۾ پلجي، نوڙيءَ کي نانگ سمجهيو آهي، يا جهڙي مرگهه پڻهنجي موڙ کائيءَ سببان، رڃ کي جل سمجهندو آهي.

ڏرين ڪوه پيار، تو ساهي مايا موه سان؛
اتي سڀ اوديا جو، اڻ هوندو اسرار؛
جهڙين نانگ نوڙيءَ ۾، سپني ۾ سنسار؛
ڪرين جيءُ خوار، مرگهه ترشنا جي جل ۾.

اسانجي ڪلپت واري ڪايا ئي، اوديا سبب، هن ڪوڙي تماشي کي سچ سمجهي ويٺي آهي؛ ۽ هي سنسار ائين آهي، جهڙي درخت جي ڇايا.

ساهي جاڳي جيءُ سمت، ڪلپت جي ڪايا،
درخت جي ڇايا، جاڳي ڏسي ڪينڪي.

ساهي صاحب هن جيوت روپي سپني کي، سهڻي طرز سان بيان تو ڪري:

سپني مڌ ڪنگال، راجا ٿيو هڪ ديس جو،
هاٿي گهوڙا پالڪيون، ميڙيائين سڀ مال،
درتي بينا ڪيترا، ساهي ڪن سوال،
جاڳي اهو حوال، پهندو وٽي پاڻ ئي.*

---

* انگريزي شاعر ورڊسورٿ ۾ چوي ٿو:
*Our birth is but a sleep and a forgetting."

دنيا جي راڄائي لوڙي ڦيري، سپني جو ڪيل آهي، جو نہ اڻکي ڪو بقاءُ ناهي. "جڳ مٿيا" جي باري ۾، شيڪسپيئر جي 'Tempest' ۾ ساڳيو اهڙو ئي سهڻو خيال آيل آهي:

"And like the baseless fabric of this vision,
The cloud-capp'd towers, the gorgeous palaces,
The Solemn temples, the great globe itself,
Yea, all which it inherit, shall dissolve
And, like this insubstantial pageant faded,
Leave not a rack behind. We are such stuff
As dreams are made on, and our little life
Is rounded with a sleep."

پر هن جڳتر کي سپنو ڄاڻڻ، ڪا آسان ڳالهہ ناهي. هيءَ مايا اهڙي تہ پربل آهي، جو

سياڻا، پنڊت، پستڪي، پڻا همت هٽي.

مهابلي پرک بہ انجي ڇمبي کان بچي نہ ٿا سگهن، جيسين ڪِ ڪنهن بچائڻ واري جو هٿ اچي رسين:

سڀ کي نچائي، ٿو اوديا پوت پرم جو؛
بدا ڦاهيءَ ڦند جي، ٿو ٻـل ٻـل ڦٽائي؛
منتر نہ مڃي ڪنهن جو، رهيا ٻلي ٻل لائي؛
ستگر ڇڏائي، تہ ساهي ڇٽي دک ڪون.

هن سمسار روپي رڻ پوميءَ ۾، "اوديا جو جهولو"

اهڙي نہ جدون سان پيو لڳي، جو انجي جهڙپ، اسان کان آتمڪ صحت کسيو، اسانکي هميشه لاءِ عليل بڻايو ڇڏي. اِنهيءَ گرميءَ کان، اسانجي اندر جي نيترن تي اهڙا تہ پردا چڙهيو وڃن، جو اسين جيئُ، سڀ جيان چمڪندڙ سچ کي ڏسڻ کان بہ، عاجز ٿيو پئون.

اوديا جو جهولو، پاري لڳو جيءَ کي؛
تنهن ڪلاسپ کيڏي ڪري، ساهي کيو ٻولو؛
اڇي وسيس اکين تي، اڻ هوندو اولو؛
پرم جو پولو، مڇي وينو پاڻ ۾.

مايا جي بلا کان، وڏا وڏا تياڳي، ويراڳي ۽ جوڳيسر بہ بچي نہ سگهيا آهن. مايا جي چار کان ڇٽڻ لاءِ، نہ تيرٿ گهرجن، نہ جپ تپ، پر صرف ڪنهن پورن پرک جو همٿ. اُپديشن مان بہ اِهائي ٿي ساک ملي.

ڪنهن ڪون ڪين لهي، اوديا ڪلف اندر جو؛
توڙي تيرٿ تپ ڪري، دک بک سڀ سهي؛
تياڳہ ڪري گهر ٻار جو، غفا مدجهہ رهي؛
ساڌوءَ سرن پئي، تہ سگهي ٿئي ساهي ڇٽي.

پورن پرکہ جي ضرورت:

اُپديش ثابت ٿا ڪن تہ برهم جي ڳولائن، پنهنجي "اندر جو ڪلف،" ڪاملن جي ڪنجيءَ سان ئي لاٿو آهي. سامي صاحب پاڻ بہ اوديا جي سنسي کان تڏهين

نجات پائي، جڏهن سوامي مينگهراج جهڙي مهاپرک مٿس همٿ ڌري ٿو. هيڏهن سلوڪ ۾، هو صاحب اهڙو اعتراف ڪري ٿو:

اڳ نه ڄاڻم ڄاڻ، نه ڄڳ مڙيوئي سپنو،
وهي ويس وڃڻ ۾، ٽيج تڏهن جي ساڻ،
سامي ڪيو ستگروءَ، نانا ڪون نرباڻ،
جاڳي پنهنجو پاڻ، اسٿت ڏٺو آڪاس جان.

دنيا ۾ ڪير آهي، جو اِنهيءَ سنسي کان، پنهنجي سر بچي سگهي! اِنهيءَ پروليءَ جو حل، ساميءَ جهڙو گياني ٻه، پنهنجي ستگروءَ کان ئي همٿ ڪري سگهيو. جڏهن سنسار کي هو ست سمجهي ويٺو هو، تڏهن کي سندس ستگروءَ هڪ ڪوڙو نماءُ ثابت ڪري ڏيکاريو. درحقيقت، برهم آهي جل، ۽ جڳت، جل پپوٽو.

سنسو هڪ هيو، اڇي منهنجي جيءَ ۾،
سامي ڇنئي ستگرو، ڪاٽي جڳت ڀيو،
پنهنجي ڏيئي پاڻ کي، ساميءَ سڌ ڪيو،
آهي ڪين ٻيو، جل پپوٽو جل ري.

گر گيان:

گرگيان جي پرڪاش سان ئي اندر جي اونده نورت ٿي ٿئي ۽ باطن ۾ ”انهيءَ جوت“ ٿي جاڳي. وديا سان ئي اوديا جي اونده وڃي ٿي، ۽ گرگيان سان، گيان جي روشني ملي ٿي.

سنتن ڪا اسواہ سنسار ۾ اسوري رچ آهي، انهن جو سنگ ڪري
آتمڪ اُڃ لاهي ٿو، ٻيءَ حالت ۾، منش ويچارو مرگهه
وانگر ترشنا ۾ جلي پورو ٿيو وڃي:

ڏني سيائي سج، سنتن ري سنسار ۾،
مرگهه ترشنا جي جل مون، ساهي لٿي نه اُڃ،
جاڳيا پورن ڀڄ، تڏهين سنتن جو سنگ ٿيو.*

اهم برهم اسمي:

مها پرکن جي مهر سان ٿي، منش پنهنجي ممت مٽائي
ٿو سگهي. ممت مٽيل ۽ گيانوان پرک ئي "اهم برهم اسمي"
يعني "مان برهم آهيان" جو "انيڪي نگارو" ٿو وڄائي؛
۽ ٻين کي سڃاڻ ڪري، چوي ٿو: "تت توم اسي"
يعني "تون برهم آهين." منصور جو "انا الحق" يعني

---

* اوديا ۽ وديا جي باري ۾، ايمرسن (Emerson) پنهنجي
بي نظير مضمون، ''Plato; or, The Philosopher'' ۾،
گيتا مان هي ويچار ڪڍي، پيش ٿو ڪري:

Says the Supreme Krishna: "The words *I* and *mine* constitute ignorance. What is the great end of all, you shall now learn from me. It is soul – one in all bodies, pervading, uniform, perfect, pre eminent over nature, exempt from birth, growth and decay, omnipresent, made up of true knowledge, independent, unconnected with unrealities, with name, species, and the rest, in time past, present, and to come." ("Emerson's Essays")

"مان ايشور يا سچ آهيان" ساڳيو هندوستان جو آدي آتمڪ آواز "اهم برهم اسمي" يعني "مان برهم يا ايشور آهيان" آهي. *

ويدانت ۽ تصوف:

آغا صوفي به "سچل سرمست جي رسالي" جي مهاڳ ۾ ساڳيو اعتراف ٿو ڪري:

"انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته تصوف جي علم کي، عرب ڏنون عملي جامو پهرايو...... مگر درحقيقت انهن چوڻ جو اهو مطلب نه آهي، ته ڪو **تصوف جو علم** به، صوفي لفظ وانگر، عرب جو علمي دنيا جو ظهور آهي. نه نه، هرگز نه ۽ جنهن زماني ۾، عرب جي صوفين مس پرڙا ٿي ساهيا، تنهن سمي، بلڪ ان کان گهڻو اڳ، هند جي نگريءَ ۾، يوگين ۽ صوفين پرواز ٿي ڪيا...... جن جو ويدن سان واهپو هوندو، يا جن کي گيتا جو گيان حاصل هوندو، انهنکي معلوم هوندو، ته هنن پاڪ شاسترن جو هڪ هڪ لفظ، واقع تصوف (يوگ) جي خوشبوءِ سان معطر آهي."

---

* مسٽر ڪلاڊ فيلڊ ٿو چوي:

"Hellaj (Mansoor) was no more than the representative of an old idea, Indian in origin, which he combined with sufism, thereby giving an entirely new direction to Islamic thought."
(Claud Field)

منصور کي انهيءَ نعري، سوريءَ تي چاڙهايو. منصور جو قصور اهو هو، جو پاڻ سڃاتائين. جن کيس سوريءَ تي چاڙهيو، تن کيس نہ سڃاتو. منصور جي وارتا نهايت درد انگيز ۽ دل کي ڇهندڙ آهي ۽ سندس شخصيت جو اثر، حق جي راهہ تي هلندڙن تي، حيرت جهڙو ٿيو آهي. پارسي ۽ سنڌي شاعرن جي ڪلام ۾، هنکي "عشق جو اوتار" سڏيو آهي. سامي صاحب هڪ هنڌ، اڻسڌيءَ طرح، منصور ۽ سندس خودشناسيءَ واري نعري ڏانهن اشارو فرمايو آهي:

ڏسي منهن محبوب جو، سامي ٿيو عاشق؛
لنو لنو اناالحق، بولي پيائيءَ ري سدا.

ويدانتي پرولبون:

سامي، ڪيترن هنڌن، ويدانتي ڳجهارتن جي وسيلي، انهيءَ "انيڪي جوت" ۽ "انيڪي گهر" ڏانهن اشارو ٿو ڪري، جنهنجي ڏسڻ سان پاڻ پروڙڻ جو مسئلو، حل ٿيو وڃي.

"چار آڱر آڪاس، تنهن ۾ درس دوس جو."
"پن پارين جي وچ، ڏسڻي ڏئي لات."
"روپ رنگ بن پاڙي ري، کليو غيبي گل؛
ڪرانس جنهن ۾ ڪل، سورج چندر چراغ جي."
"اڪ بن منجهہ اکيون، تنهن ۾ اکيون انيڪي."
"سامي گهر ۾ گهر، تنهن ۾ گهر اگهر ٿئي."

”اجگنجي تارو، پورب چڙهيو پاڻهي؛
ڀورن ڀريو ٽهڪجو، ده دس اُجارو.“
”سامي وينا سمر ٿي، لڌو سان مڌه للاٽ؛
کولي ٻڄر ڪپاٽ، سنمک ڏسن سپرين.“

مهارشين جي ايشور اگيان آراڌنا:

ويدن وارن رشين جي مک ٿي، ايشور در، سديو اهائي آراڌنا هوندي هئي ته ”اي پار برهم پرميشور! اسانجي اگيان جي اونده نورت ڪري، پنهنجي پرم جوت پساءِ! اسانکي انڌڪار مان ڪڍي، سوجهري ۾ آڻ ۽ است مان ڪڍي، ست ۾ رک.“ سامي به اِها ساڳي ويدن واري پرارٿنا ٿو اُچاري:

عاشق ڪن عرض، سدا سڪ سڄيءَ سان؛
درسن دردوندن کي، ڏي نارائڻ نيج؛
اوديا اونده نه رهي، ڏسي ساکي سيج؛
سڙي وڃي ٻيج، سامي چئي سنسار جو.

درحقيقت، دلپت صاحب، جيڪي پنهنجي ٻاڻيءَ نسبت چيو آهي، سو ساميءَ جي وچنن سان پورو لڳي ٿو اچي:

واسطو هن وچن جو، سمجهي ڪو سچيار؛
ويدن جي واڻيءَ ۾، هوندو جو هوشيار.*
(دلپت)

* سامي صاحب جي ويدانتي ويچارن کي سمجهڻ لاءِ، ”ساميءَ جون تشبيهون“ وارو مضمون به نظر مان ڪڍڻ ضروري آهي.

ساميءَ جون تشبيهون

اوراٽا آهين، ڳالهيون سا ٻرسن جون؛
ممتا ميل اندر جي، ڌوئي سڀ لاهين؛
نرمل ڪري من کي، پد ۾ پهچائين؛
سڀ گهٽ لڪائين، **سامي** سپيرين کي.

پراچين رشين جو سکيا ڏيڻ جو نمونو:

پراچين رشي، من موهيندڙ روپڪن وسيلي، سکيائون ڏيندا هوا.* ساميءَ جي مٺي، رس ڀري ۽ سهڻين تشبيهن سان سينگاريل ڪوتا ۾، "ويدن جي واٽيءَ"

---

* "پروفيسر مئڪس ملر پنهنجي "ڇهه درشن" 'Six Systems of Philosophy' ۾ ڏيکاري ٿو ته ڪئين نه پراڻا رشي، ماڻهن کي، آتما جي اوکي سکيا، سؤکن روپڪن دوارا ڏيندا هوا. سامي اهو ساڳيو رستو ورتو آهي. هو هرڪنهن ڪٺن سوکم ويچار کي، مثالن منجهان ٿو پڌرو ڪري." (پروفيسر چيتمل پرسرام)

جو يادگار آهي. * ساميءَ جي لڇڻن روپي ڪوزي ۾ جڙيل، ويدانت جو قلزم يا مهاساگر سمايل آهي، جنهن هيٺ ڏنل مثالن مان پرسڌ ٿو ٿئي.

ڪنول:

ڪنول گل، پراچين ڪوين ۽ رشين جي هردي جو هار هو. ساميءَ، گياني، ڌياني، مهاتمائن ۽ جوڳين ڪي، ڪنول سان پيٺيو آهي. هري ڀڳت، هن جهان جي تالاب ۾ ائين اليپ رهيا پيا آهن، جئن ڪنول جل ۾: ”رهن منجهه جهان، سدا اليپ ڪنول جان.“ دنيا جي انيڪ خيالن ۽ خطرن ۾، هو هميشه، سچيت ۽ ”سجاڳي“ ٿا رهن:

”رهن اليپ ڪنول جان، سامي سجاڳي.“

سنساري پوڳ، پوڳيندي ٻي، هو ڪنول جيان سدا اڇا ۽ اوجل آهن:

”توڙي پوڳن پوڳ، تان پي ڪيول ڪنول جان سدا“

هئن، جو اندر جي نيترن سان، پاڪيءَ ڏٺو آهي، سو هو سديو، پنهنجي ”مخفي راز“ ۾، ڪنول جيان، سرها ۽ بهار ٿا گذارين:

---

* ”جيئن مولانا روميءَ جي مثنويءَ نسبت چئبي ٿو: ’آهي قرآن (اصلي ڪتاب) پهلويءَ ٻوليءَ ۾،‘ جئن لطيف جو رسالو آهي ساڳيو ڪتاب سنڌيءَ ۾، لئن ساميءَ جا سلوڪ آهن، ويد (آدي گرنٿ) سنڌيءَ ٻوليءَ ۾.“ (پروفيسر جيٺمل پرسرام)

”جاڳي ڏٺو جن، پاڻهنجي اکڙين پاڻ کي؛
مڪتي راڄ رهن، ڪيول ڪنول جان سدا.“*

جنهن سنت پرش، ستگروءَ جي مهر سان، اوديا جو پردو هٽائي ٻري ڪيو آهي، تنهنجو من، سدائين ائين پيو ٽڙي ۽ ٽلي، جئن ڪنول جو پشپ:

”جنهنجو پت پاسي، ساهي ڪري ستگرو؛
تنهنجو مـن ڪنول جان، بيحد بـگاسي.“

پريم، نرالا نرالا روپ وٺي، سنسار ۾ نروار ٿيو آهي: ناد جي روپ ۾ مرگهه کي، جوت جي روپ ۾ پتنگ کي، ۽ ڪنول جي روپ ۾ ڀؤنر کي ٿو ڦاسائي:

سڀ کي ٻوڙايو، پريم پساچ لڳي ڪري؛
ٻڌي ناد ڪنن سان، مرگهه ڊوڙي آيو؛
وٺـي واس ڪنول جـان، ڀـؤنـر لپٽايو؛
ساهي سمايو، پتنگ جوت ڏسي ڪري.

نڀ يا آڪاس:

ايشور، اندر توڙي ٻاهر، ائين سرووياپڪ آهي، جئن نڀ يا آڪاس هرهنڌ ٿو وسي.

”اندر ٻاهر نڀ جان، ڀڳوت هڪ پاسي.“
”جئن گهٽن ۾ آڪاس، تئن ساڪي ڏسي سڀ ۾.“φ

* برهم گياني، سدا نرليپ، جئسي جل مهه، ڪمل اليپ. (سر سکمني صاحب)

φ بيراڳي بيباڪ، عنصر ڪون آزاد ٿيا. (بيدل)

پورن پرک، جن پنهنجي من جا سنسا نورس ڪيا آهن، سي پنهنجي سروپ ۾، آڪاس جيان، "اسرپ" ۽ "اليپ" ٿي ٿا رهن ۽ هو ڏيهي ۽ هوندي به، ليپ وانگر "بديهي" آهن:

"رهن منجه سروپ، اسرپ آڪاس جان."
"جئن اليپ آڪاس، تئن رهن بديهي ديه ۾."

سچو گياني، هن جڳتر ڪي، مايا جو ڇل ڇاڻي، هميشه آڪاس جيان، اوڇ ۽ اڇل ٿو رهي.

اندر باهر ني جان، رهي اليپ اڇل،
ڇاڻي مايا ڇل، ڇڙهي وينو ڇوڏول ۾.

سچو "پريم" "پريم" ٻيو پڪاري، پر پريم هڪ اهڙي وستو آهي، جا وائيءَ ۽ واچ ۾ اچي نه ٿي سگهي، جئن "گهٽن ۾ آڪاس" جو، مُک سان ورنن ٿي نٿو سگهي.

سچو پريم ڇئي، پريم نه اچي واچ ۾؛
جئن آڪاس گهٽن ۾، سدا اليپ رهي.

انل:

جنهن ڀڳت جي هردي ۾، ستگروءَ جي گيان جو پرڪاش ٿيو آهي، تنهنجي آتمڪ "سرت"، انل پکيءَ جيان، آڪاس ڪي وچ ٿي رسي.

ديکيا داس گوروءَ جي، جنهنجي من وسي؛
انل جان آڪاس ۾، ساهي سرت وسي.

”گرمڪ جي گادي، انل جان آڪاس ۾.“ هو جهان جي گرميءَ ۽ سرديءَ ۾ اٽين استت ٿو رهي، جٿن انل، آڪاس ۾.

جٿن انل پکي، استت رهي آڪاس ۾.

ايڏي پدويءَ وارو پرش، سنساري جيون ۾ اهڙو ڇڏو ۽ اڻلپ آهي، جهڙو پکين ۾ انل.

آئم پدواسي، ڪوڙين مڌ جهون ڪو رهي؛
جٿن پکين ۾ هڪڙو، انل آڪاسي.

سامي صاحب، منش کي انل جو مثال ڏيئي، هدايت ٿو ڪري تہ ”اي آڪاسي پکي! تون بہ انل وانگر پنهنجو آشيانو، عرش ۾ وڃي اَڏ.“

انل جان آڪاس ۾، ڪيول ترڪٽي اَڏ.*

سپ، پونر، پپيهہ، چڪور ۽ مڇلي:

جٿن سپ، سنيت يا سواتي (برسات جي بوند) لاءِ ورلاپ ڪندي آهي، جٿن چڪوي، چڪور لاءِ سڏڪا پريندي آهي، ۽ جٿن مڇي، پاڻيءَ کانسواءِ ڦٿڪندي آهي، تئن عاشق، عجيب لاءِ ترڦي ٿو:

---

* ساميءَ جي هيءَ تشبيهہ بہ مشهور آهي:
گرمڪ جو عرش ڏانهن پرواز اٽين آهي:
”جٿن انل جو آلو، اُنٿو چڙهي آڪاس ۾.“

راتيون ڏينهن رڙي، ٿي ٻره ڪارڻ پيءُ جي؛
جنهن ڪارڻ سڄمت جي، سپ ورلاپ ڪري؛
چڪوي ڪارڻ چڪور جي، سڏڪي ساهه ڀري؛
پياس لڳي مٺي مينهن جي، ٻدا لهر مري؛
تڏهن جيءَ ٺري، جڏهين **ساهي** ملي سپرين.

سڪ ۾ ٻڌل ايشور جا پريمي، اُن ئي ڀير، اندر جو اندر ۾، پنهنجي حقيقي پرينءَ لاءِ ائين پيا تڙڦن، جهڙي چڪور چندرما لاءِ، سپ ۽ پپيهه برسات جي بوند لاءِ، مڇلي پاڻيءَ لاءِ، ۽ ڀؤنر پشپ جي واس لاءِ تڙڦندا آهن. نيهيءَ جو، نارائڻ جي درشن ڏاران، جيئڻ ڪو نهي.

پلڪ نه ٽڪي پري، نيهي نارائڻ کون؛
من ۾ چندر چڪور جيان، درشن ڏيان ڌري؛
ڀؤنر رهي نه واس ري، جل ري مڇن مري؛
ساهي تڏهين ٺري، جڏهين ٻوي بوند پپيهه کي.

هري ڀڳت، اُن ئي ڀير، هريءَ جي درشن لاءِ ائين پيو رڙي، "جنهن ڪارڻ سڄمت جي، سپ ورلاپ ڪري." ساهي، چڪور، مڇي، پپيهه ۽ ڀؤنر جا مثال، الڳ الڳ ٻه ڏني ٿو:

"محبتي مري، درشن ڪارڻ دوس جي؛
جنهن مڇلي ليهر کون، پلڪ نه ٽڪي پري."
"سدا پرين جي، لڳو ۾ رهن ليَن؛
جنهن جل کون مين، پلڪ پراهون نه ٽڪي."

"جنهن جل ري مين، تنهن عاشق مرن عجيب ري."

"چاترڪ جان چت ۾، ساهي رام رتي؛
ٻيهه ٻوند چني، انڀئي جي آڪاس ۾."

هري ڀڳت، جڏهين هري ۽ جو درشن پراپت ڪري ٿو، بلڪ پاڻ خود ايشور ٿي ٿو وڃي، تڏهين به پپيهه جيان، هر ساعت، "پيءُ، پيءُ" يعني "پرين، پرين" پيو پڪاري:

"پيءُ پرچي ٿيو پاڻ، نه به پيءُ پيءُ ڪري پپيهه جان."

ناڪر، ڀڳت يا سنت جي مٿان ائين فدا آهي، جئن ڀؤنر، ڪنول مٿان مفتون آهي:

ناڪر وڪاڻو، ساهي هٿ سنتن جي؛
لٽڪي ليٽاڻو، پئو رجان ڀڳت تي.

پروانو:

سچا عاشق، پنهنجو جيءُ ۽ جند، عجيبن تان ائين پيا گهورين، جئن پروانو، شمع مٿان پاڻ فدا ڪندو آهي.

محبت جي ميدان ۾، عاشق رنگ رچن؛
پون پروانن جان، اڳيون عجيبن.

پر اهڙا پريمي ڪي ورلا آهن، جن پنهنجي اندر جي جوش کي ائين سڃاتو آهي، جئن پرواني، شمع جي شعاع کي سڃاتو آهي. اهڙو دردوند درويش، ڪروڙن ۾ ڪو هڪ ٿو ٿئي، جنهن کي پنهنجي باطني جلوي ۽ جمال جي شناس آهي.

سامي پنهنجي گهر جي، ڪنهن کي سڌ ڪانهي؛*
ورلي ڪنهن سهي ڪيو، دردوند دانيءَ؛
ڀرچي ڀرواڻيءَ، جنهن سڃاتو جوت کي."

سپنو:

ويدانت وارن، هن حياتيءَ کي سپن اوستا ڪري ورڻن ڪيو آهي. جيئن اسين، سپني ۾، سپني درشين کي سچ ڪري ڄاڻندا آهيون، تيئن هن ڪوڙي سنسار جي اڻهوندين ڪارگذارين ۽ دولابي نماءَ کي ٻه، ست مڃي ويٺا آهيون.

اڻهوندو سنسار، ڪلپت ڪري سڌ ٿيو،
جيئن سپني ۾ سڌ ٿيو، نانا وڌ وهنوار.

سچي گيان ۽ آتمڪ ڄاڳرتا کانسواءِ، اِنسان پاڻ کي ائين ٿو سمجهي، جيئن جيڪر ڪو راجا، سپني ۾، پاڻ کي هڪ ڪنگال جي حالت ۾ ڏسي.

بنا گيان، ڪنهين ڀاتو ڪيڏڪي؛
جيئن سچو سپني ۾، سامي ٿئي سلطان.

هن اڻهوندي سنساري ڀرم ۾ ڀلجي، مورک منش، پنهنجي آتما لاءِ ائين ٿو ڦول ڦولي، جيئن جيڪر ڪا

* آتما کي سڃاڻڻ نهايت مشڪل آهي. گيتا ۾ به فرمايل آهي: "اندرين کان پري من آهي، من ڪري اندريون سرجيت آهن. من کان پري بڌ آهي. بڌ کان پري آتما آهي."

ناري، سونهن ۾، پنهنجو يار وڃايل ڄاڻي، هنجي ڳولا ۾، در در رلي.

پـــرم مندڄهه پلي، مــورک ڦولي آلــمـــا؛
يار وڃائي لنب ۾، جئن در در لـــار رلي.

ڳهڻو ۽ ڏانور:

جئن ڪاٺ کي اُڌوهي يا ڳهڻو کائيندو آهي، تئن عاشق جي دل کي عشق ٿو کائي:

"جئن ڪاٺي کائي ڳهڻ، تئن عشق لڳو اوراح کي."

اوديـــا اسانجي من مان ٿي اُٿپن ٿـــي ٿئي، ۽ وري وڃي به اسانجي من کي اٿين ٿي وڪوڙي آهي، جئن ڏانور يا ڪوريئڙو، پنهنجي ٿي رچيل تندن ۾ ڦاٺ کي اڙائي، لپيندو ۽ ڦٽڪندو آهي.

اوديا من رچي، سا ويڙهي وئي من کي؛
جئن ڏانـــور تــــار ۾، مـــري ڦـــاٺ پچي.

سامي صاحب، انسان جي باري ۾ چوي ٿـــو:

ڏانـــور جئن ڦـــاٺ کـــي، ڦندري ڦاسائي؛
مدهن مڙهيء پائي، سامي ڏسي ڪيٽڪي.

مرگهه ترشنا:

سچو سمت اهو چئبو، جو هن جڳت کي "مرگهه ترشنا" ڄاڻي، ساڻس پريت نه ٿو لڳائي.

سوئي سمت پڇس، سوئي پڇس گيانوان؛
مرگهہ ترشنا جي جل جان، ڏٺو جڏهن جڳس.

عشق ۽ عقل:

جئن چقمق، بيجان لوهہ ۾ جنبش تہ جاڳائي، تئن ايشوري پريم بہ، مردار من ۾ جنبش تہ جاڳائي.

عشق جاڳايو، سامي سمجهہ جيءَ کي؛
جئن چقمق لوهہ کي، چت ري چلايو.

سامي ٿي هڪ ڪوي آهي، جو چوي ٿو: "عشق ۽ عقل، ٻئي پر پکيءَ جا." ٻين شاعرن، اڪثر انهيءَ ئي خيال کي دهرايو آهي، تہ عشق جي اچڻ سان، عقل الوداع ڪري ٿو وڃي. ساميءَ جي نظر ۾، عشق آهي اهو اعليٰ عقل، جو منش کي "آتمڪ سرت" ٿو ڏئي. اهو عقل، عشق سان ائين مليو پيو آهي، جئن آڪاسي سن سان جل، ۽ سورج سان سورج جو سايو.

"عشق سان عقل، مليو رهي منش ۾؛
جئن سن آڪاس سان، پاڻي مليو جل."
"عشق پٺيءَ آئيو، عقل پيهي پاڻهي؛
سورج سان لڳو رهي، جئن سورج جو سايو."

سروويا پڪ پرماتما:

ايشور، سڀڪنهن وستوءَ ۾ ائين سمايو پيو آهي، جئن نيڻن ۾ جوت، ۽ وڃڻيءَ ۾ واءُ.

”جئين ٽمڪن ۾ اوڙ، تئين ساکي وسي سڀ ۾.“

”جئين وڇڙيءَ ۾ واءُ، تئين ساکي وسي سڀ ۾.“

جڏهن ڀڳت کي، گيان جي پوري پراپتي ٿي ٿي آهي، سو انهن آهي، جئين موتي، آب (جوهر) کانسواءِ. پاڻيءَ ري پاڻيمت، هڪ کيس پٿر سمان آهي؛ ري گيان ڀڳت ۾، هڪ ٿلهو ٺڪر ڇٽو.

”ڀڳت ورائي گيان، جئين موتي آب ري.“

جڳت اپاس:

هن جڳت ۾، ايشور جي جوت ۽ انهن سمايل آهي، جئين چندرما ۾، سج جي روشني. هي جڳت ۽ چندرما وانگر، پنهنجي سر اونده جو گهر آهي، هر پرماتما جو چمتڪار، کيس سوڀيا ۽ سندرتا ڏيڻي بيٺو آهي.

اٿي سڀ اپاس، جڳت هن جڳديس جو؛
جئين سورج چنڊ ۾، ساهي سدا پرڪاش.

هي سنسار، اوديا جو ساگر آهي، جنهنکي سڪائڻ لاءِ، ڪو اڳست جهڙو مهارشي گهرجي.

”اڳست جان اچمان ڪري، اوديا سند سڪاءِ.“

ٻيا ڪي مثال:

باقي ڪي سهڻا مثال، هتي ٻڌا ڪڍهن ارٿ جي، ڏجن ٿا:

”ڪايا ۽ مايا، ڪوڙي سڀ ڪلپت جي؛
جئن ڦوٽو جل ۾، درشن جي ڇايا.“

”ڀڳوت ڀاڳوتي، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو؛
جئن لوئي رنگ رلي، تئن رلو رهي رنگ ۾.“

”ورلو ڪو ڪائي، انيئي ڦل آڪاس جا؛
من ۾ مشڪائي، گدگي جان گد تئي.“

”محبتي مستان، رهن پنهنجي حال ۾؛
جئن ٻالڪ نادان، رهن الڳ انچاري.“

”سامي سدائين رهن، ٻاٽي مڌڇه پيدا؛
جئن هاٿي مڪنا، جهولن مڌ مستيءَ ۾.“

”تنهين سڀ ڏنو، جنهن ڏنو من محبوب کي؛
ٻاٽيءَ مڌڇه پنو، جئن ڪيلوڏو ڪنڌ جو.“

”جي توکي پياس پرڻ جي،
ته سڀ چاترڪ جان سڪ.“

”ٻاڻ رهيو نـ ٻاڻ ۾، ڏسي تماشو؛
جئن ٻتاشو، ٻاٽيءَ مڌڇه ٻاٽي ٿيو.“

”ڀڳت مڌڇه ڀڳونت، جئن ڳنڌ ڦلن ۾.“

”جئن ٻاري ۾ ٻاٽي،
تئن وياپڪ وسي سڀ ۾.“

”سامي ريڙهي ويو سن ۾، لنو لاڙي لائي؛
جئن گهاگر لوڻ جي، سنڌ ۾ سمائي.“

”ساڪي ڄاڻي سڀ ۾، ٻڏا ڇاهه چلي؛
جئن جهاز هلي، ڊرو ٽاري جي ٽيوُ لي.“

”ڇڏيو هٺي شير ڄان، من ماري مٽي ڪن؛
تڏهن ڪون ٻوءِ ٻچن، سامي سڌ سروپ جي.“

”جئن ٻيڙيءَ جو ٻور، تئن لوڪ ڪٽنب جا.“
”سدائين اسٿت، سامي رهي سمير ڄان.“

ساگر ۽ گهاگهر:

روپڪن جي وسيلي، ويدانت جي انوکي فيلسوفي، سمجهي ۽ سمجهائي سگهجي ٿي، پر ايشور کي خود کهڙي نموني سمجهي، ٻين کي سمجهائجي! جو مها پرک، ايشور سان هڪ ٿي ٿو وڃي، سو ڪٿان مک ۽ وچن آڻي، جو هنجي اننت سروپ جو ورنن ڪري سگهي!

لوٽ جي گهاگهر، سمنڊ ۾ هڪواريءَ پيئي، ته ٻوءِ وري ڪٿان ٿي ساگر جو جل پري ٻاهر نڪري!

ويدانتي واڻي، ٻڌي جڏهن ٻانيڻ ڇئي؛
تڏهن مورت محبوبن جي، ڄاڻ ڪيڏي ڄاڻي؛
جئن گهاگهر لـــوٽ جي، پرڻ هلي ٻاڻي؛
سڌ ۾ سماڻي، موٽي موٽي ڪيڏڪي.

ساميءَ جو ناصحانو شعر

گذري سا گذري، باقي رک رهت سان.

سنتن جي آدرشي جيون:

سامي صاحب جي سلوڪن ۾، آدرشي جيون بابت سندر اُپديش آيل آهن. آدرشي پرک ٿي هن سنسار روپي رڻ ڀوميءَ ۾، خيابان مثل آهن، جنجي درشن سان، اسان رڻ واهين جي هردي ۽ اکين تي ٺار ٿو ٿئي. سامي صاحب هڪ "پاڻي ۾ پدم" ۽ "سڀاءَ ۾ سيتل" سنت، ۽ سڀني اُتم گڻن جو جاڳندو روپ هو. اُتم گڻن ۾ ٻه مول گڻ آهن: سيل، سنتوش، ديا، ڌرم، نرويرتا ۽ سهنشيلتا. اهڙن گڻن سان سينگاريل انسان، دنيا ۾ ڪي ڇڙا آهن.

سچي رهت تي اُپديش:

سڀني سنتن، "آدمديو" کي برهم جو روپ ڄاڻي، سندس اُستتي ڪئي آهي. پر انساني سڀاءَ، وقت تي، مهاپرکن جي دل کي به لوڏي ڇڏيو آهي. رومي هڪ

هنن چيو: ”اسائي صورت ۾ گهڻا ابليس پيا آهن.“
سامي صاحب به حسرت وچان ٿو فرمائي:

مڙئي روڳي، اٿئي جيءَ جهان جا؛
نڳيءَ جو ويس ڪري، سامي ٿيا جوڳي.

جوڳين جي ويس ۾ به گهڻا ٺڳ پيا آهن. سنت، ٻاهرئين ڏيک کي نٿا ڏسن، پر سچي ”رهت“ ۽ ”اندر جي شديءَ“ کي شرف ٿا ڏين. سامي صاحب، ڀيکدارين تي سخت ڏمريل آهي:

رهت ورائي رک، ڪوڙا پائن ڪيترا؛
رکي چاهه اندر ۾، در در مارن جک.

ظاهريءَ ريت، هرڪو چڱو ٿي پيو هلي، پر چڱو جيئو اهو آهي، جو پاڻ ته برائيءَ کان پري آهي، پر پڻ ڪنهن جي به برائي نه ٿو ڳڻي، ۽ جڳ ۾ سديو، دِيا جي درشٽي ڌاري ٿو هلي.

چڱا سي چڱڀن، چڱو جنين جي چت ۾؛
برائي ڪنهن جيءَ جي، سامي ڪين ڏسن؛
دِيا درشٽ رکي ڪري، سڀ تي ڪرپا ڪن؛
سدا سم رهن، استت آتم ٻڌ ۾.

ويد ۽ شاستر اهائي ساک ٿا ڏين ته هرڪنهن کي پنهنجي ڀاونا جو ڀاڙو ٿو ملي. انهيءَ ڪري منش جو فرض آهي شُڌ ۽ شڀ ڀاونا ڌارڻ، نه ته ڏاڍي خطا کائيندو:

سڀ کي ڏئي ڦل، ساهي پالهجي پاڻا؛
چون ويد پراڻ ٿا، اِها ڳالهه اصل؛
ليلاءَ ڪري اُرمل، حاضر شيشو هٿ لئي.

ڪپڙي ساڌن کي گيان:

سنسار ۾ گهٽيئي اندر جا هڙارا پيا آهن، جي ٻاهران هٿن ۾ سمرٽيون ڪنيو پيا ڦيرين، پر من ۾ گهات ٿي پيا پيا گهڙين. اِها ڪل ٿي ڪانهين، ته اُهو ساڪين جو ساڪي الک، اندر ۾ ئي براجمان آهي، جنهنکي ڪو به ٺڳي نه ٿو سگهي. اهڙن ڏيک ڪندڙ ڀڳتن کي جڳائي ته مالها جي مڻڪن کي ڇڏي، اندرين مٽيا کي روشن ڪن.

اندر ۾ اهنميو، ٿو ٻاهر سوري سمرٽيون؛
اندر آتم رام جو، پوندو لهي نه پيئيو؛
جو ڏيئن جو ڏيو، سو گورڪ هن گروان ۾.

لوڪن کي ريجهائڻ سان، پرميشور نه ٿو پائي سگهجي. خلق کي چاريئي ويد پڙهي ٻڌائڻ مان ڪو به سود نه نڪرڻو آهي؛ هٿي دنيوي چاهنائن کي چڪائي، اندر ۾ سپرينءَ جي سڪ کي وڌائڻو آهي:

ويد پراڻ پڙهي ڪري، ٿو لوڪ ريجهائين؛
سپيريان جي سڪ ۾، جهالي نه پائين؛
چاه نه چڪائين، تون سين ڪٿن پرين کي!

اِنهن بيڪداري مهنتن کي گهرجي ته سچن سنتن جي،

رهڻي ڪهڻيءَ جو اڀياس ڪن ۽ اُنکي پنهنجو آدرش بڻائين، ڇو ته سنتن جو ڪرم ئي سَت ڪرم آهي ۽ سنتن جو ڌرم ئي سَت ڌرم آهي. سَت ئي اعليٰ گڻن جا خزانا آهن.

سنتن سَت ڪرم، سمجهي رکيو سر تي؛
سيل سنتوک نروِرتا، شيوا ديا ڌرم.

گهڻيئي جٽاڌاري ٽوڙي مٿي ڪوڙيل مهنت، زبان سان برهم ۽ عرش جون وڏيون ڳالهيون پيا ڪن، پر سندن رهت سکڻي آهي، ۽ ايشوري پنڌ ۾ گمراهن کان وڌيڪ گمراه آهن.

مورک واد ڪنئي، پنڊت جاڻي پاٺ کي؛
بنڌايائين سڀ کي، چار پڙهي ويد ڇڏئي؛
ساهي سارسروپ کي، ڪيائين ڪين سڃهي؛
ونڃرو پاڻ وهي، ڏيئي هٿ پڻن کي.

مندرن ۽ ٺڪاڻن جي شيواڌارين کي گيان:

مندرن ۽ ٺڪاڻن ۾، ڌوپ، آرتيءَ ۽ ڀوڳ جي هميشه ڌم مچي پيئي آهي. اهڙو هرجن ڪو ورلو آهي، جو "اينئي جوت" جاڳائي، "سته سروپ" جي آرتي ڪري ۽ "ساڪي پوس" جو ڀوڳ لڳائي، ڌيان جي ڌوپ سان، پنهنجي هردي روپي مندر ۾، "ٺاڪر اکين ٺار" جو درشن ٿو ماڻي.

ورلو جن ڪري، اسن آرتي ديهو جي؛
جوت جڳائي انهيءَ، ڌوپ ڌيان ڌري؛
لائي يوڳ پراست ري، نروڪلپ ڪاس پري؛
ڪري ٻت پري، ساهي ڏسي سروپ کي.

سمت پرش، ”خلق منجهه خالق ۽ خالق منجهه خلق“ ٿا ڏسن. مها پرکن کي ٿي معلوم آهي ته ”الک پرک آٽي، ديرو ڪيو ديهن ۾.“ ايشور جا پريمي، ڀيد نه ڄاڻن؛ هنن لاءِ ڀيد، هڪ وڏو اپراڌ ۽ مها پاپ آهي.

اڀيدي عاشق، ڀيد ڇڏي ڀرپور ٿيا؛
ملڪ ڏسن مالڪ ۾، مالڪ منجهه ملڪ.

مايا جي مريدن کي اُپديش:

جهان جي جيون کي، ٻه مرض ويڙهي ويا آهن: هڪ ول ڇل ۽ ڪپٽ جو، ٻيو مايا ميڙڻ جو. مايا جي مريدن جي مدورتي نهايت ملين آهي؛ نه پاڻ ڪنهنکي پائي ڏين، نه ٻين کي سڪرت جي ڪم ۾ ڪي ڏيندو سهن. اهڙا دئت نيت نرڪ گامي ٿي، پاڻ ٿي هٺي ۽ هُٺي جون لعنتون ٿا کڻن. اهڙن انڌن کي خبر نٿي پوي ته هو پنهنجي هٿن سان ئي، پنهنجو جهڳو جلائي رک ٿا ڪن.

هڪ ڪٺو نه ڏئي پاڻ، ٻئي کي پنگ وجهي پائي؛
مايا لڌهن مورک جي، آهي اجائي؛
سو وڏو پاپي پڌرو، جنهنکي اهڙي عادت آئي؛
لڌهن الڏي آگ لائي، پنهنجي هٿين پاڻکي.

هرڪو جيو، پاڻ سان اهو ئي ڪٺي ويندو، جو هتي ايشور جي نالي تي اڳڙ سان ڏيندو. ڏيکاءُ واري دان جو ڪُس ملهه ڪونهي.

جيڪي تون ڏيندين، اڳڙي ناڻو سائينءَ جي؛
ڪٺي هن جهان مون، **ساهي** سو نيندين.

مايا جا حريص، پنهنجي ڌن مٿان تہ واسينگ وانگر ڦڻ ڪڍيو ويٺا آهن، پر ابوجهن جي ماليءَ کي بہ بگهه وانگر پيا تڪين. ساهي صاحب اهڙن بي مکن کي هئن تو شرمسار ڪري:

چوري نہ چاڻان، مال پرائو نہ چڏيان،
د پيان بار اُن جا، قريان نماڻا،
تنهن کون پڇاڻا، ڪريان حق حلال جون ڳالهڙيون.

ڪال ڪان ڪنبڻ جو اُپديش:

ڪال، اٺ ئي پهر، انسان جي ڪنڌ تي سوار آهي؛ پر مورک منش کي، موت جي مند جو ڪڏهين بہ دل ۾ ويچار نہ ٿو اچي.

وٺي ويندءِ لٽ، جت ڪڏهين جي ڪا نہ چلي.

جڏهين عزرائيل اوڏو ٿو اچيس، تڏهين اکہ ٽڙيو؟ جيب تارن سان لڳيو وڃيس ۽ گهٽ ٻهہ گهٽجيو وڃيس:

جڏهين ڪال مٿانءِ، ڪندو سڏ سرير کي؛
اکہ ٽڙي، جيب اڙي، اچي نہ ڳالهاءِ.

انسان جو فرض آهي ڇهني هلڻ، ۽ هر وقت ايشور جي ڀڄن ۾ رهڻ، ان ۾ امرت جم جي جنمن ۾ وڃي پوندو. حياتي وڃي ٿي هڪ تيز نديءَ وانگر وهندي، انسان غافل جو غافل!

وڃي ٿي وهندي، آرجا هن هٿن مون،
جڻ جل اٿاه جي، **ساهي** بيگ ندي،
تون سار سنڀار تنهين کي، آهين جنهن سندي،
متان پوءِ اندي، جم ڪرڻي جنيون.

انسان کي جيترو دنيوي پدارٿ وڌيڪ، تيترو ئي هن لاءِ، هتان هلڻ مهل، منهن متو پنڻ زياده. سچو سک مايا ۾ ناهي، پر ايشور جي سمرڻ ۾. مايا ميڙي، گهڻن هتان وڃڻ وقت، رت رنو آهي؛ تنهنڪري منش جو فرض آهي مڪتيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ، نه مايا لاءِ.

گهرين ڪوه گهڻي، مورک مايا رام کون،
ويا ڇڏيندا ڪيترا، منهن ني هٿ هڻي،
تون ٻي ليندين ڪانڪا، ڪوڏي ساڻ ڪڻي،
سار سنڀار ڌڻي، نه سکي تنين **ساهي** چڻي.

جيتري هر ڪو، گهر ٻار ۽ ملڪيت کي "پنهنجو پنهنجو" ڪري ٿو سڏي، پر سندس مٿي ڀڄا ٽا، خود سندس "پرپوءِ کان پياري جوءِ" کيس ڀريت ڇاڻي، ڪانٽس ڀري ٻيٺي ڀڄي. سائينءَ جي نانو ڪانسواءِ، ٻيو ڪي به سنگ هلڻو ناهي.

ڪنهنجو ڪونهي ڪوءِ، جي تو پاڻ پاڻيان،
پياري پرين ڪون ڪري، جا تو مٺي جوءِ،
جڏهن ويندءِ پران پندي مون، ”پريت“ چوندءِ پوءِ،
سنگي ٿيندءِ سوءِ، جيڪي جپيندين جڳ پس ڪي.

ڪٽنب پروار، ٻيڙيءَ جي پور مثل آهي. جو انسان، پنهنجي سنساري مترن کي پنهنجو ڄاڻي ٿو وهي، سو ٻيڙائن جي گهاٽي ۾ ٻيسجي، پنهنجو سارو آتمڪ خزانو کوهي ٿو ڇڏي.

جئن ٻيڙيءَ پور، تئن لوڪ ڪٽنب جا،
جنين منيا پنهنجا، سي ٿيا چڪنا چور.

مهاپرکن سچ فرمايو آهي ته ”دنيا مهاياري رٿ آهي، جنهنجي چيڪلن ۾ سڀو سنسار پيو گهلجي. ڪي ٻيا اچن، ڪي پيا وڃن. چيڪلن مان لڪرندڙ مچ ۾، پتنگن جيان جلن پيا، سڙن پيا. سڀ وڏ وڏيرا اگيان جي اونده ۾ گهلبا پيا وڃن ۽ خبر ڪانه اٿن ته ڪاڏي ٿا وڃون. وڏا وڏا ودوان به چتل نه آهن، جن ٻيو سڀ ڄاتو، پر پنهنجو پاڻ ڪين ڄاتو.“

من مکن لاءِ گرمکه جو مثال:

گرمک پاڻکي هن فاني جهان ۾ محض مهمان ڄاڻي، ڪايا مايا ڪل جي ابمان کان، مطلقاً ٻري ٿو رهي؛ ؟ اندر جا اينتر کولي، جيئري ئي نرباڻ پد ٿو پائي.

سدائين مهمان، گھر مک جاڻي پاڻ کي،
ڏٺو جڏهن گر گهاٽ سان، ڦالي سڀ جهان،
ڪايا مايا ڪل جو، رکي نه ايمان،
پائي پند نر پاڻ، ساهي رهي سياءُ ۾.

سڪرات جو ڪٺن سمو:

سڪرات جي سمي، حساب ونڊڻ جي هڪل، پاڻين جو ساهه سڪايو ڇڏي. ”ڳاريندءِ ڳوڙها، جت شاهد ٿيندءِ ساهم.“ (شاه) اهي شاهد، انسان جا بدڪرتوت آهن؛ پر جي اعمال سالم هوندس ته ڪيس ڪهڙو سيءُ! شب ڪرم ڏي هٿان هلڻ ويل، انسان جا مرڪندڙ ساٿي ٿي تا پهن.

ٽڏهن پوندي ءِ ڪل، جڏهن ضابط ايندءِ اوڏڙا،
سڪائيندءِ ساهه ڪي، ساهي ساڻ هڪل،
جي هوندا ساڻ عمل، ته توکي رند نه پوندو راوڙو.

ست پرش، جاڳندي ئي جم سان نبيرو ڪيو ڇڏين؛ نه ته رواجي منش جي ڇا مجال، جو موت روپي ڪيهر جي چنبي کان بچي سگهي!

رانيون ڏينهن ڇڪي، تو موركه! مرگ مساڻ ڏي،
سور بير سمسار مون، نياڻين سڀ ڏکي،
ساهي ڪوه لکي، ڪکن جي ڪونيءَ ۾؟

دنيا جي بي بقائيءَ تي اُپديش:

منش، اکين سان ڏسي ۽ ڪنن سان ٻڌي به ويٺو ته

سنسار ۾ سڀڪو، لاڏاڻي جي نوبت جاري آهي ۽ ايڪ
پير پيغمبر، اوليا، گياني، ڌياني، گرهستي، شاهه ۽ سلطان،
جن جا شڪار ٻڌجن، وڃي عدم ۾ سمايا، ته به هوا اهڙو
ته نفس ۽ موذي آهي، جو نه رڳو غرور کان ڪنارو نٿو
ڪري، پر پاڻ کي هن ناسونت جهان ۾، ڪال جي
ڪاتيءَ کان هميشه لاءِ ڇٽل سمجهي ويٺو آهي! پنجن
ڏوهن جي ڇاپا هيٺ، ”مٽن جي محلات“ ۾ اٺين نڪندو
وتي، جڏهن پاڻ اُنهن مهاهستين کان وڌيڪ اُتم ۽ شڪتيوان
آهي، جنجي هٿن ۾ ساري ڪائنات جون ڪنجون هيون،
پر جي انهيءَ هوندي به، مهابلي موت اڳيان سر نوائي هليا
ويا! سامي صاحب اسان غافلن جي، پنهنجي سڀاجهي
نموني ۾، هيئن تو گوشمالي ڪري:

ڪوچ ڪري ويا، سڀيئي هن سنسار مون؛
پير، پيغمبر، اوليا، جن پنهنجا پنٿ ڪيا؛
گياني، ڌياني، گرهستي، **سامي** پنڌ پيا؛
سڀ غيب ٿيا، تون ڇا سمجهو پاڻ کي؟

اُتي اهڙا لوڪ، **سامي** ويا سنسار مون؛
هوا جنجي هٿ ۾، رت سڌ جهڙا ٽوڪ؛
ڪال ڪري تو سيکي، ڦري سڀ سا ڦوڪ؛
تون ڪٿئن ماري جهوڪ، ويٺين وساري رام کي!

اهڙا لوڪ لڏي ويا، **سامي** هن سنسار مان؛
جنجي رت ڦيٽن سان، ست ٿي سمنڊ ٿيا؛
مالڪ راڪاس ديوتا، پڪي وس ڪيا؛
اهڙا سڀ ويا، استت رهي نه آدمي.

انسان کي جڳائي ته پنهنجي طاقت ۽ اختياريءَ تي ٻانور نه ڪري، ڇو ته مها زوراور جم اڳيان، هرڪو ائين عاجز ۽ عليل آهي، جيئن تيز طوفان اڳيان ڪانا ۽ ڪک.

دوست هٿ ٿي، دم، مايا ٻل حڪم جو؛
اچي وٺندءِ اوچتي، مها زوراور جم؛
ماري جنهن مٽي ڪيو، ساهي سڀ عالم؛
رکي من مرم، جپي وٺ جڳديس کي.

تقدير يا پرالبڌ جي سمجهاڻي:

جنهن کي اسين "پرالبڌ يا تقدير" ٿا چئون، سا اسان جي گذريل چڱاين يا لڱاين جو عڪس آهي. *

سڀ ڪنهن پاڻو، ڪيو ڪيتو پنهنجو.

آدم ٿي تقدير کي اَڏيندڙ آهي؛ جهڙو آدم، تهڙي تقدير. انسان کي جڳائي ته ڏکئي وقت ۾، رڳو تقدير کي عتاب ڏيئي، پنهنجي حال تي ڳوڙها نه ڳاري؛ پر پنهنجو ممتحن پاڻ بڻجي، پنهنجي اوڻاين جو احساس

---

* ٻڌ ڀڳوان ٻه ساڳي اها سکيا ڏيئي ويو آهي:
"جهڙو ڪرم، تهڙو جنم."

"My action is my possession; my action is my inheritance, my action is the matrix which bears me; my action is the race to which I belong: my action is my refuge."
("GAUTAMA THE BUDDHA"—S. Radhakrishnan)

رکي؛ ۽ ڪوشش ونئي، اُهڙي دل جي سچائيءَ سان ڏوٿي ميساري ڇڏي. پوءِ فقير ٻاهر آيو، سندس قدم چمندي. گيتا ۾ به فرمايل آهي ته "جيڪو آدم آهي، سو مان آهيان."

آدم ۽ پرارٿ، ٻئي ڪيا لڌهڄا.

شڪر، حلم ۽ مرم:

سامي صاحب، جن گڻن جي ور ور ڏيئي مهما ٿو ڳائي، سي آهن شڪر، حلم ۽ مرم. حلم ۽ مرم، انسان کي اُتم پدويءَ تي ٿا پهچائين؛ ۽ شڪر جي ڪرامت سان، هو "خاصو خلوت دار" ٿو بڻجي.

سدا ڪر شڪر، **سامي** در دوسن جي؛
پاوين ملي ملندو، پاوين سکو ٽڪر؛
رکي چاهه اندر ۾، گهٽ وڌ ڪڏهين نه گهر؛
ٽور اِنهيءَ مَ ٽر، ته خاصو خلوت دار ٿئين.

صبر ۽ شڪر، عقل ۽ عشق سان مليا ٿا رهن. اِهي چارئي اهڙا پر آهن، جي انسان کي عرشي چوڏول ۾ اُڏائي، وڃي ٿا "آدي گهر" ۾ پهچائين، جتي هو هميشه وارو سک ماڻي، سديو سيتل ٿو رهي.

شڪر ۽ صبر، عشق عقل سان گڏ ٿيو؛
چڙهي جي چوڏول ۾، ڪو جهولي ٿر ٻڪ ٿر؛
اچي لڌو جدهن پانهنجو، انهيءَ آدي گهر؛
ميٽي ڏک ڏمر، سيتل ٿيو **سامي** چئي.

مرم، انسان جي سچي سروپا آهي. عاشقن جي مستڪ تي، اُت ئي ٻهر، "مرم جي مڻ" پيئي ڀڙڪي. ظاهر ۾ ھمنجو لڪيو، خاڪ ۾ آهي، پر سندن آتمڪ تيج، سج جي پرڪاش جيان، چوڏس چوڌار جهلڪون پيو ڏئي.

لعو وارو ڪين لڪي، سورج جيان سنسار ۾؛
مڻ مستڪ تي مرم جي، جهڳ مڳاد جهلڪي.

هٿ هاريندڙ منش ئي ساري جڳ کي پاڻ تي موهيو ڇڏي.

جني هٿ هاريو، تني جيتيو جڳ کي.

جنهن انسان کي اهي گڻ آهن ۽ اُنهن سان گڏ پريم آهي، سو ايشور لاءِ چڻ هڪ چقمق آهي. ايشور ازخود اهڙي پرش ڏانهن ڇڪجيو اچي.

بيحد ڪين ٻولي، سامي حد جي جيءَ سان؛
سدا رهي سنسار ۾، عشق جي اولي؛
تڏهين ڳنڍ کولي، جڏهين گاهڪ ڏسي ڳڻ جي.

سچا فقير، اِهي گڻن جي کاڻ آهن. هو جڳ ۾ ائين ٿا ورتن:

جيئن بالڪ نادان، رهن الڳ انڀاري.

اِهيءَ لاطمعيءَ جي ڪري ئي، هو راجائن جا راجا آهن:

رهن پنهنجي حال ۾، طمع ري لاڙا؛
راڄن جا راجا، ڪاڻ نه ڪين ڪنهنجي.

"چاڻ" يا هٿ ئي انسان کي ايشور کان پري ٿو ڪري. تنهنڪري

جاڳائج مُ جاڳڻ، مٿان جاڳڻ وڃهڻي جار ۾.

مانڪ ديهيءَ جي قدرتي اُپديش:

سامِيءَ جي سڀني اُپديشن ۾ مول اُپديش هي آهي: ته اسانکي جوهي مانک روپي تول، ڪڏهن وڏي ڀڄ سان مليو آهي، تنهنکي سنسار جي ڀوساگر ۾، بيقدريءَ سان رولي نه ڇڏيون؛ پر اِنهيءَ بي بها مانڪ کي، "آتم پد" هٿ ڪرڻ جو وسيلو بنايون.*

---

* ڪن پارسي شاعرن، جن ۾ مشهور مولانا رومي به آهي، تن صاف لفظن ۾ ڏيکاريو آهي ته مانک ديه گهڻن ڪشالن ڪانپوءِ تي ملي. هتي مثال طور، سندس شعر مان ڪي مصراعون، ترجمي ۾، سند طور پيش ڪجن ٿيون. "فارسي ۽ هندي ڳالهه چوڻتا سنت هڪ" (سامي). رومي ٿو فرمائي: "معدني حالت مان نباتت جي صورت ۾ ٿيس پيدا؛ نباتت مان قري ورتيم هڪ پسونءَ جي ديهي؛ پسونءَ جي ديهي ڇڏي، ورتم جامو اِنساني؛ مري به آهي مون ڪڏهين پنهنجو مرتبو وڃايو؟ مري آءٌ اُڏامندس عرش تي فرشتو بڻجي؛ فرشتن مان به ٿيندس گم، ڇو ته "هڪ" کانسواءِ ٻيو سڀ فاني آهي؛ پوءِ ته نيستيءَ جي حالت کي رسان؛ سرندي جي تندن مان صاف آواز پيو اچيم ته اسين سڀ رجوع ٿينداسين حق ڏانهن." (هڪ ٻئي شاعر ابن يمين به ساڳي تند تنواري آهي.)

("A Literary History of Persia"—Prof. Browne—Volume III PP. 216-18.)

مانڪ جنم املھ، ڪنھن ڀالو ٻورن ھن لئي ۽
ڀوساگر جي ٻيڙ ۾، رانڙھي ڪر م رول!
سامي سنتن سان ملي، لھہ آتم پد اڏول ۽
ھر ھر اھڙو ٽول، ھٿ ايندءِ ڪينڪي.

سچ ۽ ڪوڙ جي عاقبت تي گيان:

سنساري ماڻھو، مانڪ ديہ جھڙي املھہ ٿوڪ جو قدر ٻلجي، وڃيو ھزارين ڪوڙين حرفتن ۾ ٻون، ۽ پوءِ جڏھين پنھنجي ڪئي جو ڪيتو منھن ۾ ٿو اچين، تڏھين "ھاءِ! ھاءِ!" ڪيو، پنھنجا ڪرم ٿا پٽين. سچا ۽ اصيل انسان، دل جو دل ۾، زھر جا انيڪ ڍڪ پيا پيئن، تہ بہ حق جو دامن ھٿان نہ ٿا ڇڏين. انت ۾، سچن صابرين کي وڏا اجر آھن، ڪوڙا سڌو وڃيو نرڪ گام ۾ ڪرن. سچن کي آگو، "بي بھا بالم" ڪيو ڇڏي ۽ ڪوڙن جا جوڳ ۽ جپ بہ ونس نہ ٿا اگھن. اُنھنکي ھرحالت ۾ دوزخ جا دروازا ڏسڻا آھن.

ڪوڙن جي ڪوئي، ٿاءُ نہ پوي جوڳ جپ ۽
ڀوڳن ڀوڳ نرڪ جا، رھن سدا روئي ۽
سامي سچارن جو، سم سچو سيوئي ۽
جئن رنگ رتي لوئي، تئن رتا رھن رنگ ۾.

مطلب تہ سامي صاحب جي سلوڪن ۾، منش جي سڌاري ۽ اُنتيءَ لاءِ، املھہ موتي مڙھيا پيا آھن، جنجي

ڀها، هيرن ۽ رتن کان مٿي آهي. سامي صاحب جي اصولڪ اُپديشن تي عمل ڪرڻ سان، انسان هڪ لاثاني گوهر ٿي سگهي ٿو.*

---

* پروفيسر رام پنجواڻي لکي ٿو: ”جيڪڏهن اسين همت ڪري، شاهه ۽ ساميءَ جو ڪلام، ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪري پيش ڪري سگهون، ته شاهه جي ڪلام جو قدر، عمر خيام جي رباعين، ۽ حافظ جي غزلن کان ڪم ڪين ٿئي، ۽ ساميءَ جا سلوڪ، ملٽن جي اخلاقي شعر يا ٽاگور جي نصيحت آميز نظمن کان گهٽ نه پون.“

SOORIH SINDHI ADAB

انسان جو من ۽ آپو

ڇپيو وڃي نه من، ڪارو ڳاڙهو ڪمرو؛
جنهنجو ماءُ پيءُ ڪو نڪو، نڪو ديس وطن؛
ڪن ۾ ڪري خيال سان، ٿيئي لوڪ ڳوڻ؛
ڪڏهن پئي ٿئي پرسن، ڪڏهن سامي روئي راڄ ۾.

من جي جنگ:

انسان جو وڏي ۾ وڏو شترو من آهي، ۽ وڏي ۾ وڏو متر، وويڪ. من ۽ وويڪ جي جنگ ازلي ۽ ابدي آهي. اِنهيءَ جنگ کي، سمت پرشن، وڏي جنگ يا ”جنگ اڪبر“ ڪري سڏيو آهي، ۽ من کي انيڪ نالن سان سڏيو اٿن. شاه صاحب، هڪ هنڌ، اُنکي ”مجوسي“ يا آتش پرست (باه جو پوڄاري) ڪري ڪوٺيو آهي.

مــار م مطيع کي، مجوسيءَ کــي مــار،
وڏي جنگ م وسار، نديان نفعو ناه ڪو.

يعني ”پنهنجي تابعدار تي همت نه هلاءِ، پر اندر ۾ جو گبر يا باه جو پوڄاري ويٺو اٿيئي، تنهنکي اُتي مات

ڪر. دنيا جون انڌيون انڌيون جهڳڙون ۽ جهيڙا دل تان وساري ڇڏ، ڇو ته انهن مان وٺندين ڪي نه ڪين. اون وڏي جنگ کي وڻ، جا تنهنجي اندر ۾ اڻ ٿڪ پهر جاري آهي." من هڪ وڏو پاتار پدار آهي، جنهنجي سرپرستيءَ هيٺ، سهسين لوڙائو ۽ لونڊو هر وقت تيار وينا آهن، جي وجهه ملندي انسان کي ڦري، سڃو ٿا ڪن. * انکي جيسين اندر جي مفتيءَ يعني وويڪ جي اڳيان رجوع نه ڪبو، تيسين هو پنهنجون ملين ڪارگذاريون هرگز نه ڇڏيندو.

مفتي منجهه وهار، نه قاضي ڪانيارو نه ٽڪين! (شاهه)

من جو ڀينڪر روپ:

سامي صاحب به انهيءَ "مجوسيءَ" جي قاتل سرگرمين جو وڏو وستار ڪيو آهي. من اهو مهابلي دشمن آهي، جنهنجي اڳيان، ٻليَ به پنهنجو ٻل ڀلجي ٿا وڃن.

منتر نه مڃي ڪنهنجو، رهيا ٻلي ٻل لائي.

---

* "جئن چور پنهنجي چوريءَ جو سامان لڪيندو رهندو آهي تيئن ڪڏهن گهر جي مالڪ کي ننڊ اچي ته مان چوري ڪريان، اهڙيءَ ريت اهي به لڪيندا رهندا آهن." (گيتا)

ملاح! تنهنجي مڪڙي، اچي چور چڙهيا!
(شاهه - سر سريراڳ)

سارو جڳ، من جو مطيع آهي. من هڪ اهڙو آتشين اوڙاهه آهي، جنهن ۾ هر ڪو جيو، بنا باهه جي پيو پچي. هن هيبتي اجگر کان ڪو ورلو انسان بچي تو نڪري ۽ سو به اهو، جنهن جي سر تي سد يو آتمڪ سورج پيو چمڪي. جنهن سج اڳيان، سهسين سورجن جي جاءِ ناهي، تنهن اڳيان من جي تابش جي ڇا مجال جو بيهي سگهي! عام طرح من يا نفس جي هن سوز آگ (من يا خوديءَ) ۾ سارو سنسار جلي پيو ڦٿڪي.

سارو جڳ تپي تئو، من جي محلات ۾،
اٺ ئي پهر اندر ۾، بنا باهه پچي،
ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، بلا کون بچي،
جنهنکي درشت اچي، ساڌو سورج سر تي.

SOORIH SINDHI ADAB

راج رشي ديوان ديارام گدومل، من جي ڀيانڪر روپ جو ورڻن، پنهنجي بي نظير شاعرانه نموني ۾ ڪيو آهي: ”انهن دشمنن بابت جاڻ ته اٿون، پر تڏهن به اجاڻ آهيون. انهنکي نڪي سپاهه آهي، نڪي توبخانو، پر تڏهن به حاڪمن کان هو وڌيڪ محڪم آهن، ۽ حاڪم خود سندن محڪوم آهن. اهي آهن دشمن، جنکي مات ڪرڻ لاءِ، شرتيون ۽ سمرتيون، قرآن ۽ انجيل سڀ برگهٽ ٿيا. وياس ۽ والميڪي، ٻڌ ۽ زرتشت، موسيٰ ۽ عيسيٰ، ڪانفيوشس ۽ حضرت محمد، پيغمبر ۽ ڪويسر انهن دشمنن کي دفع ڪرڻ لاءِ جاڳيا. پر دشمن اڄ ڏينهن

ٽالين اسان تي غالب آهن. اهي نه رڳو اسان جون هردن ۾ پاتاري پائي ويٺا آهن، پر اسان جي ديوتائن جون شڪليون وٺي سڀ شيوا ۽ پوڄا پاڻ ڏي ڇڪيو وٺن. انهن پرينن کي ڪيڻ لاءِ ڪيترائي منتر پيا آهن، پر انهن دشمن سان اسان جي اهڙي پريت لڳي وئي آهي، جو منتر ساڌڻ جو ڪو به پڪو په اسان کان بلڪل نٿو اچي."*

من جي مرض جو علاج:

اسان کي من جو روڳ انهيءَ لاءِ مليو آهي، ته حقيقي طبيب ڏانهن متوجه ٿي، آتم صحت کي سڌ ڪريون. اسان جي انهيءَ مرض کي ميٽڻ لاءِ، سري ڀڳوان جي

---

* "ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار، ناڳن ۽ بلائن کان گهٽ ڪين آهن. سنسار ۾ اهڙو ڪو جيو آهي، جنهن کي پاڻ ڏنگيو نه اٿن؟"

("سچ تان صدقي" — ديوان لالچند امرڏنومل)

شاه صاحب جي "سر گهاتو" ۾ به انهيءَ خوفناڪ من يا نفس جو ذڪر ٿو اچي. ڊاڪٽر گربخشاڻي انجي شرح ۾ لکي ٿو: "مانگرمڇ مان مراد آهي: نفس، جو ڪڏهن به راضي ٿيڻ جو نه آهي...... روميءَ انهيءَ ڳالهه ڏي اشارو ڪري، مثنويءَ ۾ چيو آهي: 'اي پيا! جي نفس جي صورت ڏسڻي اٿيئي، ته سٺ دري دوزخ جو قصو وڃي پڙهه، پل پل نئون مڪر پيو ڪري، ۽ هرهڪ مڪر سان سوها فرعون جماعتن سميت غرق ڪيو ڇڏي'."

SOORIH SINDHI ADAB

مڪ مان گهڻا ٻرڳهت ٿي. واه جو اهو مرض آهي، جنهن کي پٽڻ لاءِ، ھھڙا املڪ ترياق رچيا ويا آهن! پر جنهڪي خود مرض سان عشق آهي، سي ڪيئن اِنهيءَ صحت کي سڌ ڪن!

سڌ م ڪر صحت جي، اڃا تون عليل! (شاه)

هي مرض اهڙو تہ عام آهي، جو ماڻهن کي سمجھ ئي نہ رهي آهي تہ سچي صحت ڇا آهي! ساميءَ جي سلوڪن ۾، اِنهيءَ صحت کي هٿ ڪرڻ جا اُپاءَ ڏيکاريل آهن. اِهي اُپاءَ ساڳيا اُهي آهن، جنجو سيڌي ڌرمي گرنٿن ۾ وستار آهي. (انهنجي ڪجهہ اُپٽار اڳئين مضمون ۾ ڪئي وئي آهي.) گيرب ڇڏڻ يا هٿ هارڻ، مڙني طريقن ۾ مول طريقو آهي* ”جني هٿ هاريو، تني جيتيو جڳ کي.“ نافرمان نفس جي فرمان جي، جن نافرماني ڪئي، ۽ جن محبوبن اڳيان ادب سان عاجزي ڪئي، سي آتمڪ سيج تي چڙهي، هرڪنهن تي حڪم تا هلائين.

ڪر ادب سان عاجزي، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ؛
من مت ڇڏي ڪري، چت چرنن سان لاءِ؛
پرينءَ کي پرچاءِ، تہ سامي پائين سيج کي.

---

* "Modesty is a shining light; it prepares the mind to receive knowledge and the heart for truth."
(Guizot)

”ان سچي ساه سري، جن مارئو نفس مات سين.
(شاه سر يمن ڪلياڻ)

انسان جي وڏي ۾ وڏي حماقت ته اها آهي، جو هو ڄاڻي ٻجهي پنهنجي ولاين جي ويڙهي ۾ وجهي، انهن جي جادوءَ جي ڇايا هيٺ، مرگهه وانگر ڇالون ماريندو وتي!

سامي سمجهي ڪين ڪي، مورک مايا ڇال؛
سانت نه پائي مرگهه جان، ڏسي مرگهي جل.

مَن يا آپو:

خودي يا اهنڪار يا آپي کي، سامي "مَن" ٿو سڏي. من جي پنجن ئي پوٽن ۾، "مَن" جو پوٽ اڳرو آهي. اهوئي پوٽ آهي، جو هر منش مٿان، اٺ ئي پهر سوار آهي. "عالم 'آئون' ساڻ، پريو تو پيهر ڪري." (شاه) "مان، مان" جي نشي ۾ هرڪو مخمور آهي. باقي چار پوٽ به من ۾ هر وقت وياپڪ آهن، پر اُهي موقعي تي پنهنجا ڪڙڪي ٿا اُٿن. هي پوٽ هر لحظي پنهنجو زور ڄمايو ويٺو آهي. اهڙو ته مهابلي آهي جو وڏا وڏا جوڳيسر، تپسوي ۽ گياني به، سندس شڪار بڻجيو پون! سندن واد ووادَ به اِنهيءَ ئي ايمان جو انگور آهي. جن من ماري، سروپ جو سک ماڻيو آهي، سي سڌيو سانت ۾ آهن.

منا سڀ مَن، گياني، پنڊت، پسنڪي؛
ٻڌا سک سروپ جي، ڪن اُتر ۽ پرشن.

جڏهن مَن ماريو، تڏهن من ماريو؛ جڏهن من جيتيو، تڏهن جڳ جيتيو. خوديءَ کي جيتيندڙ انسان ئي سچو سپهه سالار آهي.

جنهن جيترو مــن، تنهن جيترو جڳ کي.

جو چاهي ته اها وڏي جنگ کٽان، سو پهرين "من" کي سڌي پورو ڪري. من کي موچڙن ۾ ڏسي، باقي چار دوست به سياڻي ۾ اچي قرار ٿي ويندا. اهنڪار مٺو، ته ٻيا چارئي دوست به اوس مات ٿي ويندا. جو منش پاڻ ماري، "نانڪ" ٿو ٿئي، تنهنکي ڪير ٿو ضرور رسائي سگهي! جو آهي ئي ڪين، تنهنکي ڇهندو ڪير!

تياڳيو جنهن اهنڪار، تنهن سڀ تياڳ ڪيو؛
سامي سيتل جل جان، ٺري ٺٺو ٺار.

سامي ۽ شاهه، ٻئي اسانکي هدايت ٿا ڪن ته "وڃي انهنجي صحبت پڪڙيو، جنجو عشق "نانڪ" سان آهي، ۽ جيڪي سارو وقت "مان" ۽ "اسين" ڪري پنهنجيءَ غرور ۾ پيا ڇڄن، تن کان پري ڪنارو ڪريو."

سامي: پاڻ تنهين سان گڏ، نيڻهن جن جو نانهن سان.
شاهه: "آءٌ" "اسين" ڪن جي، پاسي تنهين م لڪ.

نانهن جي مهما:

نانءَ وارن جي صحبت پارس مثل آهي، جا هڪ ئي گهڙي، سان سندن اوت ۾ آيل انسان جي قلب جي ڪس کي ڪافور ڪري، اُنکي ڪندن يا سون ڪيو ڇڏي. اهي نانءَ وارا، پورن پورک آهن، جي طالب کي ايڪتا جو اکر پاڙهي، سندس ڀانئي، گيان جي ساگر ۾ ٻوڙي ٿا

ڇڏين. من ٻنهين مرادو، جڏهين دوئيءَ کي دل مان دفع ڪري، ايڪتا واري اُن جي اوٽ وٺي. ”من“ ۽ ”اُن“ ٻئي پاڻ ۾ ڳنڍ اهڙو رهن، جهڙو جل ۽ اگهي.

ايڪتا ري اُن، ڪوله ٻڌو سي ڪاٺين.

پاڻ ڪهڻ جو سبق:

من جي يُڌ ۾، سڀني سڄاڻ، پنهنجو سر، پنهنجي هٿن سان، ڌڙ تان لاهي ٿا اُڇلين يعني پنهنجي هستيءَ کي مڪمل طرح ويڃي تـا ڇڏين. پوءِ ئي انهيءَ چت، سندن مستڪ تي ٿو مهڪي.

ڌڙ تون سر لاهي، ساڌو چڙهي سنگرام تي؛
ماري دبــدا دل ڪـي، نـوبت وڄائي؛
ساهي جهلائـي، انهيءَ چت مٿي تـــي.

گيتا ۾ چوي ٿي ته من، پوَن کان وڌيڪ تيز آهي ۽ انکي روڪڻ ڪا سٿري ڳالهه ناهي. درحقيقت، جوڳي اهو شخص ناهي، جو پنهنجا ڪن ڇيرائي، مدرائون ٿو پائي، ۽ ”بابو رنگ پيهوت“ تي، هرجاءِ ٿو گهمي. جوڳي اُنکي چئجي، جو پنهنجي من کي ڏاري، اُنمان من جو واسوئي ڪيڏي ٿو ڇڏي؛ جو گنگا ۽ گرنار جي گشتن کان پاسو ڪري، اندر جي آتمڪ چشمي ۾ اشنان ٿـو ڪري؛ ۽ مڙهيءَ پوٿيون ۽ ٻيا ويڙهي، گـگن جي گيان ڏانهن، غيبي گوش ٿو ڌري. اهڙو ئي جوڳي برهم پائي ٿو، بلڪ هو پاڻ برهم ئي ٿو وڃي.

جوڳي سو ڄاڻان، جو جهٽي من پَوَن کي؛
لـــر ايٺي سر سمير ۾، اسٽ ڪري اشنان؛
ڀڻي گورک جو گيان، رهي گُپت گگن ۾.

سنتن جي واڻيءَ ۾، هر هر اهوئي منتر ٿو اچي، ته جنهن پاڻ وڃايو، تنهن سڀ ڪجهه پاتو. نابوديءَ انسان کي حقيقي اوج تي رسائي ٿي.

نابودي نيٺي، عبد کي اعليٰ ڪيو. (شاه)

جنهن سا پرس پنهنجو نفس نهوڙي، "ڪين" ڪمائي آهي، تنهنجي منزل "سمير" پربت * تي آهي، ۽ سندس مک تي سديو، ڪلياڻ راڳ آهي § اهڙو پرک، ڪڏهين به وري پيائيءَ جي تير جو نشان نه ٿو بڻجي، ڇو ته ساري سنسار سان سندس صلح آهي. سامي صاحب، اهڙي پُرش جي اُستت هر هر ٿو ڳائي.

جنهين جيتيو پاڻ، تنهين جيتيو جڳ کي؛
ڀيد وڃائي من مون، صلح تي سڀ ساڻ؛
نت گاوي راڳ ڪلياڻ، سامي چڙهي سمير تي.ф

---

*"سڀني جبلن ۾ سمير جبل سون جو آهي، اهو مان آهيان."
(گيتا)

§"چوٽي آهي تـه "جڏن سونين ۾ هيرو، تڏن راڳن ۾ ڪلياڻ."

ф تـو ۾ سڀ سڀهان جو، عين الاعياني؛
خودي ڪر فاني، ته پسين باغ بقا جو. (بيدل)

پرميشور جو انت، سهسين جيڀن ڪا اپوهه ۽ ڪڏهن نه پاتو آهي. شاهه صاحب ٿو فرمائي، "ايشوري راهه ٿاپت ڏکي آهي. انهيءَ راهه ۾ ڪامل ۽ مونجهل رهجي ٿا وڃن."

اوکي راهه الله جي، اوکي پيت؛
هوءَ جي ڏيهاري ڏيه جا، تن پڻ مونجهي مت. (شاهه)

حقيقي محبوب جو ديدار انهن ئي پاتو آهي، جن اهنڪار ڇڏيو آهي. جن اهنڪار تجيو آهي، تن ئي نرنڪار پاتو آهي. سامي صاحب جي واڻيءَ ۾، من مارڻ جي مهما ور ور ڏيئي ٿي اچي.

پرميشر جو پار، ڪڏهن پاتو ڪينڪي؛
ٿڪي پينا ڪيترا، ڪري ويل وچار؛
ورلي ڪڏهن گرمک ڪيو، دل ۾ دب ديدار؛
سٽي سڀ اهنڪار، سيتل ٿيو ساهي ڇوي.

پورن ستگروءَ آدرشي جگياسو

ستگر مون تاريو، ته ڪوٽ جنم جو؛
ڏيو ڏيکاري گهر ۾، تاڪر ڏيکاريو؛
ساهي نواريو، اوديا روڳ اندر جو.

ستگروءَ جي اهميت:

سچي سنتن، ور ور ڪري ڄاڻايو آهي، ته سواءِ ڪنهن پورن پرک جي رهبريءَ جي، روحاني مارگ تي هلڻ، هڪ محال ڳالهه آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

اوجهڙ اسونهن، ڏيهه گهڻوئي ڏورئو؛
سگهر ري سونهن، پهتي ڪانه پند ڪري.

(سر سسئي آبري)

يعني ”گهڻن ئي موڙهلن، ڪامل رهبرن جي ارشاد بنا، پاڻکي اوجهڙ ۾ روليو آهي؛ سواءِ ڪنهن هاديءَ جي همراهيءَ جي، ڪوبه طالب، پنهنجي منزل تي رسي نه سگهيو آهي.“

گرو آهي ”ڪامل ڪشتيبان“ ۽ ويچارو طالب آهي

هڪ ڪم ڪارو، مَنُش کي هن سنسار جي پوساگر مان پار اُڪارڻ لاءِ، مهاپرک ٿي سگهي ٿو. هو ٿي مشڪل کي آسان ڪندڙ آهن:

ڀار لنگهايو پاڻيءَ، ٻرچي ڀنڀجو ڀور؛
مان پانيان ٿي ڏور، وٺي ڪامل ڏنا ڪڇ ٻر.*

ستگروءَ جي وڏائي:

اگيان جي اونده مان ڪڍڻ لاءِ، مَنُش کي، ڪنهن مهاتيجسوي رشيءَ جي سهاري جي ضرورت آهي. هو ويچارو، ٿي ٿي پيو غوطا کائي ۽ ٿاٻڙجي. اهڙي مهاپيانڪ اونڙاه مان، جو مهاپرش ڪيس پار اُڪاري سگهي، سو لاشڪ اَت استتيءَ جو لايق چئبو. اهڙي مهاپرش جي استتي، درحقيقت ”من ٻـڌواڻيءَ“ کان پري آهي. ساڌوجن جي استتي، ساڌو جن ئي ڄاڻن.

ڪوه ڪريان استت، ساڌوجن جي مک سان؛
من ٻڌواڻيءَ کون پري، ٻهچي سگهي نہ جت؛
ساڌوجن جـي مت، **ساهي** ڄـاڻي ساڌ جـن.

---

* اُپنشدن ۾ بہ گروءَ جي وڏي مهما آهي. روحاني راز، الهيءَ طالب اگيان ٿا کلن، جڏهن کي گروءَ جي وڏائيءَ جو احساس آهي:

"To one who has the highest devotion to God,
And for his spiritual teacher even as for God,
To him these matters which have been declared,
Become manifest."

(Svetasvatara Upanishad—Prof. R.E. Hume's Translation)

گروءَ جو لکڻي سان ملڻ،

پر ڪامل گرو ڪٿان هٿ اچي؟ نه ايشور، رلڻ ۽ پنڌ ڪرڻ سان هٿ ٿو اچي، نه ستگرو يا مرشد ڪامل، جهد ۽ جفا سان. گرو، گهر وٺي ٿي، انهيءَ وڏ ڀاڳيءَ کي اچيو ملي، جنهنجي مستڪ ۾، ورڌاتا جو انگ لکيل آهي. مرشد ۽ طالب جو سنٻنڌ ازلي آهي. شاهه، اِها ڳجهارت، ”سر سهڻيءَ“ ۾ هيئن ٿو سمجهائي: ”سهڻيءَ جو ميهار سان انگ، تڏهين لکيو ويو هو، جڏهين اجا ڪائنات ئي وجود ۾ نه آئي هئي؛ جڏهين اجا نه جوڙيو هو ايشور پنهنجو قلم، نه خلقي هوائين تقدير؛ جڏهين نه فلڪ هو نه ملڪ؛ ۽ نه اجا ٻت ۾ آدم ئي ٺهيو هو؛ هنجو سڱ، ايشور جي وحدانيت ۾ ئي جڙيو هو.“

ايشور، ازل کان اڳيئي، آتمائن جا سنٻنڌ جوڙي ڇڏيا هوا؛ هو پوءِ جنمن جي جدائي ڪانپوءِ اچيو، هڪ ٻئي سان ملن. طالب ۽ مطلوب جو وصل، جڳن جي فراق ڪانپوءِ ٿو ٿئي:

ساهڙ جا سنگار، اڻ لکئا اڳي هئا؛
نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا ٻي ٻچار؛
ملڪئا مهد هئي، تو ڏي جي توار؛
محبت سان ملهار، لايائين لطيف چئي.

(شاهه - سر سهڻي)

سائين صاحب پنهنجي صاف ٻوليءَ ۾ اها رمز هيئن ٿو ٻڌائي:

لکيو منجهه للاٽ، تنهنکي **سائين** مليو ستگرو.

پورن ستگرو اُنهنکي ٿو ملي، جن جنمن کان، جهد ۽ جفائون ڪيون آهن:

پاڳن ڏنو پير، تڏهن سنتن جو سنگ ٿيو؛
جهد جو جنمن جو، سو سڀ ساب پيو.

ايشور جي مهر:

نارائڻ جي ديا جي درشٽي به اُنهن تي ٿي ٿئي، جن ڪيترن ئي جنمن ۾ ڪشالا ڪيا آهن. ايشور جي مهر، ستگروءَ جي پراپتيءَ جي روپ ۾ اچي ٿي پرڪاشت ٿئي. پاپن ۾ ٻڏل منش، ڪيئن آتم پد کي رسي سگهندو! ڪير جهڙي شيءِ وستو، اپوتر ٿانوَ ۾ پئجي نه ٿي سگهي. نيترن جي جل سان، پاپن جي ميل ڌوئي، نارائڻ جي ميا هٿ ڪرڻي آهي.

روئي پٽڙا ڳل، نيهي نارائڻ جي؛
پهچي سگهن نه پد ۾، ٻانيڻ پنهنجي ٻل؛
جان پاپن کي ٻل، جان اچي مل مٿن سان.

گروءَ جي پراپتيءَ کانپوءِ، طالب لاءِ، نه ٿو رهي پاپ نه پُنج، نه جنم نه مرڻ، نه وَر نه سراپ. هو هر ڪنهن جيو اوستا کان مڪت ٿو رهي.

اڳ پڻ ليکي اڀاپ، گروءَ لکايو گيان سان؛
جنهن ۾ جنم نه مرڻ کو، اکو ٻن نه ٻاپ؛
اکو جيءُ نه ٻرهم کو، اکو ڪر سراپ؛
سامي ڇڏي سنتاپ، رهيو نه رليءَ جيترو.

ستگرو، پنهنجي پياري کي "خاصو خلوت دار" ٻڌائي، کيس تنهي لوڪن ۾ پرسڌ ٿو ڪري:

سمجھ ۽ صدق، جنهن کي ڏنو ستگروءَ؛
سي خاصا خلوت دار ٿيا، هردم ڏسن هڪ؛
توڙي رکن لڪ، ته پڻ سامي لکن ڪينڪي.

ستگروءَ جي ڪرامت:

هيءَ مايا اهڙي ته پربل آهي، جو کهڙي به اوچ آتما، اسٿول سرير ۾ اچڻ بعد، ڀرين ته پنهنجي اصليت ڀلجيو وڃي. جيسين ڪو "گيان روپ" گرو، کيس سپني مان سجاڳ نه ٿو ڪري، ۽ "ڪريا" ۾ نيئي، پنهنجو "نج سروپ" نٿو ڏيکاريس، تيسين هن لاءِ دنيا جي ڪاروهنوار ۾ ڪو به سوجهرو ناهي. پورن گرو هنجي ظاهري ڪرمن کي نٿو ڏسي، پر انهنکي پنهنجي حقيقي اگنيءَ ۾ جلائي، هن کي هڪ نئون سروپ ڏيو ڇڏي. مهاپرک، هڪ گهڪي سان، "پتت کي پاون" ۽ "لوهه کي پارس" ڪيو ڇڏي.

پتت کي پاون، سامي ڪيو ستگروءَ.

شاهه ۽ رومي ٻه ساڳي ڳالهه ٿا ڪن:

ٽون پارس، آٽو لوهه، سڳڻن ته سون ٿيا. (شاهه)

رومي ٿو چوي: "ٽون ڪٺي سخت جا ٻلو پٿر هجين، ته به جي ڪڏهن ڪامل جي هٿ چڙهين، ته گوهر ٿي پوندين."

گرچه سنگ صخرهٔ مرمر شوي -
چون به صاحبدل رسي گوهر شوي.

سچو گرو، پنهنجي شش کي "امن" ۽ "اسرير" بنائي، ڪن ۾ "ترتاپن جي تپ" ڪان آجو ڪري ٿو ڇڏي. هو سنسي ۾ ورتل طالب جا "ٻيا سڀ خيال ڪسي،" عجيب گيات سان، ڪيس "پد امر" عطا ٿو ڪري؛ ۽ اهڙو ڪو "نور جو پيالو" ٿو پياريس، جو ازخود غيبي خماري چڙهي ٿي وڃيس، جا ڪيس اُڏائي، وڃيو "بيحد جي باريءَ" جو سير ڪرائي؛ پوءِ طالب، انمت اچرج ۾ پئي، ولي پنهنجي سروپ کي ڏسندو! هو اوجل ٿي، اهڙو ڪو جوت جو سروپ ٿي ٿو پوي، جو جوت جي مهاساگر (برهم) ۾ سمائجيو وڃي:

ستگر صفائي، ڏني دل درپن کي؛
انهد مورت انيئي، درشٽ ۾ آئي؛
مٽي ويئي، من موڻ، ٻانيڻ ڇڏي پيائي؛
سهجي سمائي، پوند وڃي سر سير ۾.

گروءَ کان عطا ٿيل جوت جي صراحي، سدس الدر ۾ ”الهامي پرڪاش“ ٿي جاڳائي، ۽ پوءِ کيس، ساري وشو ۾، چمن جو چمتڪاري درشن ٿو اچي:

ڀرين پياريو، ڀري پيالو نور جو؛
انڌيرو اندر جو، ڪڻ ۾ نواريو؛
ازغيبي ڀاريو، ڏيو مهنجي ڏيل ۾.

هو پوءِ ”مستڪ تي مڻ“ رکي، روحاني سلطاني ٿو ماڻي؛ هو ”تريا ۾ لد روپ“ تي، باطن جي ”طائوسي تخت“ تي براجمان ٿو ٿئي، ۽ ”عجيب عدل“ ٿو چلائي. هو رچيندڙ به پاڻ ٿيو پوي ته لپيٽيندڙ به پاڻ؛ سڀ کي پاڻم، ۽ پاڻڪي سڀ ۾، ليءِ ٿو ڏسي. اهڙي ”اگم پد“ کي رسڻ ڪانپوءِ ٿي، هو پنهنجي گروءَ جي وڏائي ڳڻي ٿو سگهي؛ جنهن وڏائيءَ جي ساک، خود برهما، وشنو، مهيش ۽ مڙيئي ڪامل ٿا ڀرين:

مهما ساڌوجن جي، ڀري ڪون ڀري؛
سيس سلاهي سهس مک، ويد وِمل اُچري؛
برهما، وشن، مهيش، مهدجن، سامي ساک ڀري؛
ڪوٽ اپاءُ ڪري، من واٽي پهچي ڪيڏڪي.

ستگروءَ کي ريجهائڻ جو طريقو:

گروءَ کي پرابت ڪرڻ اهڙو ڪٺن ناهي، جهڙو کيس ريجهائي، پنهنجو ڪرڻ. هو ريجهي تڏهين ٿو، جڏهين

طالب، ڀڳوان ڀڳتي ۽ ويساهه سان، سندس چرڻن ۾، پنهنجو سر لاهي ٿو رکي.

عاشق ڪونه ٿا ٿين، نه صرفو ڇڏ سر جو؛
ڏيئي سر ستگروءَ کي، ٻيراڳي ٿا ٿين؛
تڏهن لڌو لائين، **ساهي** سپيرين سان.

ويساهه يا ڀڳتي ئي جڳياسوءَ کي "اگم پد" ۾ پهچائيندڙ چوڏول آهي. ايمان، ڪرامتن جي ڪرامت آهي.

وڏو چاڙهه ويساهه، **ساهي** سيڪڌهين ڪون.

ويساهه جي ونگ سان، "گگن جي گهمون" به ڏهي ٿي سگهجي.

گگني گهمون ڏئي، وجهي ونگ ويساهه جو.

پر ويساهه ڪا سستي چيز ناهي، اُنکي استر رکڻ لاءِ، "مکڻ سيوڪ" پچائڻي آهي. ويساهه سان گڏ، "اُتم رهت" به گهرجي؛ رهت ريءَ ويساهه اڻين آهي، جڻن ڀرن ڌاران پکي. آدرشي شيوڪ، رهت ڌاران، من جي سرڪشيءَ کي ماريو ڇڏي. پوءِ گرو مٿس ٻرسن ٿي، کيس "اسگاهه پد" جو اهڙو ڪو پروانو عطا ٿو ڪري، جو ايشور به انکي چمي، چشمن تي ٿو رکي!

لکي گسر چني، ڏني جڳياسيءَ کي؛
وٺي ويو جڳديس ڏي، واچي تڏهن ڏني؛
ساهي رکيائين سر تي، چاڙهي سڪ مني؛
سڀ سکي ڪني، سولپيائين شيوڪ کي.

اِنهيءَ چئيءَ حاصل ڪرڻ ڪان اڳ، طالب کي، هڪ ڪٺن تجربي مان لنگهڻو آهي. جڏهن هو، اگستيءَ رشيءَ جيان، ساگر تـو سڪائي، تـڏهن ئي کيس العام طور، آڪاس جو امرت ڦل ڪائڻ لاءِ ملي ٿو.

مارگ چورائي، پيو پا سڌيرو پنڌ ۾؛
ساهي چڙهيو سير ئي، ساگر سڪائي؛
وينو وانجهيءَ پتر سان، سنته لدو لائي؛
ٻدا مک ڪائي، امرت ڦل آڪاس جا.

گرمک جي پدوي:

گرمک، وڏيءَ شڪتيءَ جو خاوند هوندي ٻه، هميشه جل جيان هيٺائون تـو هلي. هو جاڻي جاڻڻهار هوندي ٻه، سڀ جو داس ۽ نربل ٿي ٿو رهي.

هوندي ٻل نربل، ساهي ڏٺا سنت جن؛
ڌرتي ۽ آڪاس جي، رکن ساري ڪل؛
ڪيدي سڀ خلل، ئيوان چلن نير جان.

اهڙو ڪو ورلو گرمک آهي، جو ڪنهن به جيو جي اوگڻ کي نه ڳڻي، هرڪنهن جو گڻ ٿو ڪڻي. هن سنسار ۾ اهائي ڪٺن ۾ ڪٺن تپسيا آهي. اهڙو گرمک ئي پرم پد تو پراپت ڪري. اهڙي ”پورن شيوڪ“ جي وڏي وڏائي آهي، جو نه هو ته آخر وڃي، ”پورن گروءَ“ جي پدويءَ کي رسي.

ڏرمڪ ڳڻ ڪٽي، **سامي** هرڪنهن جو؛
اوديا جي اڌڪار جا، ليڪا ڪين ڳڻي؛
آلم لڪ سهي ڪري، سڀ جو داس ٻڻي؛
ورلي ماءُ ڄڻي، ڪا اهڙا پُٽر اپڻي.

سچو ڳرمڪ هميشه لاڀ ۽ الاڀ، دک ۽ سک، هار ۽ جيت کان مٿي ٿو رهي. انهيءَ جوڳ کي، گيتا ۾، ”ڪلياڻ جوڳ“ ڪري ڄاڻايو ويو آهي. ڳرمڪ هميشه اهو جوڳ ٿو ڪمائي.

سدا راج ۾ جوڳ، ڳرمڪ ڪري گيات سان؛
سامي جنهنجو سنگروءَ، ڪنيو هنئين مان روڳ؛
هار جيت سک دک جو، رهي هرک نه سوڳ؛
توڙي ڀوڳي ڀوڳ، تان بي رهي اليپ ڪنول جان.

اهو ساڳيو ويچار گيتا ۾ آيل آهي.*

* سرڳواسي شري واڌومل مولچند ڄاڻايو آهي ته ”حيدرآباد برهمو سماج ۾، سادو نولراءِ جي سماڌيءَ تي، سنگمرمر جي پٿر مٿان، سادن جي ڳڻن بابت، ساميءَ جو هيٺيون سلوڪ اکريل آهي:

’سو سادو جن ڄاڻ، جو سادي من شڌ ڪري،
دک سک لاڀ الاڀ ۾، رهي ٿبوليءَ ساڻ،
سامي چئي سڀڪنهن جو، ڪيول گهري ڪلياڻ،
ڪيئي پنهنجو پاڻ، پئي پياري رام رس‘.“

گرمک جي گادي، الل جيان، آڪاس ۾ آهي. هو هن پوساگر کان ڏور، آڪاسي سن ۾ پرواز ٿو ڪري، جتي سمساري بند ۽ اُچ جو منش ڪو به اثر نه آهي. هو، هن دنيا ۾، وِس هوندي، اوِس آهي؛ ۽ انت ئي پهر، سهج جون سگهيون وجائي، روحاني خمار ۾ ٿو رهي.

جوڳي سي چئجن، جي منجهي وِس اوِس ٿيا،
منڊرا پائي من کي، بکيا پوچن ڪن،
سگهي وائين سهج جي، مد آڪاس رهن،
ڪڏهين ڪين وهن، پوساگر جي پيٽ ۾.

سامي صاحب، سچن گرمکن جي بيحد اُستتي ڪئي آهي ۽ انهن جي گڻن جو به وڏي پريت سان وستار ڪيو اٿس. هن مايا، تياڳين ويراڳين کي به مستان بنائي ڇڏيو آهي؛ پر گرمک کي، ستگر جو اهڙو ڪو "سيتل باڻ" ٿو لڳي، جو هو ديه منجهه بديه ٿيو پوي، ۽ اوديا جو پٽ پري ڪري، "انيڪي آڪاس جو پد" ٿو پائي، ۽ ساري وس ۾ وياپڪ ٿي ٿو ڏسي. هو نير وانگر نرمل ۽ پنهنجي ئي رنگ ۾ رتو ٿو رهي. پيا سڀ جيو، جهان جي ليکي ۾ لڳا ٿا رهن، پر گرمک ليکي کي ڇڏي، وڃيو انيڪي آڪاس ۾ پير پائي. هن کي ڪٽي هزارين "حرف حسابن جون چاڙون" لڳن، ته به هو پنهنجي آتمڪ مقصد کان، رتيءَ جيترو به پري نه ٿو هٽي. هو ڪٽي جسم ۾ جڏو هجي ۽ تن تي ليڙون

لوڙيندو هجي، نه ڪه سندس مهما، ٽنهي لوڪن ۾ ٿي ڳائجي. * هن جي گادي، اٽل جيان آڪاس ۾ آهي، ۽ سندس سماڌي اهڙي آستان تي آهي، جتي هو هميشه لاءِ، "آدي سک سروپ جو" ڀڄي ٿو وهي.

گرمک جي گادي، اٽل جان آڪاس ۾،
هار جيت، دک سک کون، الڳ عليحدي،
چڙهي تنهن چوٽيءَ تي، ٿيو سهجي سماڌي،
لڏائين آدي، ساهي سک سروپ ۾.

---

* برهم گياني ڪا، انت نه پار-
نانڪ برهم گياني ڪئه، سدا نمسڪار.
(سري سکمني صاحب)

انهد شبد ۽ ديس ملار

منجهين ٻن ٻڌوار، وڄي ويل سيڪڙهن؛
چنگ طنبورا ڪيترا، سامي ساز اپار؛
انئي ڀر اندر ۾، ساهي پرينءَ پچار؛
ڪنهن ڪنهن مڱڻهار، سوجهي هن سرود جي.

شاهه جي "سر سورٺ" جو راز:

شاهه صاحب، انهد شبد جو راز، "سر سورٺ" ۾ سمجهايو آهي. "سر رامڪليءَ" جي هڪ وائيءَ ۾ به اُن ڏانهن نهايت سهڻا اشارا آندا اٿس. انهد جو آواز، هڪ اهڙي "سگري" آهي، جا جنن جي نڙ، جوڳين جي مرليءَ ۽ ٻيجل جي چنگ کان وڌيڪ دلڪش آهي؛ مڌرتا ۾ سڀني سازن کان مٿي آهي، ڇو ته اها خود "سبحان جي ساراهيل" آهي. جن سالڪن انجو گهائيندڙ آواز ٻڌو آهي، سي سموري سرت وڃائي، بيخوديءَ جي حالت کي رسيا آهن؛ انجي مڌرتا، مٿن کي به جياريو ڇڏي؛ اهڙو ساز، هند سند ۾ ڪونهي.

سنڌڙيان سگري، ڳال ڳجهڙي، مون ماريندي ڪڏهن.

جـا وڄائين جـنـڙا، لــ لــه لــڙ جهڙي،
مرليءَ کي جه ماس کٿو، لل له له لعبڙي،
ڏار ئو جـه ڏيـاچ کي، لعد لا سا لکڙي،
له سري، له سمد کا، له کا همد هھڙي،
بيخود بابو سي لٿا، اُپرلدي جن پڌڙي،
جا ساراهيل سبحان جي، له واڪاڻ کهڙي؟
سهسين سرودن کي، پاٽا پوءِ وجهندڙي،
اديون! عبداللطيف چي، هيءَ مٿا جٺاريندڙي.

(شاه - سر رامڪلي)

پيچل آهي ڪامل مرشد، جو انهد شبد جو ”ساز سري“ ۽ ”واڄو ولائي“ ساڻ ڪري، آيو آهي راءِ ڏياچ جهڙي سعادتمند ۽ صالح طالب جي هستي ڪپڻ، ۽ ڪيس پاٽسان هڪ ڪرڻ. ڪامل رهبر، پنهنجي طالب جي وجود کي، ”شبد جي ڪان“ سان ويڌي، سندس روم روم ۾، رباب جو نغمو تو جاڳائي ۽ پوءِ طالب جي رڳ رڳ مان هر وقت، ”الانسان سري انا سره“ يعني ”انسان منهنجو ۽ مان هنجو ڳجهه آهيان“ واري تنوار پيئي نڪري. اها تنوار آهي ”آدي ساز“ جنهنجو شاه صاحب، سامي ۽ ٻين ڪاملن، ور ور ڏيئي، سهڻو وستار ڪيو آهي. ڪنهن ورلي انسان کي، الهيءَ راز جي سمک آهي:

ڪه ڪه پيٺي ڪل، له هر دوئي هيڪ ٿيا.

(شاه - سر سورٺ)

سامي صاحب، انهيءَ "شبد جي ڪان" ۽ انهي ڪرامتي اثر ڏانهن، هيٺين ٽو اشارو ڪري:

جنهنکي ڪان ڪشي، ستگر هڻيو شبد جو،
سو در در ديوانــن جان، پل پل پرين پسي،
سامي تنس وسي، جتي هار لـہ جيمس ڪا.

انهد شبد جي ڌني، طالب جي سيني ۾، ايشوري جوت جون جهلڪون لايو ڏئي، جنکي پسيو، هو حيرت ۾ حيران ٿيو وڃي. *

خيمي ۾ ڪنگهار جي، چانڊوڻا چمڪن.

سامي ۽ انهد شبد:

سامي صاحب، "انهد شبد" جو ورنن، نرالن نرالن نادن سان ڪيو آهي. ڪٿي انکي طنبوري جي نالي سان ياد فرمايو اٿس ته ڪٿي "سرود" جي نالي سان؛ ڪٿي انکي "گرو گورکنات جو ناد" يا "انهد ناد" توسڏي ته ڪٿي "ڪان يا من موهن جي مڌر مڌر مرلي؛" ɸ

---

* "سن سماڌ، انهت تهه ناد،
کهن نه جائي، اچرج بسماد." (سري سکمني صاحب)

ɸ سچل صاحب به انهد شبد (الستي آواز) کي "مرلي" ڪري سڏيو آهي:

الستي آواز ڪو، مڌهجي ڪن پيو،
هردي اندر هير جي، آهي ڪوڙ پيو،
مرليءَ مست ڪيو، جوڳيڙن جي جيڏيون.

ڪٿي انکي ”اکنڊ جو اڻ ٺهيو نگارو (نغارو)“ ٿو ڪوٺي، ته ڪٿي ”ڪنگري ڪرتار جي“ ڪٿي وري انکي سنگيت جي ٻوليءَ ۾ ٿو ورڻن ڪري: ”رامڪلي، ملار، ديپڪ ۽ ڪلياڻ“، جن هيٺين مثالن مان پرسڌ آهي.*

(١) جنهن ٻڌو ناد، گروءَ گورک ناٿ جو،
لوري لڳو تن کي، ٻيهد جو ٻسماد.

(٢) سامي سدائي، ٿي وڄي ڪنگري ڪرتار جي؛
ورلي ڪنهن جوڳيءَ کي، سمجهه ۾ آئي.

(٣) مڌر مڌر مرلي، ڪان وڄائي مک سان،
ٻنڌي گوپي گوار جي، سامي سرت پلي.

(٤) نرپٽي نگارو، اکنڊ وڄي تنهن آد جو،
ٻنڌي ڪو ٻاڻين ڇوي، ڀاڳوان پارو.

(٥) گرگم ديپڪ راڳ، ٻڌو جنهن ٻاڻي ڇٽي،
مٽيو تنهجي من مون، گرهڻ ۽ تياڳ.

(٦) ڪرپا سان ڪيو، سامي جنهن کي ستگرو،
اچي تنهجي گهر ۾، انهد ناد وڄو.

---

* بيدل فقير صاف لفظن ۾ انهد جي آواز جو ذڪر ڪيو آهي:

سر صحيون ڪيو سر جو، ساز پڇي سامن،
تارون ڇڏي تن جون، گيت عجب ڳائن،
ڪنّ ري سيو تن، انهد جي آواز کي.

(٧) اُٺي ٻهر وڄي، لئي مرلي مَن موهن جي،
ٻڌي اِن ڪنن سان، سامهي ڪيئن رهي،
ٽوڙي ٻيان لڄي، ٿان ٿي ڏن ڌيان ۾.*

شاه ڀٽ "سر رامڪليءَ" ۾، سازن جي ٿالن سان ٿي "انهد شبد" کي ياد ڪيو آهي. سڱري، سنک، مرلي، ڪينري وغيره جو وستار ور ور ڏيئي ٿو ڪري.

جئن ٻيجل جي "راڳ" ٻڌڻ سان، راجا پنهنجي هستي، "راڳائيءَ" ۾ گم ڪري ٿو ڇڏي، تئن جگياسو، انهد شبد ٻڌي، پنهنجي گوءِ ۾ مڪمل فنا ٿو ڪائي.

---

* سري ڪرشن جي گوپين سان راس ليلا بابت، ڀاڳوت ۾ آيل آهي: "اُن وقت شام سندر جي سونهن اهڙي معلوم ٿي ٿي، جئن سونن داڻن جي مالها ۾ نيل مڻ رهي ٿو؛ ۽ نچندي وقت، شيام سندر جي ڪنن جا ڪنڊل اهڙا چڱا لڳا ٿي، جئن ڪارن ڪڪرن جي وچ ۾ بجلي چمڪندي آهي. اُن وقت برهما ۽ مهاديو جي ۽ ٻين ديوتائن ۽ رکيشورن، پرميشور جو ڌيان ڇڏي، راس ليلا جي ڏسڻ واسطي، پنهنجين استرين سميت، وماڻن ۾ ويهي، بندرابن ۾ اچي، آسمان مان شام سندر ۽ گوپين تي گل وسايا ۽ برج بالائن جي ڀاڳ جي وڏائي ڪرڻ لڳا ...... اهڙيءَ طرح بانڪي بهاريءَ، گوپين سان گهڻن قسمن جا واجا وڄائي، گوپين جو من ٻاڻ ڏاهن موهي ٿي ورتو. اُن آنند روپي ناچ ۾، گوپيون اهڙيون مست ٿي ويئون، جو ڪين پنهنجي تن ۽ من جي ڪا به خبر نه رهي."

ڪي ڪي ماڙهين، ٻڌي ڪل ڪائي،
رسڻا جي رمز کي، اُن پارسي پائي،
φ”الانسان سري وانا سره“، ورتي اِئي وائي،
راڄا راڳائي، هردوئي هيڪ ٿيا.

(شاهه - سر سورٺ)

ساميءَ صاحب، پنهنجي ٻوليءَ ۾، ساڳيو راز هيئن ٿو سلي:

منجهون شوق شراب، سالڪ ڏنو سچ جو،
پيندڙي مَن پنيو، پلو حرف حساب،
راتيون ڏينهن رباب، ٻاڻي ٻڌي ٻيائيءَ ري.

جو پرک، گر گيان سان، انهد جو اڀياس ٿو ڪري، تنهنجي نانت نوارجي ٿي وڃي ۽ هو ايشور کي هر هنڌ ائين وياپڪ ٿو ڏسي، جئن سورج ۾ پرڪاش وياپڪ آهي.

انهد جو اڀياس، ڪيو جنهن گر گيان سان،
سهجي ٿي **ساميءَ** چئي، نانت تنهنجي ناس،
ڪيائين ڪلپنا ڪيڏي ڪري، تئين منجهه نواس،
جئن سورج منجهه پرڪاش، تئن جڳت ڏسي جڳديس ۾.

ديهيءَ جا آستان ۽ اُنهن جا ساز:

آلمڪ درشنيءَ جا صاحب ٿا ڄاڻائين ته مانڪ ديهيءَ

φ الانسان سري وانا سره = ”انسان منهنجو ڳجهه آهي ۽ مان هنجو ڳجهه آهيان.“ (اِهو رباني راز آهي) مطلب ته ايشور ۽ منش جي وچ ۾ ڀيد ڪونهي.)

جي جدا جدا آستانن ۾، ترانن ترانن امولڪ جي سازن جا آواز آهن. سنک، مرڌنگ، سارنگي، بين ۽ بنسري: انهن سڀني جي ڪنجي، "گر شبد يا گر منتر" آهي. افسوس جو منک ويچارا، انهيءَ اندرئين آنند کان، غافل گهمندا وتن.

پٽي ڏسن نه پريم سان، **سامي** دسوون دوار؛
جنهن ۾ اڪت ٻنڌار، رهي سدائين سهج جو.

اوم جي مهما:

ويدانتين جو مول منتر "اوم" آهي. سامي صاحب جي سلوڪن ۾، "اوم" جي وڏائيءَ ڏانهن، اشارا موجود آهن:

اندر ۾ آهي، اُچار اونڪار (اوم+انڪار) جو،*
جو ٻيرن سان ٻنڌ ڪري، ۽ هٿن هلائي،
جو وائي ڪري وات سان، خوشيءَ سان ڪائي،
ميڻگها مڌهن پائي، ڪي ٽڌهنڪي ٻسج ٻاڻ ۾.

جو ساه، تاپ (دن) مان چڙهي، مٿي ٿو اچي، سوئي اوم آهي:

"دم ٽي رکي قدم، عاشق چڙهيا اچ ٽي."

---

* گيتا ۾ اچي ٿو: "جيترا چوڻ جا آواز آهن، اُنهن ۾ اونڪار مان آهيان."

جو ڪري ناڀ مڌ ڀار، تون سهي سڄاڻج ساهه ڪي، φ
دامودر ڌنڌهن دم ۾، آهي اواڪار. *

آتم پد:

اُها اُت اوجل "مانسرور" اندر ۾ ئي آهي، جتي آتمڪ هنس، برهمي جوهر وارا موتي پيا چڳن. انهيءَ اندرئين امرت جل ۾ ئي اشنان ڪرڻ جي هدايت، اسان کي وقت به وقت، مهاپرکن ڏني ڪئي آهي. گنگا اشنان، انهيءَ آتمڪ اشنان جي ڀيٽ ۾، ڪهڙي وسٽو آهي!

سو سرو منجهه سرير، جنهن مون وهن واهڙا ڪيترا،
تنهن نائج منجهه نير، جتي پاڻيءَ پٽو ناه ڪو.

سامي، منش جي حال تان هسي ٿو، ڇو جو هو هميشه آڪاس ڏالهن اکيون کڻي، پيو آتم پد جون سڌون ڪري؛ ۽ ائين ڪڏهين به، ويچار ۾ نه، تو آڻي ته هو

φ ڪُل شاعر، ناف يا دن (ناڀ) کي الاهي بارگاه ڪري سڏيو آهي:

دن چوٿا عرش حق جو بادشاهي بارگاه،
اُن مٿي عالم امر جو خلق مڙيئي هيٺ ناف.

*"He who pronounces the syllable (OM),
Knowing it thus, takes refuge in that
Syllable, in that immortal, fearless sound —
Since the gods became immortal by taking
Refuge in it, therefore, he becomes immortal."
(Chandogya Upanishad—Prof. R. E. Hume's Translation)

ٻاڻ تي ٻيهڇي الدو ر، آلم پد ٻاڻ سان ڪهڙو ٻيو ڳهي!

سيڪو ڏور ڏسي، ٿو آلم پد آڪاس ڪون،
انين چڙي ڪواڪو، لــه آهيون ٻاڻ اسي،
ساهي ڏسي هسي، اِنهيءَ ڳالهه الوپ ڪي.

اهو آلم پد، پورن گروءَ جي شبد دواران ئي پراپت ٿئي ٿو.

آلم پد جي منزل اها آهي، جنهنجو ورنن، مک سان ٿي نه ٿو سگهي:

منهن سان چوي ڪير، اونهي ڳالهه اسرار جي؟
جنهنجو لڀي ڪونڪو، **ساهي** چڙي سر پيـر!

اِنهيءَ منزل تي، نه آهي آڪاس نه پاتال، نه زمان نه مڪان، نه ڪرم نه ڪال، نه غم نه زوال. انهيءَ اوچ پد تي نه رڳو "ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو" ٿو رسي، پر اِنهيءَ پدويءَ ڏانهن سڪڻو ڏيان ۾ ڪن ورلن جو ٿو وڃي.

لڪيو لڌهن جو لس، جاڻي آه ناه ڪا،
اڪو سمرٿ ساه جو، اڪو ٻاءِ ٻيگت،
اَلي اَلپت ناه ڪا، اڪا ست اَست،
هيءَ موچاري مس، ميدگها ملي ڪن ڪي.

ديس ملار:

انهيءَ غيبي ولايت کي ساهي، "بيگم پور" (بي غم پور)، "نور محل"، "ديس ملار" وغيره جي نالن سان ٿو سڏي.

عاشق آرامي، رهن ديس ملار ۾،
جتي اُج نه بُک ڪا، ڪا ڏُوم ڏامي،
سدائين سامي، سمڪ ڏسن سُپرين.

اُتي نه آهي اُج نه بُک، نه رات نه ڏينهن؛ اُن هنڌ هڪ عجيب ۽ نرمل جوت پيئي وسي؛ اُهيءَ ديس ۾، آنند ۾ ٻُڌل آتمائون، اُت ئي پُهر، "ديپڪ، ملار، رامڪلي ۽ ڪلياڻ" جا سُر پيئون آلاپين، جن کي ٻُڌڻ سان، سموري سُرت گم ٿيو وڃي.

گاوي راڳ ملار، تو جاڻي ڀاڻ جتن ري؛
سُران سڀ راڳن جون، ٿيون ٿڌهن ڪن تنوار؛
بُوند بَرسي رم جهمي، سوکم نرمل ڌار؛
پُلي سُرت سنڀار، سامي ٿڌهن سرود ۾.

اُهو اچرج وارو ديس، ٻُڌيءَ ۽ ٻاڻيءَ کان پري آهي؛ اُتي نه آهي سُت، نه اَسُت؛ اُت ئي پُهر، ايشور جي اَستتيءَ جي ڌن پيئي هلي.

ٻُڌ نه پُهچي جت، تني نگرن لايو نيهڙو؛
واچ پري اواچ پد، سامي سُت نه اَسُت؛
بنان ڀرم ڀگت، ٿي اَتل پُهر اچل ٿئي.

اُتي ڪنهن به قسم جي "هاءِ هوءِ" ناهي؛ سواءِ ناد جي پيو ڪي ڪين ٿو وسي.

جوڳي ڇڏي جوءِ، ڳڳن چڙهيا ڳر ڳيات سان؛
لالي کانئون لڪيو، جالي هاءِ نه هوءِ؛
ساهي روبرو، لاهت ڏسي لوپاڪ ٿيو. *

اُهيءَ نور محل ۾، نه رات آهي نه ڏينهن، نه سج آهي نه چنڊ. اُتي سديو مهر جو مينهن پيو وسي.

نيڻن لايو نينهن، نور محل ۾ ناٿ سان؛
جتي سج نه چنڊ ڪو، نڪو رات نه ڏينهن؛
مهرون وسي مينهن، ساهي سدا عرش جو.

جنهن ”پورب ديس“ ۾، نه آڪاس آهي نه پاتال، نه ٻڪ نه اُڄ؛ جتي هردم ”خاوند جو خيال“ پيو وسي، تتي انساني وائيءَ کي ڪهڙي پهچ آهي!

ڪنهن کي ڪريان حال، پورب ديس ملار جو؛
جتي اُڄ نه ٻڪ ڪا، نڪو آڪاس پاتال؛
خاوند جو خيال، سر ورتي ساهي چئي.

ساميءَ کي ”اهڙو پد اچل،“ ستگروءَ جي مهر سان نصيب ٿيو.

گروءَ لکايو گيات سان، اهڙو پد اچل.

اهڙي عجيب ديدار مان، ساميءَ جو من ٿي نتو ڍاپي:

اهڙو دب ديدار، ساهي ڏسي نه رڄيو.

---

* راحت رسي روح کي، سٽي راز سڌون؛
اُتي اوتارون، جتي رنگ نه روپ ڪو. (بيدل)

اهو ”دب ديدار“ آهي سچي سکن جي ڪاڻ اهي ”سروپ جي سک“ لاءِ، سنسار جا مڙيئي سک گهوري ڇڏجن. ساميءَ جهڙن مهاڳيالين جي مستڪ مڻي، اهو سک، ازل کان لکيل آهي:

گيانيءَ سڀ گهوري، سک وڏا سم سک لاءِ؛
ساميءَ ڇڏيائين سرگ کي، ترِيا منجهه توري؛
جهولي پريم اگم جي، هردم هندوري؛
اور وينو اوري، سنته سڌ سروپ سان.

SOORIH SINDHI ADAB

ساميءَ جي ٻولي ۽ عبارت

سدا سپيرين سان، ٻرچيا رهن پاڪ ۾
ٻولن ٻيهد واڪ، سپاوڪ سامي چئي.

سريلي:

سامي صاحب، شڪارپور جو رهاڪو هو، تنهنڪري "سپاويڪ" پنهنجا "ٻيهد واڪ"، "سريلي" يعني اُتر سنڌ جي ٻوليءَ ۾ چيا اٿس. ٻيدل، ٻيڪس، سچل ۽ دلپت جي ڪلامن ۾ به سريلي ٻوليءَ جا محاورا ۽ ورجيسون موجود آهن. هرڪنهن شاعر، پنهنجي مادري زبان کي شرف ڏنو آهي. شاهه صاحب ئي آهي، جنهنجي ڪلام ۾ سنڌيءَ جي سڀني اُپڀاشائن جا ڪي نه ڪي مثال اچي ٿا وڃن، جيئن ٽيڪ سراسري سارو رسالو، "لاڙيءَ" ۾ چيو اٿس. هتي "سرمومل راڻي" مان، نموني طور فقط هڪ مثال، "سريليءَ" جو ڏجي ٿو، ڇو ته هتي، ساميءَ جي نسبت ۾، "سريليءَ" جوئي ذڪر ڪرڻو آهي.

راڻا! تنهجي راهه لئي، ڏيهاڻي ڏيکان ۾
راڻي جي رهاڻ جيئن، روح اندر رکان ۾
محبت جو مهڪان، توسين، لال! لپيٽيون.

"سريليءَ" جي خاصيتن مان هڪ اها آهي، جو "جمع" هميشه "واحد" کي "ان" گڏڻ سان ٺهندو آهي، جئن پارسيءَ ۾ جاندارن جي حالت ۾ ٿيندو آهي. ازآنسواء، جتي ڏکڻ سنڌ جا رهاڪو، "زير" کم آڻين، اتي "سريلي" ڳالهائيندڙ "زبر." شاه جي ڪلام ۾، "سريليءَ" جي اها به وصف موجود آهي:

ڇپائي ڦهاڻ، جن وساڻيو رک کي؛
کنين سندو جاڻ، آهي آڳڙين کي.
(سر يمن ڪلياڻ)

ٽرمپ صاحب توڙي گريئرسن صاحب جو رايو آهي ته "سريليءَ" ۾، سنڌي اچارن جي صفائي، صحت ۽ بوليءَ جي اصليت، برقرار آهن. سامهين جي واٽيءَ مان هيٺ کي مثال پيش ٿا ڪجن، جي "سريلي" جي خاصيتن کي، بخوبي ظاهر ڪري ٿا ڏيکارين.

"آهن اگم اپار، **راهان** رام مڻڻ جون."
"**سران** سپ راڳن جون، تيون تنهن ۾ ڪن تنوار."
"**رڳان** روئي تڪيون، ٿي لڻو لڻو دانهن ڪري."
"عشق ڪمايو **جن**، پڇ تنين **کون خبران**."
"**ڪاتي** ڪوڙ ڪر، ڪنهين سان ڪڻ جيترو."
"تار **منجهون** ناري، ڏيئي هٿ همت جا."
"گيان پرڪاشي گر، اچي مليو **اوچتي**."

"پلڪ نه ٽٽي پري، رهندا رام اکين ڪون."
"رلي هڪ رهس، ودي (ورلي) جنهن ويساه سان،
متي تنهن جي من هون، پي سڀ ممتا مت."

پارسي ۽ عربي لفظ:

جنهن صورت ۾، سامي صاحب جي واڻي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ويدن جي واڻي آهي، تنهن صورت ۾، انهيءَ سنسڪرت لفظن جو اڪثريت ۾ هجڻ، انجو هڪ سڀاويڪ ۽ لازمي گڻ آهي. پر ڪن صاحبن جي دلين تي جو اهو محڪم اثر ويٺل آهي، ته ساميءَ جي سلوڪن ۾، پارسي ۽ عربي لفظن جو نشان به ڪونهي، سو صرف سندن خوش خياليءَ جوئي نتيجو آهي. حقيقت ۾، ساميءَ جا اهڙا ڪيئي سلوڪ آهن، جن ۾ پارسي ۽ عربي لفظن جو چڱوئي تعداد موجود آهي. هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا:

١- عجائب عقل، سالڪ ڏنو سڪ سان؛
سمجهي روح راضي ٿيو، ڇڏي هنگامو هل؛
چڙهي نور محل تي، ڪيائين حق حاصل؛
وحدت ۾ واصل، پرچي ٿيو پريم سان.

٢- مگن ٿيا مشتاق، ڏسي منهن محبوب جو؛
دوسن سندي در جي، نت مستڪ لائين خاڪ؛
پاڻ نوازيا پاڪ، سي خاصا خلوت دار ٿيا.

٣- محبتي مطلب، ڪنهن سان رکن ڪين ڪي؛
رهي جنجي روح ۾، واليان ڏيهان رب؛

ڳالهيون ڪن عرش جون، عجائب عجب؛
ٽوڙي لائي لوڪ لقب، ٿا ٿي مست رهن مهراڻ ۾.

٤- ٻاڙهي ڪيو ٻرپڪ، مرشد خام مريد کي؛
چڙهي عين عرش تي، لڌو سان ٻڌي لڪ؛
ڏسي مُنهن محبوب جو، سامي ٿيو عاشق؛
لڌو الڌو اناالحق، ٻولي ٻيائيءَ ري سدا.

٥- اکين منجهه اوطاق، آهي يار عجيب جي؛
سدا پسن سڪ سان، محبتي مشتاق؛
جي جيئندي ٿيا جڳ کون، ٻانيڻ ڇڏي ٻي ٻاڪ؛
خلوتين جي خاڪ، لائي وينا لعل ٿي.

٦- جڏهن کي درشن دٻ، ٿيو مرشد جي مهر سان؛
پرچي ڪيو تڏهن پاڻهنجو، محبتي مطلب؛
پائي وڌو ڪڇ ۾، راتيون ڏينهان رب؛
رکي ڪين ادب، گذاري غلام ٿي.

٧- مومن مسلمان، ڪوڙين ۾ هڪڙو؛
جو واصل ٿي وحدت ۾، ڪڍي غير گمان؛
نور محل جي ناٿن ٿي، سيل ڪري سبحان؛
ڏهڪي سڀ جهان، ڄاڻي دوست خدا جو.

٨- جڏهن ٻڌا واڪ، ويدانتي ويساهه سان؛
سي ڄاڻ وڃائي پاڻهنجي، ٿيا محبتي مشتاق؛
کوليائون گر گيان سان، نور محل جا طاق؛
پرچا رهن پاڪ، سامي سار سروپ سان.

سنسڪرت شبد:

سامي؏ جي سنسڪرت شبدن جي سمجهاڻي ڏيندي، پروفيسر جيٺمل پرسرام لکي ٿو: "ڀڳوت گيتا، اُپنشدن کان پوءِ ٿي، پر ڀڳوت گيتا ۾ آدي اُپنشدن جو نچوڙ آهي ۽ سامي، گيتا جو اڀياسي آهي ۽ سلوڪ هوبهو ٿو بيهاري: 'سهن سدائين سر تي، اُس ۽ سيت.' گيتا واري ساڳئي سلوڪ ۾ ٻه، 'سيتوشڻ' سيت (ٿڌ)، اُشڻ (اُس يا گرمي) شبد ڪم آيل آهن. سامي اهي ساڳيا سنسڪرت شبد، پراڪرت ۾ تو آڻي ۽ نيت سنڌي؏ ۾ ٻه ساڻن لڳايو ڇڏي."

بگڙيل صورتون:

مٿين سلوڪن ۾، پارسي ۽ عربي لفظ، اصلي صورتن ۾ آيل آهن. ڪن سلوڪن ۾، سامي صاحب، ڪي لفظ بگڙيل صورتن ۾ ڪم آندا آهن. اِنهي؏ جا ٻه سبب ٿي سگهن ٿا. سامي صاحب، عام جو ڪوي آهي ۽ ٺهڪري جن لفظن کي عام طرح بگڙيل صورتن ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو، تنکي پنهنجي سلوڪن ۾، بنا ڪنهن حجاب جي، جاءِ ڏني اٿس. ٻيو سبب هي ٻه آهي، جو جتي قافيي ۽ سرحرفي؏ (Alliteration) جي تقاضا کي پورو ڪرڻو اٿس، تتي ٻه پارسي ۽ عربي لفظن جون بگڙيل صورتون ڪم آڻيون پيئون اٿس. ڪن جزوي هندن تي، شاه جي ڪلام ۾ ٻه اهڙا مثال موجود آهن. انهن مان ڪي هيٺ پيش ڪجن ٿا:

”ڪرهي ڪاڪس (طائوس) ڇڏي، وڃن نه وائي.“
(سر ڪيڏارو)

”ڏسي نه ڏاڙهين، شهان جي سڳ (سگ=ڪتو) کي.“
(سر معذوري)

”جيءُ، جسو، جاڳير (جاگير)، هاڻي ملڪ هوت جي.“
(سر سسئي آبري)

”ٻلي لڳو ٻانڀ، پسوا جوءِ جرا (ذرا) ٿيي.“
(سر سسئي آبري)

هتي ساميءَ جي سلوڪن مان ڪي اهڙا مثال ڏجن ٿا:

١- جيڪي جڳ آيا، سي مرڳ (مرگ=موت) نيان مسافر ڏي.

٢- لکين لوڪ تريا، داون (دامن) لڳي تن جي.

*٣- ڇڏي لوڪ لڄا، عاشق چڙهيا اچ تي،
مديائون محبوب جي، ساميءَ سڀ رجا (رضا)،
ملي ڪن مجا (مزا)، سنت سڏ سروپ جي.

*٤- نندي نواجي (نوازي)، خاوند ڪمائو ڪري،
چڙهي سڪپت سيج تي، عيبن ڪان آجي،
ڪنهنجي رهي ڪا نه ڪا، منت موتاجي (محتاجي)،
نياڻان راجي (راضي)، ٿيڙو ڪهڙيءَ ڳالهه لون.

---

* مٿين مثالن مان پوين ٻن ۾، ساميءَ صاحب قافيي جي هم آوازيءَ جي لحاظ کان، ڪن لفظن جون بگڙيل صورتون ڪم آنديون آهن: لڄا، رجا، مجا ۽ نواجي، راجي، آجي ۽ موتاجي.

عبارت:

سامي صاحب جي عبارت، سيدگار، لوڙي سلاست جي لحاظ کان، پڪي ۽ سهڻي آهي.* بلاغت جي لحاظ کان، سندس تشبيهون، سندس واڻيءَ جو هڪ خاص زيور آهن. مٿر ۽ سليس ٻه اهڙي آهي، جو هردو ناري تي چڙ ي. تشبيهن ۽ روپڪن جا مثال، هڪ الڳ مضمون ۾ آيل آهن. هتي صرف هڪ مثال نموني طور ڏجي.

سامي صاحب، ساڌ سنگت تي اٿين فدا آهي، جنهن ڀونر گل تي، مڇلي پاڻيءَ تي ۽ مرگهه بنسريءَ تي.

سامي رچي ڪين، ساڌ سنگت هر پيٽ مون؛
رهي سدائين جل ۾، جنهن پياسي مين؛
ڀنور نه بيدي گل کي، مري تئي لدولين؛
مرگهه موهيو رس بين، صرفو ڪري نه سر جو.

ٻوليءَ جي سادگيءَ جا مثال:

سامي، ڪٿي ڪٿي، شاعرانه گلڪاريءَ جو لحاظ نه رکي، پنهنجي فيلسوفي سمجهائڻ لاءِ، ڪي اهڙا سادا ۽ سولا مثال تو پيش ڪري، جو ٻڌندڙ مرڪڻ کان رهي نه ٿو سگهي. سامي صاحب جا هيٺيان وچن ڏيکارين ٿا ته هو صاحب، بعضي شاعريءَ جو لباس

---

* ”عبارت جي سيدگار، فصاحت ۽ بلاغت جي اسباب بسبت، سامي صاحب جو ڪلام بلڪل عمدو آهي.“
(مسٽر محمد صديق ميمڻ - ”سنڌ جي ادبي تاريخ“)

لاهي، ٻارن، ٻڍن ۽ استرين لاءِ، نهايت سادي ٻولي استعمال ۾ ٿو آڻي ۽ ادراڪ جو خيال نہ ٿو رکي.*

"ساهي ڏسي سپرين، اکين کان اوڏي ؛
ڪانهي نہ پوري، لڏون ٻريم اگم جا."

"سوئي سياڻو، ساڌو جن سنسار ۾ ؛
جو ٻڌو ٻاڪر وڪڻي، ڪري نج ناڻو."

"سته مليا سپرين، خوشيءَ سان ڪلهي ؛
اوڏيا رن رلي، ڪڻي پڳي گهر مون."

"ڏٺي جن چکي، ساهي سرڪي سچ جي ؛
اوڏيا پني مٿي ٿون، لاهي ٿن رکي."

"سوئي اُداسي، جو رکي اُداس اندر ۾ ؛
سيلي ٻهري سچ جي، ٿو ڀي آڪاسي ؛
ڪميا جي ڪڻي ڪري، ڪٽي جم قاسي ؛
الک ابناسي، ساهي ڏسي سڀ ۾."

"وڻي ڪک ڪرپا جو، ساهي گهر آيو ؛
سهجي مٿايو، ٿڌن اوڏيا روڳ اندر جو."

*"The mystic has co-related his high heaven-ward consciousness to the daily life of the human; hence the book is a manual of conduct, marked by profundity on the one hand and practicality on the other."

(From Shanti L. Shahani's
"Song of the Spirit")

"سمجهي پٽ سامي چئي، اوديا جو اڱور؛
ڏاڍس رکج مور، مٿان شاه پڇڻئي ليکڙو."

"ڪڏھن ٿئي ڪنهڪي، من الدرين جي وس؛
ڪميا جي ڪس ڪس، گھوٽي ھئي ٻرھم سان."

"ھوري ڪيلي ھـر سان، ڏر ري ڏھاڙي؛
ساري وس ڳـاڙھي، ڏسن گيان گـلال ۾."

"پانيڻ چائو پـار، نپوسڪ جي نـار ڪي؛
جنهنجو رنگ نه روپ ڪو، نڪو انگ آڪار."

"ھڪ ھٿ لڏون لوپ جو، ٻئي ھٿن چپات."

"پنهنجي پوک سنڀار، پراڻي پيھي ٿي چڙھي."

جٿن برف جي اثر ھيٺ، بخار جي ٽپت ھلڪي ٿي ٿئي، تئن ساميءَ جي سلوڪن جي سيتلتا، اسانجي من جي تؤنس کي ٺاري ٺيرو ٿي ڪري. سامي صاحب ٻرھم جي پياسين کي اھائي دعوت ٿو ڏئي:

آءُ تـه پياريانءِ، ڀـري پيالو ٻـرھـم جو؛
سامي ھن اوسر ۾، تن من سڀ ٺاريانءِ؛
ڏه ڏس ڏيکاريانءِ، انيئي ٻرڪ اکين سان.

ساميءَ جو نظم*

ويدن جو ويچار، سو سنڌيءَ ۾ سٽايم.

دوهو:

هندستان جي ناميارن سنتن جون ٻاڻيون، دوهن ۾ چيل آهن. دوهي يا دوهري جو قانون هي آهي: ٻنهي مصراعن مان هر هڪ کي ٻه پد هئڻ گهرجن، جن جي

---

* "علم عروض جي عالمن موجب، شعر جون حدون، لفظن اندر رٿي مقرر هئڻ گهرجن. انهيءَ حالت ۾ شعر کي نظم به ڪري ڪوٺين ٿا. ڪنهن به ماڻهوءَ کي شاعر چئي سگهجي ٿو، اگرچه سندس نظم تمام سٺو نه هجي. وري جيڪڏهين، ڪنهن ماڻهوءَ جو نظم ڪيترو به سٺو هوندو، ته به اُنکي شاعر نه چئي سگهبو. اگرچه وزن ۽ قافيو، شعر جو حسن ۽ لذت وڌائين ٿا، تڏهين به، اهي هڪ قالب جي مثل آهن، جنهن ۾ شعر پلٽيو وڃي ٿو. پر نظم ۾ جيستائين شاعرانو روح نه هوندو، تيستائين اُنکي سچو شعر نه سڏبو."

(ڊاڪٽر گربخشاڻي — "مقدمه لطيفي")

پڇاڙيءَ ۾ ساڳيو قافيو هلڻ گهرجي. انهن ڇهن پدن مان پهرين ۽ ٽئين پد ۾، ٽيهن ٽيهن ماترائون هئڻ گهرجن ۽ ٻئي ۽ چوٿين پد ۾، ٻارهن ٻارهن ماترائون. دوهري ۾ ڪل اٺيتاليهه ماترائون ضروري آهن، جڏهن گهٽ ۾ گهٽ چار چوٿيون ۽ باقي چوئيتاليهه ماترائون، ڏکيون هجن يا چوٿيون. سنڌي شاعرن وري پنهنجي پنهنجي خيال موجب، ماترائن جو گهٽ وڌ تعداد ڪم آندو آهي.

سنڌ جو شعر، دوهرن ۾:

سنڌ جي اوائلي شاعرن، جهڙوڪ قاضي قاضن ۽ شاهه ڪريم جو شعر، ٻن ٻن مصراعن وارن دوهن ۾ آهي، جنکي سنڌيءَ ۾ ڏوهيڙا تو چئجي. البت، انهن ۾ قافيي جي بدل سدل به آهي، ۽ هر ويرو دوهي جي قانون موجب، قافيو ٻنهي مصراعن جي پڇاڙيءَ ۾ نه تو اچي:

مثال: پاڻياري سر ٻهڙو، جو اُٿي پکي **جڏن**؛
اسان سڄڻ **تڏن**، رهيو آهي روح ۾."

جي ليکا لوڪ جا، جان جان سي نه **لٿاءِ**؛
ٿان ٿان ٿئي نه **ٿاءِ**، پسڻ پورو پرين جو.
(شاهه ڪريم)

شاهه ڪريم، ڪٿي ڪٿي اصلوڪي دوهي جي صورت به قائم رکي آهي. يعني قافيو ٻنهي مصراعن جي پڇاڙيءَ ۾ آندو اٿس.

مثال: ڇرين ڇڄن ڇت ڪري، سڱ سيڱي ڇن؛
جي پاڻيئين پرينءَ مڙان، ته مٿ مڏهڪي ڳن.

مٿ پيڙ ڀائي ڀاڪيا، جه اڳئي لڳ واءُ؛
جه پڌر وڏي ڳالهڙي، ته ڇڏي ويئي ساءُ.

جدت پسند شاهه، دوهي ۾ نهايت دلپذير ۽ نزاڪت واريون تبديليون آنديون. قافيي جو آستان نهايت سهڻي نموني ۾ تو مٿائي. پهرين مصرع ۾ قافيو ڪڏهين وچ ۾ (پهرين پد جي آخر ۾) ته ڪڏهين پڇاڙيءَ ۾ (ٻئي پد جي آخر ۾).

مثال: پاڻهه پسي پاڻ کي، پاڻهه ئي **محبوب**؛
پاڻهه خلقي **خوب**، پاڻهه طالب تن جو.

ايڪ قصر، در لکه، ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون؛
جيڏاه ڪريان **پرک**، تيڏاه صاحب سامهون.

ساميءَ جي سلوڪن ۾ مصراعن جو تعداد:

شاهه، ڪن بيتن ۾، ڏهن يارهن مصراعن تائين به ويو آهي. ساميءَ جا سلوڪ، باقاعدي ڏوهيڙا آهن، ۾ هن صاحب، ويدڪ رشين وانگر، اڪثر چار مصراعون ڪم آنديون آهن. ڪٿي ٽي مصراعون به آنديون اٿس. ڪن جزوي حالتن ۾ وري ستن بلڪ اٺن مصراعن تائين به ويو آهي. مثلاً ساميءَ جي هيٺين ٻن سلوڪن ۾، ست ست مصراعون آهن:

١- موڪل ڪين ڏسن، ساهي سپيرين کي؛
اوڏيا جيءَ اندا ڪيا، ڏلو هت پرين؛
پرم مڇ پلي ڪري، تا پدا ات پڙهن؛
لپ ليوت، برت، ليم، جڳ، جهڊ ڪيو جاڳن؛
غفا، بن، پهاڙ ۾، بڪ اُڇ دک سهن؛
پما ساڌ سنگت جي، وهڻ مڇ وهن؛
ڪي لڪايا لهن، ساهي سپيرين کي.

٢- اڻ هوندي بازي، بازيگر برحال ڪي؛
ڪتي راجا پرجا چوڌري، ڪتي مهتو ميان جي؛
ڪتي پير فقير امير ٿيو، ڪتي شيخ ملان قاضي؛
ڪتي چور چغل ٺڳ مسخرو، ڪتي پدب پري پازي؛
ڪتي ڳٽي ليکي دک ۾، ڪتي رضا تي راضي؛
ڪتي حاڪم بڻجي حڪم ڪري، ڪتي عبد بڻي آزي؛
ساهي جهن سازي، ساڪي پد سو پار ٿئي.

هينيون سلوڪ، انن مصراعن جو چيو اٿس:

آيو ناگرنت، بيڪ ڏري بازار ۾؛
بانپڻ چوي بيائي ري، ڪڏي وينو هت؛
پاڻ واپاري وڻج ٿيو، پاڻ تارازي وت؛ *

---

* خليفي محمد گل جو به هڪ غزل اهڙي طرز تي آهي. انمان ڪي مصراعون هت ڏجن ٿيون:

سوئي ان وڪڻدڙ ۽ ڳهڻدڙ سو- سو مڱي ماڻ حرص چڏ حارص.
توهين ڪت، تون وهين، تون واڻيدڙ-
تون آهين واڻ حرص چڏ حارص.
توهين پج تڙ ۽ تار پن گل ڦر- توهين باغ وان حرص چڏ حارص.

رعيت راڄا راڄ ڪيو، ڪاتُر، سور، سهت ۾
راڄ ڪندڙ آوي ٻٽيو، چڪ، مٽي، گهٽ، مت ۾
ڀاڙ ڦول ڦل، ڀتر ڪيو، ڀاڙ ڏاريج ڀٽ ۾
اندر ڀاهر ڏه ڏسا، ڪيلي ڳپت ڀرڳهٽ ۾
ڀرچي ڪوليو ڀٽ، ڀاڙ لڪائي ڀاڙ ڪي.

اهڙا مثال، سامي جي سلوڪن ۾ ججها آهن.

قافيو:

سامي جي سلوڪن ۾، قافيو اڪثر ٻهرين مصرع جي وچ ۾ تو اچي: (يعني پهرئين پد جي آخر ۾) ۽ نه پڇاڙي ۾: (يعني ٻئي پد جي آخر ۾)، جيئن دوهي جو قانون آهي. انهي قانون جي بجا آوري، ڪن ٿورن سلوڪن ۾ نظر ٿي اچي، نه ته قافيي جي صورت اڪثر هيئن بيٺي آهي:

پرين **پياريو**، ڀري پيالو نور جو،
انديرو اندر جو، ڪوٺ ۾ **نواريو**،
ازغيبي **پاريو**، ڏيو منهنجي ڏيل ۾.

هيٺيان ٻه سلوڪ، انهن ٿورن سلوڪن مان آهن، جن ۾ قافيو پنهنجو آسڻ مٽائي، ٻهرين مصرع جي پڇاڙي (ٻئي پد جي آخر ۾) وڃي ٿو وٺي:

ويد پران قران ڪو، سڀني ۾ هڪ **سوٽ**،
سمجهي ڏس **ساهي** چئي، لائي من **مضبوط**،
جيئن آڪاس گهٽن ۾، تيئن سڀ ۾ ساڪي **پوت**،
ڪو آتم وت **اوڌوت**، سمجهي هن سخن کي.

پڙهيا پڙهن ڪيڏڪي، ڏاها ڪين ڏسن؛
مدهوش خواب خيال جي، ڪوڙا قصا ڪن؛
هڪڙو اکر پريم جو، ساهي رکن نه من؛
پنهنجون پيتو جن، سي مائل ٿيا مهراڻ ۾.

تخلص:

ساميءَ صاحب پنهنجو تخلص ڪڏهين ڪهڙي مصرع ۾ ٿو ڪم آڻي ته ڪڏهين ڪهڙيءَ ۾، جنهن هيٺين مثالن مان ظاهر آهي:

پهرين مصرع: ساهي ڇوي سواد، جنهن کي آيو سهج جو؛
سي ڪنهن سان ڪرن ڪيڏڪي، وائي ۽ وڪاد؛
هار جيت دک سک کون، عاشق رهن آزاد؛
ڪري مدعي مات، مليا ستهه سروپ سان.

ٻي مصرع: عاشق سڀ مڇي، آڳيا عجيبن جي؛
ساهي رهي سک ۾، وڃن ڪين پڇي؛
ٽوڙي سر وڇي، ڀر نه وڃهي ڀونٽي.

ٽين مصرع: ڀرچي ڀڃڙا ڀند، عاشق سچيءَ سک سان؛
لنگهيا پار سمنڊ جي، ڀنا ٻيڙيءَ ٻند؛
وڃي سوکم ديس ۾، ساهي هنيائون سند؛
ڪيري ڪلپت ڪند، سمکه ٿيا سروپ جي.

چوٿين مصرع: ڪو عاشق جن اڇي، مٽن جي مجلس ۾؛
ڪميو خلاصو ڪري، جنهن کي سک سچي؛
پتنگ جئن پاڻ کي، ڏسي مچ مچي؛
ساهي رنگ رچي، ستهه سپرين جي.

اهڙا ڪي ٿورا سلوڪ آهن، جن ۾ سامي صاحب پنهنجو تخلص نه آندو هي.

تجنيس حرفي:

مٿين مثالن مان پڌرو آهي ته قافيي جي لحاظ کان به، سامي صاحب جو شعر پڪو ۽ پختو آهي ۽ هن صاحب، قافيي جي هم آوازيءَ جي اصول کي ترڪ نه ڪيو آهي. ازانسواءِ، تجنيس حرفي (Alliteration) به ٻين ٻرک سنڌي شاعرن وانگر، نهايت سهڻائيءَ سان استعمال ڪئي اٿس. اها صنعت، سنڌي شعر جو خاص زيور آهي. البت، سامي صاحب جي واڻي (سلوڪ) ٻين شاعرن جي ڪلام جيان، گائڻ وڄائڻ جي سرن موجب چيل نا هي. سامي صاحب جون ڪافيون ۽ شبد هيمشر الوپ آهن ۽ ٻر سمجهجي ٿو ته اهي ضرور گائڻ وڄائڻ جي سرن موجب چيون هونديون.

ماترائون:

اڪثر ڏٺو ويو آهي ته ساميءَ جي سلوڪن ۾، ڪنهن به مصرع ۾ ماترائون، مقرر انداز کان وڌي نه ٿيون وڃن. شاهه، سچل ۽ بيدل جي ڪن بيتن ۾، پارسي ۽ عربي حوالا اچي ٿا وڃن. جڏهن مصرع ۾ ڪو پارسي يا عربي حوالو اچي ٿو وڃي، تڏهن مصرع جون ماترائون، مقرر تعداد کان وڌي ٿيون وڃن. مثلا هيٺئين بيت جي ٻي مصرع ۾، ماترائون مقرر انداز کان وڌيل آهن، ڇو ته منجهس

شاهه عنايت شاهه جي چئل پارسي مصرع، تضمين طور آندل آهي:

گهڙي گهڙ و همت ڪري، ڀون ڀاري ڀڳ،
* سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد، وصل اهوئي وڳ،
راس جنين جو رنگ، الا! سي اڪاريين.

(شاهه - سر سهڻي)

سامي صاحب جيتوڻيڪ گهڻن گرنٿن جا ويچار پنهنجي وائيءَ ۾ آندا آهن، تڏهن به هن صاحب، ڪٿي به ڪنهن پستڪ مان ڪو جهڙسي منتر يا سلوڪ، حوالي طور نه آندو آهي. گهڻي ۾ گهڻو ته ڪنهن پستڪ مان ڪو اشارو

---

* مرزا قليچ بيگ، "سر سهڻيءَ" جي شرح ۾ لکي ٿو: "انهيءَ پارسي مصرع آڻڻ ڪري، سنڌي بيت جي مصرع، شعر جي وزن کان وڏي ٿي پئي آهي، پر شاهه صاحب بعضي قرآن جون آيتون به انهيءَ طرح آنديون آهن ۽ اڳئين وقت جي ڪن ٻين شاعرن به آنديون آهن، جهڙوڪ مولوي مخدوم شاهه عنايت ۽ مولوي علي عثمان. جڏهن ته سنڌي مشهور آهي." سڄو بيت هي آهي: سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد. اين بار گران بود ادا شد چه بجا شد.

مرزا قليچ بيگ وڌيڪ لکي ٿو: "اهو غزل، شاهه عنايت صوفيءَ جو آهي ۽ گهڻن ٻين به، انهيءَ تتبعي لي اهڙا غزل جوڙيا هوا. اهڙو غزل غلام شاهه ڪلهوڙي جو به جوڙيل آهي ۽ مير نصيرخان جو به آهي."

SOORIH SINDHI ADAB

ڏيئي، پنهنجو من گھريو آتمڪ ويچار پيش ٿو ڪري، جنهن هيٺيون مثال ٿو ڏيکاري:

برهم آتم گيان، سمجھ نه مٽي من جي؛
ٿوڙي سڀ ساڌن ڪريان، پڙهن ويد پران؛
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي ائين چيو.

مٿين سلوڪ ۾ فقط سري ڪرشن ڀڳوان جي گيان وارتا ڏانهن اشارو ڪيو اٿس ۽ نه گيتا مان ڪو جهڙي سنسڪرت ۾ سلوڪ ڏنو اٿس. شاه صاحب جي ڪلام ۾، قرآني آيتن، حديثي حوالن ۽ عربي قولن جي ڪمي ڪانهي. هتي هڪ ٻي مثال ڪافي آهي:

ڪونهي ڪنائون، اڄ پرڀ اکڙين سين؛
ماس وراهي هلڻا، ڪر لڳن ڇڏيائون؛
* وتواصوا بالحق وتواصوا بالصبر، اهڙي آئيائون؛
مُٺي ماريائون، ڪلهي گھايو سڄڻين.
(سر پورب سنڌي)

شاه جي ڪلام ۾، اهو ڪو عيب ناهي، پر هڪ نزاڪت آهي، جا هو صاحب نهايت دلڪش نموني ۾ ادا ٿو ڪري. ڪيترن هنڌ نه عربيءَ سان گڏ، انهي سهڻي نموني ۾ معني به ڏيئي ٿو وڃي. درحقيقت، اها

* "حق جي حڪم ۽ صبر جي وصيت ڪريو."

SOORIH SINDHI ADAB

صنعت، سنڌ جي قديم شعر جي معنوي سونهن کي وڌائي ٿي.

ساميءَ جو هر سلوڪ، قافيي ۽ ماترائن جي لحاظ کان پورو ۽ پختو هليو اچي ۽ هن صاحب ڪٿي به قاعدي جو اُلنگهن نه ڪيو آهي. ⌽ ثابت آهي ته قانون لوڙي معنيٰ جي لحاظ کان، سامي صاحب هڪ اعليٰ پدويءَ وارو شاعر آهي.

SOORIH SINDHI ADAB

پورو ٿيو

⌽ "قافيي نسبت، سامي صاحب جا ڏوهيڙا بلڪل پختا آهن. ڪٿهن ورلي سلوڪ ۾، قافيي جي هم آوازيءَ جو اصول ترڪ ٿيل آهي، مگر اهڙي فروگذاشت، ڪٿهن به درويش جي ڪلام ۾ عيب نه ليکبي."

(مسٽر محمد صديق ميمڻ - "سنڌ جي ادبي تاريخ")

SOORIH SINDHI ADAB

Printed at the DOULAT Printing Press,
Vithalwadi, Ranade Road Extension, Dadar (B.B.C.I.)
and Published by
Prof. C. L. Mariwalla, Jai Hind College,
Bombay 1.

SOORIH SINDHI ADAB

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani